# سنڌي ٻولي

## لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

ڊاڪٽر قاسم ٻگھيو

# سنڌي ٻولي

## لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

(Studies in Sindhi Language, Linguistics,
Literature and Society)

# سنڌي ٻولي

## لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

(سنڌي ٻولي، لسانيات، ادب ۽ سماج جو اڀياس)

ڊاڪٽر قاسم ٻگھيو

Sindhica
سنڌيڪا

كتاب نمبر

79

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 1998ع
ڪتاب جو نالو: سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين
ليکڪ: ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملهه: 130 رپيا

"Sindhi Boli
Lisaanyat Khaan Samaaji Lisaanyat Taeen"
(Sindhi Language: Linguistics to Socio Linguistics)
By: Dr. Qasim Bughio
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290

**حوالو**

1ـ سنڌي ٻولي 2ـ لسانيات 3ـ سماجي لسانيات 4ـ ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي 5ـ ٻوليءَ بابت حڪمت عملي ۽ رٿابندي 6ـ سماجيات 7ـ شاعري 8ـ ادب ۽ تنقيد 9ـ ٻگهيو، ڊاڪٽر قاسم 10ـ سنڌيڪا اڪيڊمي

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ
ڪراچي 74400

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر طرفان | نوراحمد ميمڻ | 11 |
| پيش لفظ | سراج | 13 |
| ٻه اکر | ڊاڪٽر هدايت پريم | 21 |

لسانيات کان سماجي لسانيات تائين 25

سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت غير لسانياتي مفروضا 40

پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي 57

ٻوليءَ ۾ ڦير گهير/ تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ 73

شاعريءَ جو سماجي ڪارج 88

شاهه لطف الله قادري- اساسي شاعريءَ ۾ سندس سماجي، لسانياتي، فني ۽ فڪري اهميت 100

سچل ۽ سنڌي سماج جو اڀياس 115

اسان جو ثقافتي ورثو 124

معما: سماجياتي تاريخ جي اڀياس لاءِ لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف 144

اختلاف راءِ جي اهميت 153

گهڻ ٻولي سنڌ ۾ سماجي لسانيات 160

سنڌي ٻوليءَ تي جديد انداز سان تحقيق جي ضرورت 178

ٻولي ۽ تعليم بابت عملي رٿابندي 198

سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ۽ اسان جون ذميواريون 219

| | | |
|---|---|---|
| قلم تازو | ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو | 237 |

# انتساب

پنهنجي محترم ۽ مهربانن پروفيسر محرم خان، شيخ اياز ۽ پروفيسر پيٽر ٽرڊگل (Peter Trudgill) جي نالي.

**پروفيسر محرم خان**، جنهن سنجيده علمي موضوعن تي پڙهڻ، لکڻ ۽ ابتدائي طور تنقيد ۽ تحقيق جي فن سان روشناس ڪرايو.

**شيخ اياز**، جنهن جي شاعري توڙي نثر جو اڀياس ۽ سمجهه سنڌين جي سماجياتي روين، تاريخ ۽ انساني عظمت ۽ آزاديءَ ڪان علاوه ٻوليءَ جي مامرن بابت تحقيق ۽ تنقيد جون نيون راهون کولي ڇڏيون.

**پروفيسر پيٽر ٽرڊگل (Peter Trudgill)**، جنهن جي ليڪچرن، مقالن، ڪتابن ۽ ذاتي ڪچهرين ۽ فڪري بحثن منهنجي لاءِ لسانيات ۽ ان سان لاڳاپيل سماجياتي مسئلن کي سمجهڻ جا نوان رستا کوليا ۽ ٻوليءَ جي سمجهه ۽ اهليت کي انسان جي بنيادي حقن ۽ روين بابت مامرن کي حل ڪرڻ خاطر ڪوشش لاءِ اُتساهيو.

# پبليشر طرفان

انساني زندگي ۽ ان جي ڪارج بابت سوچ ويچار انسان جي طبعي خصلت رهي آهي ۽ منڍ کان وٺي انسان ان بابت سوچيندو آيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان اوائلي دور کان وٺي پاڻ کي الاهياتي ۽ فلسفياڻي غور ۽ فڪر ۾ رڌل رکيو. اوائلي دور ۾ جيئن ته معلومات ۽ تجربن جا ڪي وسيع وسيلا انسان جي سامهون نه آيا هئا تنهن ڪري ان پنهنجي چوڌاري موجود فطرت جي مظاهرن کي ڏسي فطرت زندگي ۽ انهيءَ جي ڪارج بابت الڳ الڳ رايا قائم ڪيا. خدا تعاليٰ جي پيغمبرن ۽ سڌارڪن پاران انسان کي فطرت ۽ زندگي کي جاچڻ لاءِ دنيا جو مشاهدو ڪرڻ ۽ خدا جي بابت اجايا خيال ڇڏي سندس تخليق ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اهڙا حڪم آخري الهامي ڪتاب قرآن مجيد ۾ باربار آيل آهن. انهن حڪمن جي روشنيءَ ۾ مسلمان حقيقت جي ڳولها ۾ لڳي ويا ۽ انهن اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي طب، نباتات، فلڪيات، رياضي ۽ علم ڪيميا ۾ مشاهدن ۽ تجربن جا شاندار مثال قائم ڪري انساني زندگيءَ کي فعال رکڻ ۾ انهن شين جي مددگاريءَ کي واضح ڪيو. ليڪن فطرت ۽ زندگيءَ کي حسين روپ ۾ پسڻ جي لاءِ انهن شين کي ذريعي حيثيت ۾ رکيو ويو. پوءِ جڏهن مسلمانن وٽان انهن علمن جو يورپ جي طرف انتقال ٿيو ته انهن شين کي بذات خود مقصد جي حيثيت حاصل ٿي وئي.

يورپ جي ڏاهپ حقيقت ۽ شين جي انهيءَ معنوي تبديليءَ تي ڪنهن حد تائين پنهنجي بي چيني ڏيکاري، ليڪن هڪ ته اتان جي سياسي نظامن تي قابض ڌريون انهن تي حاوي رهيون ۽ ٻيو فطرت ۽ زندگيءَ جي حسن ۽ حقيقتن بابت هو ڪنهن به سامايل الاهياتي فڪر ۽ سوچ کان خالي هئا. انهيءَ ڪري سندن سوچون يورپ ۾ تبديليءَ وارين انهن ٽنهي پوين صدين ۾ انسانن کي وڏن نقصانن کان بچائي نه سگهيون.

اڻويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ ويڙهه جي سنگين تجربن پوئين اڌ جي لاءِ نيون وٿون نروار ڪيون، جن سان علمن کي انسانن لاءِ موثر بنائڻ جون به ڪيتريون صورتون سامهون آيون. توڙي جو فطرت ۽ زندگي بابت علمن جي نئين تدوين نه ٿي تنهن هوندي به زندگيءَ سان لاڳاپيل فني ۽ سماجي علمن کي سائنس ڪري پڙهڻ جي رواج پيو جنهن سان انساني زندگيءَ لاءِ مددگار طبعي سائنسي علمن جو ربط

پيدا ٿيو. نتيجي ۾ سماجي طرح ڪيترين ئي چڱاين سامهون آيون.

ان جي برعڪس هتي اسان وٽ سماجي ۽ فني علمن کي سائنس ڪري پڙهڻ جو هيستائين به ڪو هوش ۽ خيال ئي ڪونهي. بلڪ جن علمن کي ٻاهر سائنس ڪري پڙهڻ جو آغاز ٿي چڪو آهي هتي ان تسلسل سان پاڻ ڪِندي هلڻ جو ڳمان به ڪونهي. ڪن ماڻهن کي يورپ ۾ وڃي اتان جي علمي ادارن مان سيراب ٿيڻ جو موقعو مليو ٿو ته (علامه آءِ آءِ قاضيءَ کي ڇڏي ڪري) ڪِنهن ۾ ڪِنهن اسان جي سنڌ جي سوسائٽيءَ ۾ ان جا فائدا سامهون نٿا اچن. انهيءَ جا اڪيچار سبب آهن. سڀ کان وڏو سبب هي آهي ته اسان جي زندگيءَ ۾ علم حاصل ڪرڻ جو ڪو اعليٰ نصب العين ڪونهي. بلڪ پنهنجي لاءِ رڳو هڪ روزگار جو ذريعو پيدا ڪرڻ آهي. ٻيو سبب هي آهي ته يونيورسٽين ۾ ڏنل ڊگري ماڻهوءَ ۾ استعداد پيدا ٿيڻ جي سند هوندي آهي. ان سند ملڻ کان پوءِ اصل ڪم ته بعد ۾ ڪرڻو هوندو آهي. پر اسان وٽ سند کان پوءِ "اصل ڪم" اصل ڪونه ٿيندو آهي. ٿيون هي ته اسان وٽ جنهن کي به ڪنهن علم جي سند ملي ته ٿي هو پنهنجي جاءِ تي ان علم جو اَپي خان ٻتجي ويهي ٿو. هينئر ان کي جيڪا ضرورت آهي ته هو پنهنجي علم سان لاڳاپيل ٻين علمن کي به پڙهي سو هرگز نٿو ٿئي. تاريخ وارو ماڻهو علم جاگرافي، علم نفسات، علم شهريت وغيره پڙهڻ جي لاءِ تيار ئي ڪونهي ۽ فزڪس وارو، تاريخ مذهب ۽ فلسفي کي هٿ لائڻ جي لاءِ تيار ئي ڪونهي. نتيجي ۾ ماڻهوءَ جي اڪيلي علم جو فائدو پيشي جي صورت سندس ذات کي ته ملي ٿو پر سوسائٽيءَ ۾ ان جا جوهر سامهون نٿا اچن.

مٿي ذڪر ڪيل علمي ترقيءَ جي تسلسل ۾ علم لسانيات کي هينئر يورپ ۾ هڪ سائنسي علم جي طور تي پڙهيو پيو وڃي. محترم ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو کي سماجي لسانيات جي هڪ موضوع تي لنڊن ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ جو موقعو مليو. ان جي روشنيءَ ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي مختلف موضوعن تي مضمون لکيا آهن. هي ڪتاب سندس انهن مضمونن جو مجموعو آهي. مختلف علمن تي اڪيڊمڪ ڪتاب ڇپڻ سنڌيڪا جي روايت آهي ۽ هي انهيءَ سلسلي جي ڪڙي طور پيش ڪندي اسان پنهنجي لاءِ خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون.

**نور احمد ميمڻ**

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

# پيش لفظ

مونکي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ منهنجي نوجوان دوست ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي کهڙي سبب ۽ کهڙي حوالي سان پنهنجي هن سائنسي ۽ علمي تصنيف تي پيش لفظ لکڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي. پيش لفظ اهڙن عالمن يا ماهرن کان لکائبو آهي جيڪي مصنف کان وڌيڪ علم وارا ۽ وڌيڪ لياقت وارا هوندا آهن يا گهٽ ۾ گهٽ اوتري علم ۽ لياقت وارا هوندا آهن جيترو علم ۽ جيتري لياقت مصنف رکندو آهي، ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو سماجي لسانيات ۾ ڊاڪٽريٽ ڪري آيو آهي، ۽ مون لسانيات کي هڪ موضوع (Subject) طور ڪنهن بہ سطح تي درسي يا رسمي تعليم (Formal Education) دوران ڪو نہ پڙهيو هو. (مون ايم. اي. معاشيات ۾ ڪئي.) ادب جي حوالي سان منهنجو ميدان (Arena) ڪهاڻي ۽ ناول (Fiction) رهيو آهي يا ڪالم نويسي ۽ مضمون نگاري ڪندو رهيو آهيان.

لسانيات سان منهنجو واسطو محض هڪ اتفاق هو ۽ ان اتفاق مون کي لسانياتي علم جي مختلف موضوعن ۽ شاخن جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ٿيو هيئن جو پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ ۽ سٺ واري ڏهاڪي جي ابتدائي سالن ۾ ٻوليءَ جي بڻ بنياد، ان جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جي حوالي سان ڪي غير علمي، غير سائنسي ۽ جانبدارانہ مضمون (۽ پوءِ ڪتاب) ڇپجڻ شروع ٿيا. ان وقت سنڌ جا ماڻهو ۽ خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اديبن جو لڏو ون يونٽ جي مخالفت ۾ ميدان ۾ ٽپي پيا هئا ۽ سنڌ جي وجود لاءِ ويڙهاند ۾ هڪ ڏر بڻجي ويا

هئا. ان جنگ جڏهن سنگين صورت اختيار ڪئي، تڏهن سنڌي ٻولي ٻه مرڪزي نقطو بڻجي وئي. ان جي انتها ان وقت تي جڏهن ووٽرن جي لسٽن جي سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ لاءِ مظاهرا ٿيا. گرفتاريون ٿيون. هونئن ٻه سنڌ جي وجود جي جنگ جو هڪڙو حوالو اهو ٻه هو ته بينگال وانگر سنڌ کي ٻه هڪ پنهنجي قديم، سڌريل ۽ ترقي يافته زبان آهي ۽ ون يونٽ جو پهريون شڪار سنڌي ٻوليءَ کي بڻايو ويو. اينٽريقدر جو ريلوي اسٽيشنن جا هڪ صدي پراڻا نالا ٻه تبديل ڪيا ويا. ان جي مقابلي طور سنڌ جي اديبن ٻولي ۽ ادب کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ ڏينهن رات جدوجهد ڪئي؛ جيترو ادب ان دور ۾ تخليق ٿيو. اوترو وري ڪڏهن ٻه نه ٿيو. ڪتابن ۽ رسالن تي بندشون پيون پر سنڌي اديب پنهنجي جدوجهد کان باز نه آيا.

اقتدار جي ڏٺين اهو سڀ ڪجهه اکين سان پئي ڏٺو، پر هنن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هن تيز ۽ تند وهڪري کي ڪيئن بند ٻڌجي. نيٺ ڪنهن "ڏاهي" هنن کي صلاح ڏني ته ان جو هڪڙو رستو اهو آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي سنڌي قوم پرستي جي حوالي طور استعمال ٿيڻ کان روڪجي، ۽ ان جو هڪڙو ئي ذريعو هو ته ڪن "عالمن" ۽ "ڏاهن" کي تيار ڪجي جيڪي هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، قدامت ۽ ترقي يافته حيثيت کي لائڻون ڪري ڏيکارين ته ٻئي طرف ان قوم پرستيءَ کي اسلام، پاڪستان ۽ قومي وحدت جو دشمن ثابت ڪجي، ۽ ايئن ڪرڻ ۾ مک اديبن کي ڪافر، ملحد، پاڪستان دشمن ۽ الائجي ڇاڇا ثابت ڪجي! هي جنگ جو هڪ نئون مورچو هو ۽ ان مورچي تان اهو ٻه طرفو حملو شروع ٿيو. "مجاهد" ميدان ۾ اچي ويا.

ائين سنڌي ٻوليءَ تي هڪ "عالمانه" حملو شروع ٿيو، ۽ ان جي بڻ بنياد، ان جي ترڪيبي حيثيت، ان جي سچائيءَ، ان جي تاريخ ۽ سياسي ۽ سماجي حيثيت جي باري ۾ "تخليقون" پيش ٿيڻ لڳيون. اهي محترم مصنف ۽ "ڏاها" تاريخ کان يقيناً واقف هئا. هنن کي خبر هئي ته

سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙو اهڙو دور آيو، جڏهن 1947ع کان اڳ ۾ نئين ڪنڊ جي آزادي لاءِ جدوجهد زور ورتو، ۽ اهو محسوس ٿيو ته اڳتي پوءِ انگريز هندستان مان هليا ويندا ۽ نئين ڪنڊ آزاد ٿيندو تڏهن سنڌ جي قوم پرست لڏي به پنهنجو موقف پيش ڪيو: چاليهن واري ڏهاڪي ۾ جڏهن آزاديءَ جا مختلف فارمولا پيش ٿيڻ لڳا، تڏهن سنڌي قوم پرستن اهو مطالبو ڪيو ته انگريزن سنڌ کي هڪ آزاد ملڪ طور فتح ڪيو هو، پوءِ انجي پويان ڪٿي چارلس نيپئر جي بدنيتي ۽ انڪل بازي جو ڪردار ڇو نه هجي. پر حقيقت اها هئي ته سنڌ 1843ع ۾ هڪ آزاد رياست هئي ۽ هاڻ جيڪڏهن هندستان کي ڪنهن علائقائي (Zonal) بنيادن تي آزاد ڪرڻ جي ڪا اسڪيم آهي ته ان رٿابنديءَ ۾ سنڌ کي بنهه الڳ حيثيت ملڻ گهرجي ۽ "آزاد سنڌ" سنڌين جو حق آهي هنن وٽ هڪ مضبوط ترين دليل هو جيڪو ناقابل ترديد تاريخي حقيقتن تي مبني هو ته سنڌ واحد "علائقو" آهي جيڪو صدين کان 1843ع تائين الڳ ملڪ هو. سنڌ جي پنهنجي منفرد تاريخ ۽ جاگرافي آهي، جنهن جي الڳ ۽ منفرد تهذيب کي سموري دنيا سڃاڻي ۽ تسليم ڪري چڪي آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ان کي پنهنجي الڳ ترقي يافته زبان آهي.

ائين سنڌي ٻولي ان وقت به سنڌي قوم پرستيءَ جو هڪ محور هو. ان محور کي ٽوڙڻ لاءِ ان وقت به هندو مذهبي شاونزم (Chauvinism) هڪ ڏر طور ميدان تي لهي آئي، ۽ سوين مضمون ۽ ڪتاب نهايت "علمي" ۽ "تاريخي" دستاويزن جي آڌار تي ڇپجڻ لڳا، جنهن ۾ اهو نظريو پيش ڪيو ويو ته سنڌ آريه- ورت جو حصو هئي، ۽ سنڌي ٻولي ڪا ايتري قديم يا سڌريل زبان ڪانهي، اها ته رڳو سنسڪرت جي هڪ بگڙيل پراڪرت جي به بگڙيل صورت "وراچڊ اپڀرنش" هئي. ان معنيٰ ۾ نه رڳو ايتري قديم ڪانهي، پر آرين جي ٻولي سنسڪرت جي تمام ويجهي زماني جي ڄائي آهي. ان ڪري سنڌ

جي آزادي جو بوليءَ جي آڌار تي مطالبو ڪو ايترو وزن نٿو رکي.

ان پس منظر ۾ جڏهن پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سنڌ کي "ون يونٽ" ۾ سلهاڙيو ويو، اردوءَ کي قومي ۽ سرڪاري زبان ٺهرايو ويو، ۽ يڪجهتيءَ جي نالي ۾ قوم پرستي هڪ ناقابل معافي ڏوهه بلڪ قابل تعزير گناهه بڻيو ۽ سرڪار نامدار "عالمن" ۽ "محققن" کي ان ڪم تي مامور ڪيو تہ اهي سنڌي قومپرستيءَ جي پاڙپٽڻ ۾ پنهنجي "علم"، "اپياس" ۽ "تحقيق" کي استعمال ڪن، ان جي بنيادي اساس (Fundamentals) کي مشڪوڪ بڻائي ڇڏين، تڏهن رفتہ رفتہ ڪيئي مضمون، رسالا ۽ ڪتاب ميدان ۾ اچڻ لڳا، جن ۾ سنڌ کي "باب الاسلام"، اردوءَ کي "پاڪستان جو جواز" ۽ قوم پرستيءَ (جنهن کي صوبائيت يا صوبائي عصبيت جو نالو ڏنو ويو) کي اسلام ۽ پاڪستان دشمنيءَ تي مبني تحريڪ طور پيش ڪيو ويو.

ان ئي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي، منهنجي نهايت لائق احترام دوست ۽ مڃيل استاد ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا مضمون ڇپيا، جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ بہ تاليف ٿيا. سندس ڪتاب ۾ علمي رعب تاب اوج تي هو. هن صاحب اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌيءَ کي هڪ بوليءَ طرح پنهنجو وجود رهيو ئي ڪونهي، ۽ اها زبان بنهہ ويجهي تاريخ ۾ هڪ مڃيل زبان بڻي آهي. ان جو سنڌ جي قديم تهذيب جي آثارن يعني موهن جي دڙي مان لڌل بوليءَ سان ڪو واسطو ڪونهي، ان ڪري ظاهر آهي تہ اها قدامت جي دعويٰ نٿي ڪري. هونئن بہ موهن جي دڙي جي بولي سامي (Semetic) سٽ جي ڪا بولي آهي، ۽ اهوئي سبب آهي تہ هن وقت بہ سنڌي بوليءَ کي پنهنجا حرف علت (Vowels) ئي ڪونهن. هن "ڪڪڙ"، "گدڙ" جهڙن لفظن جو مثال ڏيئي چيو تہ ڏسو عربيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ بہ حرف علت کانسواءِ لفظ ٺهي ٿا سگهن، ۽ ظاهر آهي تہ ان کي عربيءَ ئي ان جي موجوده صورت تي پهچايو آهي: عربيءَ جا سوين (ڪرڙ) لفظ

۽ محاورا انڪري ئي سنڌيءَ جي جوڙ جڪ ۾ نظر اچن ٿا.

ان سڀاڳئي مورچي ۽ محاذ تان محترم رشيد لاشاري صاحب، محترم علي نواز جتوئي صاحب، محترم سردار علي شاهه صاحب، محترم مولوي خير محمد نظامائي صاحب، محترم ڪريم بخش نظامائي صاحب ۽ ٻيا ڪيترا محترم صاحب سنڌي قوم پرستيءَ کي سائين جي ايم سيد، ابراهيم جويو صاحب، شيخ اياز، رسول بخش پليجي ۽ مون جهڙن "ملحدن" جي "اسلام دشمني" ۽ "پاڪستان دشمنيءَ" سان تعبير ڪرڻ لاءِ لاڳيتي جهاد ۾ مصروف ٿي ويا. انهيءَ "اسلام" ۽ "الحاد" جي ويڙهاند جي پويان ڪهڙيون قوتون هيون، انهن جي نشاندهيءَ جي به هاڻ ضرورت نه رهي آهي.

سو جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ۽ سياسي حيثيت ۽ ان جي قدامت ۽ انفراديت تي حملا ٿيا، تڏهن آءٌ به سندرو ٻڌي ميدان تي لهي پيس. لسانيات جي الف بي کان چامسڪي تائين گهٽوئي نور نچوئي مضمون لکيم ۽ نيٺ 1964ع ۾ "سنڌي ٻولي" ڪتاب ڇپايم، ان ڪتاب لکڻ جا محرڪ يقيناً تاريخي، سياسي ۽ سماجي هئا پر مون ڪوشش ڪئي ته انکي لسانيات جي مڃيل سائنسي اصولن ۽ حوالن سان مستند ڪتاب جي حيثيت ۾ پيش ڪريان. آءٌ ان وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ هوس ۽ ڪتابن کي پڙهڻ لاءِ يونيورسٽين جي لئبررين ۽ ٻين ڪتبخانن لاءِ وقت ڪڍڻو پوندو هوم. ڪي ڪتاب ته منهنجي پهچ کان به ٻاهر هئا ۽ فوٽو اسٽيٽ جي رسم اڃا ايتري شروع ڪانه ٿي هئي. بهرحال ڪوشش جي باوجود ان ڪتاب ۾ ڪوڙ ساريون اوڻايون ۽ خاميون رهجي ويون، ۽ هڪ طرح سان اهو ڪتاب اڻپورو هو. پر هڪڙي ڳالهه، جا ان ڪتاب جي ڇپجڻ کانپوءِ سامهون آئي سا اها ته سنڌي نوجوانن، ۽ خاص ڪري شاگردن ۾ سنڌيءَ جي قدامت، تاريخي حيثيت، لساني حسب نسب ۽ انجي سماجي ارتقا جو چاهه پيدا ٿيو، ۽ هڪ علم طور "لسانيات" جي موضوع کي يونيورسٽيءَ جي پوسٽ

بنهـ پريءَ ڪٽيل (Isolated) آهي ان ڪري پين معاشرتي حاجن ڪانسواءِ اسان جي ٻولي بہ جمود جي سطح کان بہ پوئتي موٽي وڃي وڃڻ جي صورتحال تي پهچندي، بلڪل ائين جيئن ايسڪيمو (Eskimo) لوڪن يا ريڊ انڊين (Red Indian) لوڪن جي ٻولين وانگر فقط لساني تاريخ جي هڪ مثل ٻولي بڻجي ويندي. جيڪڏهن اسان ۽ اسان جي ادارن ان صورتحال کان بچڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو تہ پوءِ ٻوليءَ جي عدم وجود جي ڪري سنڌي معاشرو بہ عدم وجود جو مثال بڻجي ويندو، ان جا بہ ٻي سبب تہ ڊاڪٽر ٻگهيئي اشارن ۾ ڏسيا بہ آهن. هڪڙو تہ اسان جي پنهنجي پس ماندگي، ٻيو اسان جي ادارن جي تباهي ۽ غير سنجيدگي، ۽ ٽيون سنڌي ٻوليءَ سان عداوتن جا شعوري ۽ غير شعوري رويا، ۽ چوٿون اسان جو سائنسي ارتقا ڏانهن غير سائنسي رد عمل. اڄ جڏهن ڪامپيوٽر، اي ميل (E.Mail) ۽ انٽرنيٽ (Internet) جو زمانو آهي، تڏهن اسين مواصلاتي طرح اڃان ان سطح تي آهيون جو ڪنهن شادي غميءَ جو اطلاع هڪڙي ڳوٺ يا شهر کان ٻئي ڳوٺ تائين پهچائڻ لاءِ اٺ جي سواري، يا وڌ ۾ وڌ ڪنهن بس يا وئگن ۾ چڙهي اطلاع ڏيڻ جي سطح تي آهيون. اهڙي صورتحال ۾ مون جهڙو ماڻهو اهو چوي تہ سنڌي ٻولي بيشڪ قديم آهي، پنج هزار سال پراڻي آهي، منجهس هڪ فعال زبان طور سڀ خوبيون (يا خاميون؟!) موجود آهن پر جڏهن مواصلاتي سطح تي انساني لاڳاپن جي حوالي سان پٿر جي دور ۾، جمود جو شڪار ٿي مرڻ تي آهي، تڏهن قاسم ٻگهيئي جهڙو ماهر جڏهن اهو چوي تہ بلاشڪ اهي ڪمزوريون آهن پر سائنسي طرح جيڪڏهن اسين سنڌيءَ کي ارتقاجي سماجي علم سان ڳنڍي، ان کي مواصلات جي نئين عالمي نظام سان ڳنڍي سگهون ٿا، يا باوجود دشمنين ۽ عداوتن جي، اسين ان کي فعال ۽ زنده رکي سگهون ٿا، تڏهن قاسم ٻگهيئي جي ان رجائيت ۽ لياقت کي ساراهڻ کان رهي نٿا سگهون.

مون جيڪي قاسم ٻگھيئي جي هن ڪتاب مان پرايو آهي، سو هي آهي ته اڄو ته پٿر جي دور کان ڪامپيوٽر جي دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ايڏيون وڏيون پرانگهون پريون جو سماجي حوالي سان سنڌي معاشرو، هڪ معاشري طور، ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿي سگهي ۽ نه اسين پنٺي رهجي وڃون، ۽ نه اسان کي ڪو الزام ڏي ته ٻيلي، سنڌي ٻولي ڇاڪاڻ ته غير موافق حالتن، پنهنجن جي لاپرواهين، ۽ ٻين جي عداوتن ۽ دشمنين جو شڪار هئي، ان ڪري سندس ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ وارا همت هاري ويٺا، ۽ ان ڪري مري وئي!.

سنڌي ٻوليءَ جي ان حيات ۽ جيئري رهڻ جي جبلت جي حوالي سان قاسم ٻگھيئي جو هي ڪتاب هڪ اهم دستاويز آهي، ۽ ان کي، ڪن غير اهم اوڻائين جي باوجود، هڪ اهڙي حيثيت حاصل آهي، جنهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. شل اسان جا پيا استاد به هن جهڙي محنت ڪن، ۽ سائنسي بنيادن تي سنڌيءَ کي ان لائق بڻائين جو ان لاءِ اها هام هڻي سگهجي ته هائو ٻيلي، هيءَ زبان زنده رهڻ لاءِ ئي وجود ۾ آئي هئي.

سراج

12 نومبر 1997ع

# ٻه اکر

لسانيات، يعني ٻولين جي سائنس اسان وٽ ڪڏهن شجر ممنوع قرار ڏنل هو، سو هاڻ نهايت دلچسپ وٽندڙ ۽ نهايت ئي اهم موضوع بڻجي پيو آهي، ٻولين تي سائنسي انداز سان سوچ ويچار ڪري ٻولين جي مختلف خوبين ۽ خصوصيتن تي روشني وجهڻ وارو علم اڄ نهايت اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هن علم کي جديد دنيا ۾ نهايت گهڻي اهميت ملي چڪي آهي ۽ سڄي دنيا جي تقريباً سمورين يونيورسٽين ۾ لسانيات جو شعبو خود مختيار حيثيت ۾ قائم ٿيل آهي. بدقسمتيءَ سان اسان جهڙن ملڪن ۾ ائين نه آهي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي نصاب ۾ ادب سان گڏو گڏ فقط ٻه ڪورس لسانيات جا ايم اي فائنل تي رکيل آهن. هي ڪورس پڙهائڻ جي ذميواري ڊاڪٽر قاسم ۽ آئون سر انجام ڏئي رهيا آهيون، جڏهن ته اسان کان اڳي ڊاڪٽر الانا ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جن هيءَ ذميواري سنڀاليندا رهيا هئا.

نهايت خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه آهي ته سنڌ جو نوجوان ليکڪ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو برطانيه جي ايسڪس يونيورسٽي مان لينگويج ۽ لنگئسٽڪس ۾ پي ايچ ڊي ڪري آيو آهي. هن اچڻ کان پوءِ ۽ اڳ ٻه لسانيات ۽ ان سان لاڳاپيل ڪجهه موضوعن تي مقالا لکيا هئا. جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن. سندس هي مضمون ۽ انٽرويوز جيئن ئي رسالن ۾ ڇپيا، تيئن ئي سنڌ جي نوجوانن جو ڌيان سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ڇڪيو ۽ ڪيترائي ٻيا مضمون لکجي پڌرا ٿيا، اهڙي هڪ لهر ابري جنهن نوجوانن جو ذهن ولوڙي رکيو آهي. هاڻ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته

لسانياتي موضوعن کي نوان گس ۽ گهيڙ ملندا ۽ چڱو ئي مطالعاتي مصالحو تيار ٿيندو، جيڪو سنڌ جي نئين نسل لاءِ مشعلِ راهه ثابت ٿيندو. ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جو دلپسند موضوع سماجي لسانيات آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ اهم شاخ آهي. ٻوليءَ جو سماج سان تعلق جي باري ۾ هو چٽائيءَ سان چوي ٿو ته: ”ٻولي ۽ ان جو استعمال يعني ڳالهائڻ ئي شايد اهو سماجي تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جاندارن کان الڳ ۽ معتبر ظاهر ڪري ٿو. ماڻهپي ۽ انسان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون، جيڪا اسان کي ماڻهو بڻائي ٿي. ڪيترن ماڻهن جي مذهبي عقيدن، مفروضن ۽ فلسفي مطابق ته اها ٻولي ئي آهي جيڪا انساني زندگي ۽ طاقت جو ذريعو آهي.“

سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جا اثرات جڳن کان ٿيندا اچن ٿا. ٻوليءَ جي تاريخن ۾ اهو هڪ فطري امر آهي ته ٻولين ۾ تبديليون واقع ٿين ٿيون. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر قاسم پنهنجي راءِ وڏي واڪ ڏني آهي: ”مثال طور هتي جيڪڏهن آئون اهو چوان ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ موجوده تبديلي يا ڦير ڦار کي معروضي سياسي ۽ سماجي حالتن جو ڪارڻ ڄاڻائيندي ان تي ته سمجهان ۽ انهن کي عيب نه پر ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ شمار ڪيان ٿو ته جيڪر ڪيترائي ٻوليءَ سان جذباتي وابستگي رکندڙ، ٻوليءَ کي خالص رکڻ جا حامي ۽ ٻاهرئين اثرن کي قبول نه ڪندڙ يا وري اڌو ڳابرو لساني تعليم رکندڙ عالم مچر جي پون ۽ مون تي سنڌي ٻوليءَ خلاف هجڻ جون فتوائون صادر ڪن.“

سندس اها راءِ ته ”سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ڪجهه تبديليون ٻوليءَ جي ترقي آهي ۽ نه تنزلي“ تي سچ پچ ڪجهه عالمن جيڪي سنڌي ٻوليءَ تي ٿيندڙ خاص طور اردوءَ جي اثرات جي خلاف آهن، ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي سان اختلاف ڏيکاريو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي نج رکڻ جي مقصد لاءِ سنڌ ۾ ڪي حلقا ضرور موجود آهن. انهن کي قاسم صاحب

Purist سنڌي ٿيو. برطانيه ۾ انگريزي ٻوليءَ کي نج رکڻ لاءِ ٻڻ کي عالم هاءِ گهوڙا، ۽ دانهون ڪوڪون ڪري رهيا آهن. قاسم صاحب جي خيال ۾ سنڌ ۾ به سنڌي ٻوليءَ سان ساڳي حالت آهي. جيئن انگريزيءَ ۾ نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح داخل ٿي رهيا آهن، تيئن سنڌيءَ ۾ نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح ضرور شامل ٿيندا رهندا. ان کي ڪوئي روڪي نه سگهندو ۽ اها ٻوليءَ جي ترقي آهي ۽ تنزلي يا بگاڙو نه آهي. هن ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ سندس هيءَ دليل ڏيان لهڻي: "جيڪڏهن ڪنهن قوم جي ترقي ۽ تبديليءَ سان ان جي زبان ۾ ترقي ۽ تبديلي نٿي اچي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اها زبان ان قوم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل ثابت نه ٿي سگهي ۽ اها ٻولي ٻوءِ گهڻو وقت جيئرو رهي نه سگهندي..... خوشقسمتيءَ سان سنڌي ٻولي وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ ۾ تبديلي آڻيندي هن وقت به پنهنجي ڳالهائڻ وارن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل آهي."

هن ڪتاب ۾ شامل مقالا نهايت گهڻي اهميت جا حامل آهن. جديد تحقيق جي روشنيءَ ۾ لکيا ويا آهن. هن تحقيق لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ محنت مشقت سان معلومات (Data) گڏ ڪرڻ بعد چند چارٽ ڪري ڪن نتيجن کي اخذ ڪيو ويو آهي. هيءَ هڪ سائنسي رويو آهي جنهن کي مثال بڻائي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي نوجوان ذهن کي اهڙن نئي سائنسي لاڙن وسيلي فڪر جي روشن راهن طرف گامزن ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر هدايت پريم
سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي

# لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

[گذريل ٽيهن سالن دوران علم لسانيات يعني ٻوليءَ جي علم جو زمان، مڪان، ڳهاڙيٽي ۽ مختلف شاخن جي حوالي سان ترتيبوار مطالعو وقت جي ضرورت ۽ وقتائتي فڪر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. هن علم تيزيءَ سان پکڙجي ايتريقدر تہ مقبوليت حاصل ڪئي آهي، جو دنيا جون ڪيتريون ئي اهم يونيورسٽيون هن علم کي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جي نصابن ۾ شامل ڪري مڪمل سَندون ڏئي رهيون آهن. ترقي يافتہ دنيا جي ابتڙ پاڪستان ۾ هن علم بابت اڃا تائين سنجيدگيءَ سان ڪونہ سوچيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڪجهہ يونيورسٽين ۾ هن جديد علم جي تربيت حاصل ڪيل ڪجهہ استاد موجود آهن، پر انهن يونيورسٽين ۾ بہ رڳو تعارفي لسانيات ئي پاڙهي وڃي ٿي ۽ ان جي تفصيلي، تشريحي مطالعي کان علاوه لسانيات جي ٻين اهم شاخن طرف ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي.

ترقي يافتہ دنيا ۾ هن علم جي چرچي ۽ تحقيق سماجيات، نفسيات، فلسفي ۽ علم انسان جي ڄاڻن، استادن ۽ ڳالهہ ٻولهہ ۾ عيب، خرابي ۽ بي ترتيبي کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندڙ عالمن (Speech Therapist) کان علاوه ٻين ڪيترن ئي سماجي سائنس جي ماهرن کي احساس ڏياريو آهي تہ، ٻولي سندن ڪم ۽ زندگيءَ جي سمورين مصروفيتن ۾ تمام وڏي ۽ اهم جاءِ والاري ٿي. پر جڏهن انهن ان علم جي باري ۾ وڌيڪ ڪوجنا جي ڪوشش ڪئي تہ کين محسوس ٿيو تہ لسانيات جو موضوع ڳوڙهو، فني ۽ گهڻي قدر محدود قسم جو آهي.

هتي ڪوشش ڪئي وينديي تہ اهو ڳوڙهو ۽ فني مسئلو، تازين تحقيقن جي روشنيءَ ۾ چٽي ۽ غير فني (Non-technical) طريقي

سان پيش ڪري حل ڪيو وڃي. جيئن سماجي سائنس جي ماهرن کان علاوه عام پڙهندڙن کي بہ هن اهم موضوع بابت ڄاڻ ڏئي دلچسپي پيدا ڪري سگهجي. جنهن جا بہ چٽا ۽ سگهارا مقصد آهن: هڪ تہ، ٻوليءَ جي اهم حصن يعني شاخن تي ڏيان ڏئي ماضيءَ جي ورقن اٿلائڻ بدران، موجوده حالتون ۽ حال ۾ ٻوليءَ سان ۽ ٻوليءَ ۾ ڇاتي رهيو آهي جي کوجنا ڪرڻ: ۽ ٻيو تہ، ڪيئن لسانيات جي هن وقت تائين تسليم ٿيل خشڪ ۽ فني موضوع کي سماجي سائنس جي ٻين ضابطن (Disciplines) جهڙوڪ: سماجيات، نفسيات، فلسفي، ڳالهہ ٻولهہ ۾ مشق ذريعي سڌاري جي ڪوشش جي سگهيا جي ڳانڊاپي سان اپياس ڪري، عام سمجهہ لائق بڻائي، اهو تاثر ختم ڪرڻ آهي تہ هي سائنسي ۽ سماجي علم صرف چند مخصوص ڄاڻ رکندڙ ماڻهن جي لاءِ ئي مخصوص آهي. ٻين سماجي ۽ سائنسي علمن سان لاڳاپي وارن کي پڻ هن پاسي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هتي پڙهندڙ کي علم لسانيات جي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ علم لسانيات کان سماجي لسانيات جي ارتقائي سفر جو اپياس مختصر طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.]

انساني ٻوليءَ جو گهرائيءَ سان اپياس ڪرڻ ۽ جائزو وٺڻ سان اسان ٻوليءَ جي ان سمجهہ، وصف يا تشريح کي وڃي ويجهو ٿيون ٿا، جنهن کي ڪي ماڻهو انساني جوهر چون ٿا: "خاص دماغي اهليت جيڪا صرف ماڻهوءَ ذانهن منسوب ڪري سگهجي ٿي" (Chomsky ،1972). ماڻهو جڏهن هڪبئي سان واسطي ۽ لهہ وچڙ ۾ اچن ٿا تڏهن اهي ڪٿي ڪجهہ بہ ڪن، کهڙو بہ عمل ڪن: راند کڏن، ويڙهاند ۾ مصروف هجن يا پيار محبت ونڊين، ڳاڏيون ٺهرائين يا ناهين، دوڪان هلائين يا ڪاروبار ڪن، گڏ سفر ڪن يا آفيسن ۾ ڪم ڪار دوران هڪ ٻئي سان رابطي ۾ اچن، اهي ڳالهائين ٿا. اسين ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي انهيءَ ڪائنات ۾ رهون ٿا. اسين پنهنجي دوستن ۽ دشمن، گهر جي ڀاتين ۽

لاڳاپي وارن، پنهنجي زالن ۽ مڙسن، پنهنجي پيارن، استادن ۽ شاگردن، مٽن مائٽن ۽ پاڙي وارن سان ڳالهايون ٿا. اسين بس ڊرائيورن، ڪنڊيڪٽرن ۽ صفا اڻ واقف ماڻهن سان به ڳالهايون ٿا. ۽ موت ۾ هر ٻيو ماڻهو به ڳالهائي ٿو. ريڊيو ٽيليويزن وڏيڪ ڳالهائين ۽ لفظن جي ٻرمار ڪن ٿا. مليل وقت جو گهڻو حصو اهي هڪ طرفو ڳالهائڻ ۾ گذارين ٿا. اسان جي زندگيءَ جون تمام گهٽ گهڙيون بغير ڳالهائڻ جي گذرن ٿيون، پر انهن گهٽ ۽ خاموش گهڙين ۾ به ٻولي اسان جي دماغ ۾ گردش ڪندي رهي ٿي. اسان سنڌين جو ته گهڻو وقت ڪچهرين ۾ گذري ٿو. جنهن ۾ پڻ ڳالهائڻ جو عمل جاري رهي ٿو. اسان مان گهڻا ننڊ (جنهن کي اڌ موت به چيو وڃي ٿو) ۽ خوابن ۾ به ڳالهائين ٿا يا انهن سان ڳالهايو وڃي ٿو. اڪثر ڪري اسان پنهنجي منهن به ڳالهائيندا آهيون. جڏهن ڪو ٻڌڻ ۽ جواب ڏيڻ وارو به موجود نه هوندو آهي.

ٻوليءَ جو اهو استعمال يعني ڳالهائڻ ئي شايد اهو سماجي تحفو آهي جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ۽ معتبر ظاهر ڪري ٿو. ماڻهپي ۽ انسان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون، جيڪا اسان کي ماڻهو بڻائي ٿي. ڪيترن ماڻهن جي مذهبي عقيدن، مفروضن ۽ فلسفي مطابق ته اها ٻولي ئي آهي جيڪا انساني زندگي ۽ طاقت جو ذريعو آهي. ڪيترن افريڪي ماڻهن جي عقيدي مطابق ته، نئون ڄاول ٻار (KUNTU) هڪ شيءِ وجود يا جِيوَ آهي، پر منتو (MUNTU) يعني ماڻهو نه آهي (Fromkin and Rodman, 1993:11) . صرف سکڻ واري عمل سان ئي جِيو ماڻهو يا انسان ٿئي ٿو. ان عقيدي مطابق ته اسين سڀ ماڻهو ان ڪري ٻٽياسين يا ليکباسين جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻولي ڳالهايون ٿا. جڏهن اسين ڪا ٻولي ڄاڻون ٿا ته اها ڳالهايون به ٿا ۽ اها ٻين ماڻهن کي سمجهه ۾ به اچي ٿي جيڪي اها ساڳي ٻولي ڄاڻن ٿا. ان

هندي يا سنڌي هجي. ان ڳهربل اهليت کي ڪيترن ئي موضوعن ۽ شاخن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور لفظن جي ڄاڻ. انهن جو استعمال ۽ ذخيرو، آوازي سرشتي جي ڄاڻ . لفظن جي معنائن ۽ استعمال جي پوري سڌ. لسانياتي ڄاڻ جي تخليقي قوت، جملي ۽ غير جملي جي واقفيت، ٻوليءَ جي استعمال ۽ اثرن جي ڄاڻ . جملن جي بناوت وغيره. انهن مڙني ضروري ضابطن ۽ شاخن جي چند ڄاڻ ۽ پهت ڀچار اندروني يا ساختي لسانيات (Internal Linguistics) جي مدّ ۾ اچي وڃي ٿي.

اڳ ڪيل وضاحت مطابق هتي لسانيات جي سا. ي تشريح کان علاوه ان کي سماج جي مختلف ماپن ۽ ماڻن سان لاڳاپي سماجي لسانيات جي وضاحت ۽ اهيمت ٻاهرين يا بيروني لسانيات (External Linguistics) جي حوالي سان ڪئي ويندي. بيروني لسانيات مان مراد آهي ٻوليءَ جي بناوت ۾ ڦير ڦهير يا تبديليءَ تي ٻوليءَ کان ٻاهر جا اثر. يعني سماجي نا برابري، سماجي طبقن، سماجي ڦيرڦار ۽ تبديلي کان علاوه سماج ۾ رهندڙ مختلف گروهن جي ٻوليءَ جو پنهنجي ضرورتن مطابق استعمال، جنهن ۾ گروهن جي ڪرت، ڌنڌو، تعليم، رابطا، رهائشي ۽ سماجي طور طريقا، جاگرافيائي بيهڪ، جنس، سفر ۽ سياحت کان علاوه ذرائع ابلاغ جا اثر بہ اچي وڃن ٿا.

ڳالهائڻ خود هڪ مڪمل تهذيب آهي. لفظ ڪيترو بہ اختلافي يا تڪراري هجي لاڳاپا رکي ٿو. وليم لابوف (Labov,1972) جي تجزيي مطابق تہ "انساني دنيا کان ڪٽيل ۽ اڪيلائيءَ (Isolation) ۾ پليل ٻار ٻولي استعمال ڪونہ ٿو ڪري. ٻولي تڏهن استعمال ٿيندي جڏهن سماجي لڳ لاڳاپا وڌندا، نظرين تي بحث ۽ احساس هڪٻئي تائين پهچائڻ جي ضرورت ٿيندي". يعني سماج جو نهڻ. سماج جيڪو اصل ۾ ٻوليءَ جو خالق آهي.

ٻوليءَ ۽ سماج جي لاڳيل مطالعي کي عالمن ڪيترن ئي اصطلاحن (Terms) ۾ واضح ڪيو آهي، جن مان بہ نهايت ئي اهم آهن: هڪ

ٻوليءَ جي سماجيات ۽ ٻيو سماجي لسانيات. ٻوليءَ جي سماجيات (Sociology of Language) اصطلاح استعمال ڪرڻ وارن ۾ گهڻائي انهن جي آهي جيڪي سماجيات (Sociology) ۽ انساني اڀياس جي علم (Anthropology) کي اڳيان رکي، ٻولي انهن علمن کي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. جڏهن ته سماجي لسانيات (Sociolinguistics) جو اصطلاح استعمال ڪندڙ ٻوليءَ جي مطالعي ۽ سمجهه لاءِ سماج ۽ انساني اڀياس جي علم کان علاوه ٻين علمن کي هٿيار طور استعمال ڪن ٿا. سماجي لسانيات، اصل ۾ ٻوليءَ جي سائنسي علم کي سماج ۾ موجود يا اڳ ٿيل واقعن ۽ حالتن سان لاڳاپي اڀياس ڪرڻ جو نالو آهي. مثال طور ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ شاخ يعني صوتيات، گرامر يا لفظن جي اڀياس ڪرڻ لاءِ سماجي حالتن، سماجي رتبي، عمر جي فرق ۽ علمي اهليت کان علاوه ٻين ڪيترن سماجي ماڻن (Social Parameters) کي استعمال ڪرڻ. اسين انهن ٻنهي اصطلاحن کي پنهنجي مختلف مضمونن ۽ مختلف ضابطن تي ڪم ڪندي استعمال ڪنداسين. جڏهن ٻوليءَ جي سمجهه ۽ مطالعو مقصود هوندو ته سماجي لسانيات ۽ جڏهن سماج، سماجيات ۽ انساني اڀياس جي علم جي، سمجهه ۽ مطالعي لاءِ ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻو هوندو، تڏهن ٻوليءَ ٻي سماجيات جواصطلاح ڪتب آڻينداسين.

هن بحث مان ٿي سگهي ٿو ته ڪنهي اهو تاثر ملي ته سماجي لسانيات تي ڪم ڪندڙ لسانيات جي مختلف شاخن تحت ٿيل اڳوڻي سموري ڪم کي رد ڪري ٿو. پر حقيقت ۾ ائين نه آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته سماجي لسانيات جي تشريحن ڏيڻ کان اڳ لسانيات جي خالص علم کان سماجي لسانيات جي علمي سفر جو مختصر جائزو پڙهندڙ لاءِ پيش ڪجي.

ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ ٻوليءَ جا ڪيترائي روپ ٿين ٿا. جيڪي ٻوليءَ جي روايتي تشريحن کان علاوه آهن. مثال طور ٻوليون رڳو آوازن جو

اهو سرشتو ناهن جيڪي ساڳئي گروهه جا انسان هڪ ٻئي کي پنهنجي مقصد سمجهائڻ لاءِ وات مان ڪڍن ٿا. پر انهن نڪرندڙ آوازن کي ڪاغذن تي چٽڻ ۽ لکڻ جو هڪ تسليم ڪيل نظام ڳولهي لڌو ويو. جنهن کي ٻه عالمن علم لسانيات جاڻايو آهي. يعني ٻوليءَ جي اندروني بناوت، گرامر جا اصول، آواز، لفظن جو ذخيرو، انهن جون معنائون ۽ استعمال، لکڻ جا اصول ۽ صورتخطي وغيره.

سنڌي ٻوليءَ تي هن سلسلي جو ڪم اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان شروع ٿيو. جڏهن انگريز حاڪمن سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌي سکڻ جي اهميت محسوس ڪندي، لغتن (Dictionaries) ۽ گرامر جا ڪتاب تيار ڪيا. انهن جي ڏسندي ئي ڪيترن سنڌي عالمن پڻ ان سلسلي ۾ ڪوششون ورتيون. انهن اڳاٽن ڪمن مان ارنيسٽ ٽرمپ جو سنڌي گرامر ۽ جارج گريئرسن جو سنڌي ٻوليءَ جو سروي نهايت اهم آهن. سنڌيءَ تي ٿيندڙ پوءِ جي ڪم تي انهن ٻن اهم مطالعن جو ڀرپور اثر رهيو آهي ۽ ڪيترا ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ عالم انهن ٻن عالمن جي مشاهدن ۽ نتيجن کان ٻاهر نڪري اڳتي ڪم ڪري نه سگهيا آهن. جڏهن ته ان کان پوءِ ٿيل ٻئي ڪم مان ڪاڪي ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، ڊاڪٽر بوردي، ڊاڪٽر ٻچمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي جا ڪم وڏي اهميت رکن ٿا.

ٻوليءَ جي سائنس کي سمجهڻ لاءِ مختلف دورن جو مطالعو ڪري مختلف سرشتن کي تاريخ جي حوالي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن کي تاريخي لسانيات چيو وڃي ٿو. هتي اها ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته صرف ڪنهن ٻوليءَ جي تاريخي اوسر يا ترقي ۽ اسڪرپٽ جي مختلف مرحلن جو بيان ڪرڻ ئي تاريخي لسانيات نه آهي پر ٻوليءَ جي مختلف علمن ۽ سرشتن جي تاريخي اوسر يا ترقي ۽ اسڪرپٽ جي مختلف مرحلن جو بيان ۽ ٻوليءَ جي مختلف علمن ۽

## ٽيبل: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

سماج
Society

ٻولي
Language

لسانيات
Linguistics

ڀيٽا ڀيٽي / تشابهاتي لسانيات | تاريخي لسانيات
Comparative Linguistics | Historical Linguistics

جاگرافيائي لسانيات يا لسانياتي جاگرافي
Geolinguistics / Linguistic Geography

محاوراشناسي
Dialectology

جاگرافيائي محاورا
Geographical Dialects

لاڳاپي ۾ ايندڙ محاورا | لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻوليون
Dialects in Contact | Languages in Contact

سماجي لسانيات
Sociolinguistics

ٻوليءَ جي رٿا بندي
Language Planning
ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرڻ
Status of Language
گهرج مطابق ٻوليءَ جو گهاڙيٽو
Corpus Planning
ٻوليءَ جو واهپو ۽ حاصلات
Language Acquisition

ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي
Language Variation and Change
محاورا شناسي
Dialectology
سماجي محاورا
Social Dialects
سماجي آراڌايون (فرق)
Social Varieties

سرشتن جي تاريخي دؤر وار (Diachronic) اڀياس ڪرڻ کي تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) چئجي ٿو.

ٻوليءَ جي علم جي تاريخي اوسر جي اڀياس واري دور ۾ ٿي ٻولين جي ڀيٽا ڀيٽي (Comparative Study) وارو علم بہ متعارف ٿيو. جنهن تحت هڪ ٻوليءَجي خاصيتن کي ٻي ٻوليءَ جي ساڳي خاصيتن سان يا وري ساڳي ٻوليءَ جي مختلف محاورن (Dialects) ۽ آراڌين (Varieties) جي مختلف خاصيتن کي هڪ ٻئي سان ڀيٽي فرق معلوم ڪيا ويا. ان طريقي تحت هڪ ٻوليءَ يا آراڌائي جي هيئيت (Form) کي ڪٿي ٻي لاڳاپيل ٻوليءَ جي آراڌائيءَ جي هيئيت سان ڀيٽي، اڀياس ڪري سندن تاريخي لاڳاپن بابت نتيجا ڪڍيا ويا. هن سلسلي ۾ جان بيمس (Beames. 1872) جو ڪيل ڪم هندستاني ٻولين جو ڀيٽاڀيٽي اڀياس، جنهن تحت ستن ٻولين جي لسانياتي خاصيتن جو اڀياس ڪيو ويو، اهم آهي. جڏهن تہ تازو مون سنڌي ٻوليءَ جي ڪجهہ لسانياتي خاصيتن جو سماجي ۽ جاگرافيائي حوالن سان ڀيٽاڀيٽي اڀياس ڪيو آهي. جيڪو جلد ئي ڇپجي پڌرو ٿيندو. جهن ۾ اردو ۽ سنڌيءَ جي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ اچڻ ڪري لسانياتي خاصيتن ۾ تبديلين جو اڀياس پڻ ڪيو ويو آهي. ٻولين جا خاندان ۽ خانداني وابستگيون ۽ رشتا بہ هن ئي علم ذريعي طئہ ڪيا ويا. هن سلسلي ۾ سنڌيءَ بابت ارنيسٽ ٽرمپ، گريئرسن، مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ جئيرامداس دولترام جو ڪم اهميت رکي ٿو.

تاريخي ۽ ڀيٽا ڀيٽي لسانياتي مطالعن مان ئي جاگرافيائي لسانيات (Geolinguistics) جو علم اسريو. جنهن مطابق ٻولين جي ملڪي حدن اندر استعمال کان علاوه الڳ الڳ جاگرافيائي حالتن جو ٻوليءَ جي مختلف شاخن يعني صوتيات، گرامر، معنويت ۾ فرق ٿيڻ اچي وڃي ٿو. ساڳي ٻوليءَ جي شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ تفاوت جي مطالعي کي جاگرافيائي

حيثيت ڏيڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿو.

لسانيات جي علمي دنيا ۾ جاگرافيائي لسانيات تي ڪم اڻويهين صديءَ جي آخري ۽ ويهين صدي جي پهرئين اڌ ۾ پنهنجي اوج تي رهيو. جڏهن ته ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ پيسن جي کوٽ ۽ ٻين تعليمي ڪمن ۽ روزگار جي مسئلن جي اهميت حاصل ڪرڻ ڪري هي ڪم مانو ٿيڻ لڳو. ان سلسلي ۾ آخري ڪوششون ٻولين جي هڪ ٻئي سان لاڳاپن (Languages in Contact) ۽ واسطن ۾ اچڻ ڪري ٿيندڙ اثرن جي اڀياس سان ڪيون ويون. ان سلسلي ۾ وائنرخ (Weinreich,1953) ۽ مولٽن (Moulton,1962) جي ڪوشش جاگرافيائي لسانيات ۾ نظرياتي سگهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي (Chand,1985:94).

سنڌيءَ ۾ ان سلسلي جو اڀياس ڄمڻ خوبچندانيءَ، هندستاني سنڌيءَ کي نظر ۾ رکي ڪيو. هي ڪم تحقيقي اصولن مطابق ڪيل آهي. جنهن جي نتيجن مطابق هنديءَ جي اثر ڪري هندستان ۾ سنڌيءَ جو روپ بدلجي رهيو آهي. ان سلسلي جو هڪ ٻيو مطالعو شرف الدين اصلاحي (Islahi, 1970) "سنڌي اردو ڪي لساني روابط " نالي ڪتاب ۾ ڪيو. جيڪو ٻوليءَ جي لکيل مواد ۾ اڳ آيل ڪتابن ۾ ڏنل معلومات تي آڌاريل آهي. جڏهن ته ان سلسلي جو ڪم تڏهن اهميت حاصل ڪري مستند ٿئبو جڏهن تحقيق جو طريقو (Research Methodology) متعين ڪري لاڳاپيل ٻولين جي ڳالهائڻ واري خزاني کي ڪنو ڪري سائنسي تجزيي سان نتيجا ڪڍيا وڃن. بهرحال اهي ڪوششون به جاگرافيائي لسانيات ۾ نئون روح ڦوڪي نه سگهيون ۽ لسانيات جي انهن ٻن شاخن، جاگرافيائي لسانيات ۽ لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻوليون (Geolinguistics and Languages in Contact) جي لهي وڃڻ ۾ اچڻ ڪري جاگرافيائي لسانيات نون لسانياتي علمن کي جنم ڏئي پاڻ پنهنجا پساهه پورا ڪري هلندي ٿي (Chand,1985:94).

سماج ۽ ٻوليءَ جو پاڻ ۾ واسطو ڪو نئون ڪونہ آهي پر سماج ۽ ٻولي ٻئي هڪ ٻئي تي آڌاريل آهن. مختلف ليکڪن توڙي عام ماڻهن ۽ عالمن جي ٻوليءَ تي سندن سماجي حيثيت، رُتبي ۽ پس منظر جو اثر اَڳاتن وقتن کان نمايان رهيو آهي. ائين ئي جيئن ٻولين ۾ ٿيندڙ ڦيرڦار ۽ تبديليون بہ قدرتي ۽ فطري آهن. پر انهن تبديلين واري جاءِ معلوم ڪرڻ وارا اڀياس ۽ نتيجا هاڻي طئہ ٿيا آهن ۽ ٿي رهيا آهن. اهڙي طرح ٻوليءَ جي مختلف علمن جو سماجي حوالن سان اڀياس هن صديءَ جي پوئين اڌ ۾ شروع ٿيو. سماجي لسانيات تي ڪم جي اهميت تڏهن وڌي جڏهن لابوف (Labov, 1966 ) نوان تحقيق جا طريقا متعارف ڪرائي، سماجي لسانياتي تجزيا، شمارياتي انداز سان اڀياس ڪري ڇرڪائيندڙ نتيجا ڪڍيا.

انهن نتيجن وري ٻين سماجي لسانياتي اڀياسن لاءِ عالمن ۾ اُتساهہ پيدا ڪيو. جو اڄ سڄي دنيا مان مختلف عالم ٻوليءَ جي علم جو مختلف سماجي حوالن سان اڀياس ڪري رهيا آهن. سنڌ جا عالم بہ هنن نون علمن کان وانجهيل ڪونہ رهيا آهن. منهنجو سنڌي ٻوليءَ جو پيڻاپيڻي سماجي لسانياتي اڀياس ان سلسلي جو اهم ۽ بنيادي ڪم آهي. جنهن ۾ مون سنڌيءَ جي صوتياتي ڦرڻن (Variables) جو اڀياس ڪندي ٻوليءَجي فرقن کي ظاهر ڪري نتيجا ڏنا آهن، تہ اهي فرق ٻوليءَ ۾ وڏيون تبديليون آڻي رهيا آهن. جيئن سماجي ترقي ٿيندي ويندي ۽ موجوده حالتون، سماجي رويا ۽ سرڪاري پاليسيون بہ ائين ئي برقرار رهيون تيئن ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ اهي تبديليون وڌيڪ تيزيءَ سان ٻوليءَ جي گهاڙيٽي ۽ مزاج لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿينديون وينديون. هن اڀياس ۾ مون لسانياتي ڦرڻن کي سماجي ۽ جاگرافيائي فرقن يعني جنس، عمر ۽ تعليم کانسواءِ ٻهراڙي ۽ شهري سهولتن سان آڌاري نتيجا ڪڍيا آهن. سماجي لسانيات جو علم ڳالهايل ٻوليءَ سان تعلق رکي ٿو. ساڳئي دور (Synchronic ) ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي مطالعي کان

علاوه گذريل تاريخي دورن (Diachronic) ۾ ڳالهايل ٻوليءَ بابت مليل آثارن جي آڌار تي پڻ سماجي لسانياتي اڀياس آڌاري سگهجي ٿو.

سماجي لسانيات جي اصطلاح (Term) سان هڪ وڏي مشڪل اها آهي تہ هي هر عالم لاءِ مختلف معنيٰ سان اڀري اچي ٿو. اهو ان ڪري جو هرڪو اهو سمجهي ٿو تہ سماجي لسانيات جو ڪو تعلق سماج ۽ ٻوليءَ سان ضرور آهي. پر اهو واضح ٿيڻ گهرجي تہ ٻولي ۽ سماج سان لاڳاپيل هر شيءِ ڪا سماجي لسانيات نہ آهي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ سماج ۽ ٻولي ۽ سماجي لسانيات جي وچ ۾ فرق ڪرڻ لاءِ ڪا ڪسوٽي ضرور مقرر ڪجي يا ڪا ڇٽي ليڪ ڪڍجي. پر خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو هر عالم پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي هر ڀئي ڪان مختلف ليڪ ڪڍندو. تنهن ڪري هتي ضروري ٿي ويو آهي تہ اسين هڪ ڇٽي ۽ سگهاري ليڪ يا ڪسوٽي مقرر ڪيون. جيئن سنڌيءَ جو ايندڙ محقق ڪنهن مونجهاري جو شڪار نہ ٿئي. ٻولي ۽ سماج جي علمي ميدان تي عام نظر وجهندي بهتر ٿيندو جيڪڏهن اسان مقصديت جي حوالي سان ليڪون يا وڇوٽيون قائم ڪيون. بهتر تہ اجا بہ اهو ٿيندو تہ پهرين اسين اهو ڏسون تہ عالم، دانشور ۽ هن علم تي ڪم ڪندڙ هن علمي ميدان ۾ ڇت جو ٿا وجهن. جيڪڏهن اسان ان نقطہ نگاهہ کان جائزو وٺنداسين تہ محسوس ٿيندو تہ ٻولي ۽ سماج جي حوالي سان ٿيندڙ ڪم کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ گهرجي: پهريون اهو جنهن جا خالص سماجياتي يا سماجي سائنسي مقصد هجن. ٻيو: ڪجهہ سماجي ۽ ڪجهہ لسانياتي ۽ ٽيون: مڪمل طرح لسانياتي. ٻين ڪيترين قسمن وانگر، هيءَ ورهاست بہ منجهيل ٿي لڳي ۽ عمل ۾ آڻڻ ڏکي آهي. پر ٿي سگهي ٿو، اهو فيصلو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي تہ سماجي لسانيات ڇا آهي ۽ ڇا ناهي؟ (Trudgill,1978)

لسانيات ۽ سماجيات جا ماهر ٿي سماجي لسانيات تي ڪم ڪوندا ٿاڪن، پر ٻين ڪيترن سماجي علمن جا ماهر پڻ پاڻ پتوري رهيا آهن.

جنهن هن علم جي اهميت کي وڌيڪ اياريو آهي. اڄ ڪلهه سڄي دنيا ۾ انساني اڀياس جي علم جا ماهر (Anthropologists) نفسيات جا ماهر (Psychologists) تعليمي ماهر، تعليم ڏيندڙ ۽ رٿابندي ڪندڙ پنهنجن پنهنجن مشاهدن مطابق هن علم جي تشريح ڪري رهيا آهن.

## حوالا


Chand, M.Umer (1985), Linguistic Geography and Language Varieties (Sindhi). Zeb. Adabi Markaz Hyderabad.

Chomsky. Noam [1968], (1972). Language amd Mind, Harcourt, Brace New York.

Fischer, John, (1958), Social Influences on the Choice of a Linguistic Variant. Word: 14: pp.47-56.

Fromkin, W. and Rodman, R. (1993), An Introduction to Language (Fifth edition) Harcourt Brace, New York.

Grierson, G. [1919], (1968), Linguistic Survey of India, Vol. VIII partII, Motilal Bansaridas, Delhi.

Gumperz, J.J. (1971) Language and Dialect Diversity, in Anwar S. Dil. Language and Social Groups. California.

Hockett, C. (1950). Age Grading and Linguistic Continuity. Language. 26. pp. 449-59.

Islahi, Sharafuddin (1970). Language Contacts Between Urdu-Sindhi (Urdu). Urdu Board lahore.

Khubchandani L. M. (1963) Acculturation of Indian Sindhi into Hindi. Ph. D. Dissertation, Pennsylvania University, U. S. A.

Labov, W. (1966) The Social Stratification of English in New York City. Washington D. C. Center for Applied Linguistics.

--------------- (1972). Sociolinguistic Patterns. Basil Black well. Oxford.

Moulton. (1962): Dialect Geography and the Concept of Phonological Space. Word: 18. pp 23- 32.

Trudgill. P. (1972). Sex, Covert, Prestige and Linguistic Change and the Urban British English of Norwich. Language and Sociaty. I. pp 179-195.

-------------- (1974). The Social Differentiation of English in Norwich. Cambridge University Press

-------------- (ed.) (1978). Language Patterns in British English. Edward Arnold.

Weinreich. U. (1953) Languages in Contact: findings and problems. The Hague: Mouton.

خواهشمند حڪومت کي گهرجي تہ وقت جي رفتار کي سڄاڻي ۽ سڏ جو پڙاڏو ٿي همٿ ڀريا قدم کڻي. ٻوليءَ ۽ تعليم بابت ايرنڊز مسئلن کي سائنسي ۽ عوامي نمائندگيءَ جي بنياد تي حل ڪرڻ لاءِ سماجي لسانيات جي اصولن، ٻوليءَ جي رٿا بندي ۽ انجنيئرنگ ڏانهن شعوري ۽ اصولي ڪوششون وٺي.

هن مقالي ۾ سماجي لسانيات جي سمجهاڻي ۽ ٻوليءَ بابت غير لسانياتي، غير علمي مفروضن ۽ قائم ڪيل نظرين جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.]

جيئن اصطلاح مان ئي ظاهر آهي تہ سماج ۽ لسانيات جي ترتيب وار يا سماج ۽ ٻوليءَ جي علم جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي مطالعي کي "سماجي لسانيات" چئي سگهجي ٿو.

ٻوليءَ جي ساخت (Structure) ۽ حيثيت تي سماجي اثرن کي ئي سماجي لسانيات چئجي ٿو. اهو ايپاس جيڪو سماج ۽ ٻوليءَ جي مختلف تنظيمن جي هڪٻئي سان رابطي، واسطي، رويي ۽ اثرن مان پيدا ٿيل نتيجن تي ٻڌل هجي. جنهن مان سماجي طبقي، ڌنڌي، مقام ، تعليمي معيار، الڳ جنس، جاگرافيائي حد بندين ۽ سماجي واسطن ذريعي لسانياتي شاهديون ملنديون هجن.

هن اصطلاح جو پهريون استعمال ڪيوراءِ (Curri: 1952) ڪيو، هرزلر (Hertzler:1965) جي بيان مطابق اڻويهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ٻولي ۽ سماج جي حوالي سان ڪجهہ مطالعا ٿيا ۽ اهي ڇپيا بہ ويا. پر ان ابتدائي ڪوشش کي اڄ جي سماجياتي لسانيات جا ڇاڻو ڪا اهميت نہ ڏيندي هن ميدان ۾ گذريل 20-25 سالن کان ڪيل تحقيق کي ئي ليکي ۾ آڻين ٿا. جڏهن پهريون دفعو هڪ امريڪي اسڪالر وليم لابوف (William Labov: 1966) ٻوليءَ ۾ ڦير ڦار ۽ تبديلين جو مطالعو ڪندي ان نتيجي تي پهتو تہ ٻوليءَ ۾ ايندڙ ڦير

قار سمجهه ۾ ايندڙ ( Observable ) آهي. ان جا سماجي سبب ڄاڻائيندي آمريڪا جي نيويارڪ شهر جي وڏن ۽ ننڍن ڊپارٽمينٽل اسٽورز ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه جو مطالعو ڪيو ۽ شمارياتي طريقو استعمال ڪندي ٻوليءَ ۾ ڦير ڦار ۽ تبديليءَ جا سبب سماجي يعني تعليم، عمر، طبقو، ڌنڌو ۽ الڳ جنس جو هجڻ ڄاڻايو. سماجي لسانيات تي ابتدائي تحقيق ڪندڙ ڪجهه اهم عالمن جا نالا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ڏجن ٿا؛ برلنگ (Birling:1970)، پرائيڊ (Pride:1971)، فشمين (Fishman: 1972) رابنسن (Robinson: 1972)، ٽرڊگل (Trudgill:1974)، پلاٽ ۽ پلاٽ (Platt and Platt: 1975) بيل (Bell: 1976)، ڊٽمر (Dittmer: 1976) ۽ وارڊ هاگ (Wardhaugh: 1976) وغيره.

سماجي لسانيات تي گهٽو گهٽ ڪم 1966ع کان 1976ع واري عرصي ۾ اسريو ۽ دلچسپيءَ جو سبب بڻيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي موضوع ڪيترو نه نئون آهي، پر ان جو مطلب اهو به نه آهي ته سماج جي تعلق سان ٻوليءَ جو مطالعو ڪو 70-1960ع جي ايجاد آهي. لهجن، محاورن، ڪلچر ۽ لفظن جي معنويت جي لحاظ کان تحقيق جي ڊگهي روايت آهي، جنهن کي سماجي لسانيات جي مد ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ٻولي ڪي قدر سماجي حالتن جو پرتوو آهي، تنهن ڪري سماجي سائنسدانن جي کوجنا لاءِ مفيد ثابت ٿئي ٿي. ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو ان جي ڳالهائيندڙن جي ضرورتن، تجربن ۽ ماحول جي چٽي تصوير ٿئي ٿو. اها ڪا عجيب ڳالهه نه ٿيندي جيڪڏهن اسان اهو چئون ته سماجي ناتن رشتن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي يا ٻين ڪيترن ٻولين کان وڌيڪ لفظ آهن، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ٻٽا لفظ (Compound Words) نه آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌي سماج ۾ رشتن ناتن جي اهميت وڌيڪ آهي، تنهنڪري هر هڪ رشتي لاءِ الڳ الڳ لفظ آهن، جن کي سمجهائڻ لاءِ ڪنهن به وضاحت يا تشريح جي ضرورت ڪانه آهي. سنڌي، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ڪجهه رشتن لاءِ ڪم ايندڙ لفظ مثال طور هيٺ ڏجن ٿا. جنهن مان خبر پوندي

تہ انگريزيءَ ۾ رشتن لاءِ صرف چند لفظ آهن ۽ رشتي جي نسبت سمجهائڻ لاءِ تشريح يا وضاحت ڏيڻي پوي ٿي.

| سنڌي | انگريزي | اردو |
|---|---|---|
| سؤٽُ | Cousin / son of father's brother | چچا زاد |
| سؤٽِ | Cousin / daughter of father's brother | بهائي |
| ماساتُ | Cousin / son of mother's sister | چچا زاد بهن |
| ماساتِ | Cousin / daughter of mother's sister | خالا زاد |
| سالو | Brother in law / wife's brother | بهائي |
| ڀيڻيوو | Brother in law / sister's husband | خالا زاد بهن |
| چاچو | Uncle / father's brother | سالا |
| مامو | Uncle / mother's brother | بهنوئي |
| ماسي | Auntie / mother's sister | چچا |
| چاچي | Auntie / wife of father's brother | مامون |
| مامي | Auntie / wife of mother's brother | خالا |
| ڦُڦي | Auntie / father's sister | چچي |
| ماسڙ | Uncle / husband of mother's sister | ممانی |
| ڦُڦڙ | Uncle / husband of father's sister | پوڦي |

اهڙي طرح سائين جي.ايم سيد جي ان مشاهدي تہ، "سنڌي ٻوليءَ ۾ کجيءَ جي وڻ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ وڏي ٿيڻ تائين ۽ الهيءَ جي ٿارين ٻور، ميوي جي لاهڻ پچائڻ وغيره جا ٽن سون کان وڌيڪ نالا ۽ اصطلاح آهن". مان ظاهر ٿئي ٿو تہ کجيءَ جي فصل جو سنڌ جي سرزمين ۽ ان جي رهواسين سان گهرو لاڳاپو آهي. ائين ئي جيئن انگريزيءَ ۾ برف پوڻ لاءِ هڪ يا ٻہ Snow ۽ Sleet لفظ آهن.

جڏهن تہ اسڪيمو (Skimo) ٻوليءَ ۾ برفباريءَ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن. اسڪيمو لاءِ ضروري آهي تہ مختلف قسمن جي برفباري لاءِ الڳ الڳ لفظ هجن. جو انهن جي ماحول ۾ برفباري جي وڏي اهميت آهي. جڏهن تہ انگريزي ٻوليءَ ۾ انهن معنائن ۽ مقصد لاءِ ٻنا اکر يعني soft snow، dry snow، fine snow وغيره آهن. ساڳيءَ طرح بداوين عربيءَ ۾ اٺ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن جيڪي ان سماج جي چٽي طرح عڪاسي ڪن ٿا.

ٻولي سماجي گهاڙيٽي بابت شاهديون مهيا ڪري ٿي. رشتن ناتن، عقيدن، قاعدن ۽ قدرن جي مطالعي مان مختلف نسلي ۽ سماجي گروهن، عورتن ۽ مردن، پڙهيل توڙي اڻپڙهيلن، ٻارن، جوانن توڙي ٻڍن ۾ استعمال ٿيندڙ الڳ الڳ محاورن، لهجن ۽ اصطلاحن ذريعي ٻڻ سماجي گهاڙيٽي ۽ ٻوليءَ جي بناوت بابت راءِ قائم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. اهڙي قسم جي سمورين ڪوششن کي سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

لسانيات ۽ صوتيات جي لغت مطابق سماجي لسانيات، لسانياتي علم جي اها شاخ آهي جنهن ذريعي سماج ۽ ٻوليءَ جي وچ ۾ سيٽي لاڳاپن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. سماجي لسانيات جا چاڻو، سماجي گروهن جي لساني سڃاڻپ، ٻوليءَ ڏانهن سندن سماجي رويي، معياري ۽ غير معياري جوڙ جڪ، قومي ٻوليءَ جي استعمال جي گهرجن ۽ گهاڙيٽي (Needs & Patterns) سماجي آراڏاين (Varieties)، سطحن ۽ گهڻ ٻولي سرشتي جي سماجي مدار وغيره جو مطالعو ڪري سگهن ٿا.

انسان جي باقاعده استعمال ۾ ايندڙ شين ۾ ٻولي هڪ اهم ۽ ضروري شيءِ آهي. انسان شروع کان ئي ٻوليءَ جو استعمال ڪندو آيو آهي ۽ ٻولي هميشہ انساني زندگيءَ جو لازمي جزو رهي آهي. تصويري ٻولي، لکيل ٻولي، چپيل يا اُڪريل ٻولي توڙي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ذريعي

ٿي انسان ٻين انسان سان لاڳاپيل رهيو آهي. ٻوليءَ جو غير جانبداريءَ سان مطالعو (Objective Study) ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ٻوليءَ بابت بحث هميشه جهڳڙن ۽ ملامتن جو باعث بڻيو آهي. ٻولي هر ڪنهن جي آهي ۽ هر ڪنهن سان واسطو رکي ٿي، تنهنڪري هر ڪو عام خاص اهو سمجهي ٿو ته ٻوليءَ بابت ڪيس پنهنجو رايو رکڻ ۽ ڏيڻ جو پورو حق آهي. حقيقت به ائين آهي ته، ٻولي به سياسي ۽ سماجي علمن وانگر عام ماڻهوءَ جي روين مطابق ۽ ملڪيت آهي، جنهن جي استعمال بابت اختلاف يا تنقيد ڪرڻ تمام سؤلو آهي. ڇاڪاڻ ته سماج، سماجي ۽ سياسي رويا، ڪنهن به لحاظ کان تنقيد کان مٿانهان ڪو نه آهن، تنهن ڪري هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ رکڻ جو پورو حق آهي. پر جڏهن راين ۾ اختلاف ٿئي ٿو ته مسئلو جذباتي ٿي وڃي جهيڙي تائين پهچي ٿو. سنڌي، اردو توڙي انگريزيءَ ۾ نندن يا ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ بابت اهم مسئلن تي اختلافن جا ڪيترائي مثال ملندا، جيڪي علمي بحث مان وڌي ذاتي جهڳڙن ۽ وٺت اڻ وٺت تي ختم ٿيا آهن.

مثال طور هتي جيڪڏهن آءٌ اهو چوان ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ موجوده تبديلي يا ڦير ڦار کي معروضي سياسي ۽ سماجي حالتن جو ڪارڻ ڄاڻندي اٽٽر ٿو سمجهان ۽ انهن کي عيب نه پر ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ شمار ڪيان ٿو ته جيڪر ڪيترائي ٻوليءَ سان جذباتي وابستگي رکندڙ، ٻوليءَ کي خالص رکڻ جا حامي (Purists) ۽ ٻاهرئين اثرن کي قبول نه ڪندڙ يا وري اڌو ڳابرو لسانياتي تعليم رکندڙ عالم مجرجي پون ۽ مون تي سنڌي ٻوليءَ خلاف هجڻ جون فتوائون صادر ڪن.

ٻوليءَ جو ترتيب وار علم لسانيات ٿي آهي، جيڪو انساني پرک جي قوت تي اثرانداز ٿئي ٿو. ڪنهن شخص جو تجزيو ڪرڻ، سندس ذهانت، سماجي رتبي، تعليمي معيار، ڪم جي اهليت، گروهي

وابستگي ۽ ٻين ڪيترن سچائپ جي ميدانن ۽ سماجي حيثيتن جو مطالعو لسانيات جي علم ذريعي ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ٻوليءَ جي استعمال تي ڪنورتا سان حملو ٿئي ٿو ته نتيجي طور ڪنهن کي ڏڪوئڻ يا پنهنجو ڏڪوئجڻ نهايت سولو ٿي پوي ٿو. مثال طور جڏهن ڪو لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد جو ماڻهو حيدرآباد يا سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن معياري ٻولي ڳالهائيندڙ يا پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جي اڳيان "ج" جو اچار "ش" يا "ف" جو اچار "ق" ڪري اچاري. ٿو يا وري سکر يا شڪارپور جو سنڌي ارڙهن بدران "اناره" ڪري اچاري ٿو ۽ معياري ٻولي استعمال ڪندڙ سندس ان ڳالهه کي نظر انداز نه ڪندي سندس اچار کي غلط چئي ڏئي ٿو يا ٽوڪ ڪري ٿو، تڏهن ان ماڻهوءَ جا احساس ۽ ٻوليءَ جي استعمال ۽ رويي بابت ويچار نهايت ڏڪوئيندڙ ٿين ٿا. ساڳيءَ طرح لاڙي ماڻهوءَ جو اتراديءَ سان ۽ وچولي ڳالهائيندڙ جو ٿري محاوري ۾ ڳالهائيندڙ سنڌي ماڻهوءَ سان معمولي اچاري اختلاف ۽ ان طرف ڌيان ڇڪائڻ ڪيترن کي گهٽ ۽ ننڍو هجڻ جو احساس ڏياري ٿو.

اهڙا ڪيترائي واقعا منهنجي برطانيه ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران به پيش آيا. جڏهن ڪيمبرج ۽ لنڊن واري معياري انگريزي ڳالهائيندڙ (جيڪا بي بي سي يا راڻيءَ واري انگريزي به ڪري ليکي وڃي ٿي، جنهن کي ٻين علائقن جا اڪثر انگريز ڏارين لاءِ اختياري ڪيل انگريزي سمجهن ٿا) مانچسٽر، ليورپول ۽ برمنگهم وارن جي انگريزيءَ کي صحيح انگريزي ڪو نه سمجهندا هئا ۽ انهن تي ٽوڪون پڻ ڪندا هئا. جڏهن ته سائوٿ ايسٽ وارا (جتي آءٌ پڙهيو آهيان) وري ٻئي سڄي انگلينڊ وارن جي انگريزي لهجي تي کلندا آهن ۽ پنهنجي لهجي کي ئي خالص "انگلش ڊائليڪٽ" ڪري سمجهندا آهن.

اهڙي طرح هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو ساڳئي علائقي يا حدن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻي ٻوليءَ کي جيڪڏهن مادري ٻوليءَ ڳالهائيندڙ ماڻهو

وانگر ٿئو اچاري تہ اها ڪا لسانياتي طرح گهٽتائي ڪو نہ ليکبي. ان سلسلي ۾ اردوءَ جي شاعر جوش مليح آبادي بابت ڪيترائي واقعا مشهور آهن تہ، سندس سامهون جڏهن ڪير غلط اردو ڳالهائيندو يا اچاريندو هو تہ ان وقت ئي کيس ٺوڪي جذباتي ٿي ويندو هو. جيڪو ٻوليءَ ڏانهن سطحي ۽ غير علمي رويو چئي سگهجي ٿو. روزانہ "جنگ" لنڊن ۾ ڪيترن اردو دان اديبن ۽ دانشورن جا ليک ۽ خط ڇپبا رهندا آهن تہ انگلنڊ، آمريڪا ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۾ اردو بگڙجي رهي آهي. انگريزي ۽ ٻين مقامي ٻولين جي اثر سبب اردو ڳالهائيندڙ خاندانن جا نوجوان ۽ ٻار (نئون نسل) اردو جي اصل روح کي نقصان پهچائي رهيا آهن. ٻوليءَ ڏانهن اهڙا ويچار/ رويا ڪنهن بہ صورت ۾ لسانياتي ۽ علمي چئي نٿا سگهجن. ٻولي جيئن تہ سماج ۾ استعمال ٿئي ٿي، تنهنڪري سندس بناوت تي سماجي حالتن جو اثر ٿئي ٿو، جڏهن هڪ ٻولي ٻين ٻولين سان رابطي ۾ ايندي يا ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙن جي استعمال ۾ ايندي، تہ انهن وٽ نئون روپ اختيار ڪندي، نہ ڪي پنهنجي تاريخي پيدائشي هنڌ وارو روپ برقرار رکندي. ٻئي طرف ٻوليءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪبو تہ خبر پوندي تہ اصل تاريخي هنڌ تي بہ ٻوليءَ جي سئو سال اڳ واري صورت برقرار نہ رهي آهي. ٻوليءَ ۾ ايندڙ اهڙين تبديلين جي سائنسي ۽ سماجي اڀياس کي سماجي لسانيات جي علم ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

هتي سماجي لسانيات جي ڄاڻو ۽ پنهنجي استاد پروفيسر پيٽر ٽرڊگل (Peter Trudgill) جي اها راءِ ورجائڻ مناسب ٿو سمجهان تہ، "گذريل ڏهاڪي سالن کان لسانيات جا ڄاڻو دنيا جي ٻولين جو چڱو چوکو حصو مطالعي ۾ آڻي چڪا آهن ۽ ان مطالعي مان ان راءِ تي پهتا آهن تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سٺو يا خراب چوڻ جو ڪو بہ لسانياتي سبب ڪو نہ آهي. مڙيئي ٻوليون هڪ جيتريون ئي سٺيون آهن. ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي ٻيءَ کان مٿانهين سمجهڻ لاءِ ڪو بہ علمي

معيار ڪونہ آهي. مڙئي ٻوليون گهڻ پاسائون (Complexed) آهن. جيڪي پنهنجي ڳالهائيندڙن جون سڀئي گهرجون پوريون ڪن ٿيون" (1974).

اها ساڳي راءِ هڪ ٻئي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ محاورن جي استعمال بابت پڻ اهميت رکي ٿي. پيرومل آڏواڻي پڻ ان راءِ جو آهي تہ "سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ لهجو يا اُپڀاشا سٺو يا خراب، گهٽ يا وڌ ڪو نہ آهي. هر اُپڀاشا جو پنهنجو ميناج ۽ خاصيت آهي، رڳو ڪن خاص سببن يا حڪومتي ادارن جي ويجهو هئڻ ڪري هڪڙي علائقي جي ٻوليءَ کي نيٺ، ڪري يا معياري ڪري سمجهيو وڃي ٿو، نہ تہ ڪا بہ هوند ڪنهن بہ علمي معيار کان گهٽ نہ آهي" (1956).

لهجن جي اهميت ۽ حيثيت بابت پروفيسر پيٽر ٽرڊ گل (1979) جي راءِ آهي تہ، "ڪنهن بہ هڪ لهجي ڳالهائيندڙ کي ٻئي لهجي ۾ ڳالهائڻ لاءِ چوڻ ڪنهن بہ طرح مناسب نہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ان لهجي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي تہ هو پنهنجي سمجهہ جي قوت وڌائي، نہ کي ڳالهائيندڙ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري، ٻوليءَ جا مختلف لهجا ان ٻوليءَ جي سونهن آهن".

لسانياتي علم جا ڄاڻو ان راءِ جا آهن تہ سڀئي ٻوليون ماڻهن جي گهرجن مطابق اُسريون ۽ نِسريون آهن ۽ سڀئي هڪ جهڙيون ۽ برابر آهن. پر لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي لسانيات جو سائنسي مطالعو نہ ڪندڙ، اڌو گابري لسانياتي تعليم حاصل ڪندڙ يا وري مختلف تعصبن، نفرتن ۽ محبتن جي بنياد تي راءِ قائم ڪندڙ ماڻهو، وقت بہ وقت ٺڏيندا يا رد ڪندا رهيا آهن. جنهن ڪري لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي وقت بہ وقت علمي دليلن سان دفاع جي ضرورت ٿيندي رهي ٿي. ڪا بہ ٻولي اندروني بناوت جي لحاظ کان محدود يا گهٽ مان مرتبي يا مڪمل اظهار کان اڻپوري يا معذور نہ آهي. مڙئي ٻوليون پنهنجي ڳالهائيندڙن جون سموريون سماجي ۽ نفسياتي گهرجون

ٻوليون ڪن ٽيون ۽ سائنسي علم لاءِ پڻ هڪ جيتريون لائق يا اهل آهن. اهي سماجي ۽ انساني فطرت بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ جو ذريعو آهن.

ٻوليءَ بابت مختلف عالمن توڙي ڄاڻ رکندڙ دانشورن ۾ ڪيترائي غير علمي ۽ غير سائنسي مفروضا ۽ تصور قائم ٿيل آهن ته ڪجهه ٻوليون اڻ سڌريل يا جهنگلي ۽ گهٽ ترقي يافته آهن. سادي يا عام گرامر، ٿورن آوازن (Sounds) ۽ گهٽ لفظي ذخيري وارين ٻولين کي ان مَدَ ۾ آندو ويجي ٿو، جن جي ڳالهائيندڙ کي اها کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ اشارن کان ڪم وٺڻو پوي ٿو (Crystal, 1988). پر اهو ثابت ڪري نه سگهيا آهن ته اهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ ڌرتيءَ جي کهڙي ڪنڊ ۾ رهن ٿا، جو اڄ تائين دنيا جي نظر کان لڪل آهن، جڏهن ته انسان کوجنا جي جستجو ۾ چنڊ کي به لتاڙي چڪو آهي.

ٻئي طرف اسان وٽ وري تنقيد ۽ تحقيقي علم بابت عالمن ۽ اديبن جا رويا به نامناسب رهيا آهن، جو جيڪڏهن سندن تحقيق جي روشنيءَ ۾ قائم ڪيل مفروضن ۽ راين تي ڪو ٻيو محقق تنقيدي يا علمي تشريح ۽ وضاحت ڏئي ٿو ته اسان جا عالم ان کي ڪا اهميت نه ڏئي ايندڙ ڇاپن يا ڏار مضمونن ۾ ان بابت وضاحت ڪرڻ بدران انهن تنقيدن کي لنوائي، پنهنجي ڪم ۾ کي به سڌارا ڪو نه ٿا آڻين، نتيجي طور علمي معيار ۾ واڌاري ۽ تحقيقي معيار ۾ سڌارن بدران ڏينهون ڏينهن پوئتي پئجي رهيا آهيون. اسان جو اهو عمل ايندڙ نون محققن کي وڏيڪ پلائي ٿو. اهڙا حوالا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هتي ڏجن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي عالم محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (1962، 1980، 1990) جي هڪ راءِ مطابق "اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اڳ ٿيڻ الفاظ "حروف صحيح" سان ٻڌل هئا يعني ته منجهس حروف علت بلڪل

ڪم هئا، مرڳو نہ هئا". ٻئي ۽ ٽئين ڇاپي ۾ وري ٿوري تبديلي ڪري هيئن لکيو اٿن تہ "..... ۽ ڏگها حروف علت (ا،و،ي) ڪي بلڪل ٿي گهٽ هئا ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿوتہ عربيءَ جي اثر کان اڳ سنڌي الفاظ اڪثر "حروف صحيح" جا مرڪبات هئا." ان راءِ جي پٺڀرائي ۾ ڪکڙ ۽ گدڙ وغيره جا مثال ڏنا اٿائين. ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ جو ذڪر ڪندي سراج لکي ٿوتہ "هيءُ صاحب انهن لفظن کي انگريزيءَ ۾ لکي ڏسي ها تہ کيس خبر پئجي وڃي ها تہ انهن لفظن ۾ ٽن حروف صحيح کان سواءِ اوترائي حروف علت بہ موجود آهن" (1964:48).

ٻوليءَ جو هڪ ٻيو عالم محمد حسين پنهور ان بابت چوي ٿو تہ:

"Sindhi had vowels as is clear from "Chach Nama" which gives Sindhi names like" Channa, Maka, Sehta, Jatt, Med, Dahar, Jaisina, Debel, Nerun, Alore & many other" (1988).

لسانيات جو علم گهڻو ڪري ڳالهايل ٻوليءَ تي مدار رکي ٿو. لکت جي اهميت ٻئي نمبر تي آهي. ٻولي ماڻهو ڳالهائين ٿا، اها انهن جي وات مان آوازن جي صورت ۾ نڪري ٿي ۽ صوتيات جي علم مطابق ڪابہ اهڙي ٻولي ڪو نہ آهي جنهن ۾ آواز نہ هجن. دنيا جون ڪيتريون ئي لپيون/الفابيٽ اهڙيون آهن، جن ۾ ڪي خاص صوتيہ (Phoneme) ليڪن جي نشانن ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن. هي حرف صحيح/وينجن واريون (Consonantal) لپيون ڪري ليکجن ٿيون، مثال طور، آراميڪ (Aramaic) عبراني (Hebrew) ۽ عربي وغيره، جن ۾ حرف علت/ سر (Vowel) اعرابن ذريعي جڏهن مرضي پوي تہ ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ٻئي طرف ڪيترين هندستاني لپين ۾ حرف علت/سر اعرابن يا نشانين ذريعي ظاهر ڪيا وڃن ٿا، جيڪي لڳائڻ نهايت ضروري آهن. هي نشانيون حرف صحيح/ وينجن سان لاڳاپيل سمجهيون وڃن ٿيون. سنڌي جيئن تہ عربي لکت / لپي ۾ لکي وڃي

ڏنهنڪري ان جا حرف علت/ سر/آواز عربي طريقي "زبر، زير ۽ پيش" وغيره يعني اعرابن جي صورت ۾ لکجن ٿا. پر انهن اعرابن جو ڏيڻ به لکندڙ جي مرضيءَ تي منحصر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ واري مرحلي ۾ ته انهن اعرابن جو استعمال ضروري ٿيو پوي، جو انهن جو غلط استعمال لفظ ۽ جملي جي معنيٰ ڦيرايو ڇڏي، پر ٻولي پوري طرح سکي وڃڻ کان پوءِ انهن جو استعمال ضروري ڪو نه ٿئي، جو پڙهندڙ تجربي جي بنياد تي لفظن جو صحيح اچار ڪري صحيح معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ سکي وڃي ٿو.

هتي حرف صحيح / وينجن (Consonant) ۽ حرف علت / سر (Vowel) جي تشريح پڙهندڙن لاءِ ضروري آهي. اندرين هوا ڳالهائڻ واري حصي (Oral Cavity) ۾ ڪنهن به هنڌ رڪجي ته آواز کي چئبو "حرف صحيح" ۽ جي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ان حصي جي گول يا تراڪڙي صورت جي آڌار تي هوا ٻاهر نڪري ته اهو آواز سڏبو "حرف علت". بهرحال ڊاڪٽر بلوچ جي اهڙي راءِ رکڻ مان مراد سنڌي ٻوليءَ جي نندا ڪو نه آهي پر ٻوليءَ جي صوتياتي علم ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ آهي.

ٻيو مثال ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" جو آهي، هن ڪتاب جي ڇپجڻ (1979ع) کان پوءِ، ٻوليءَ جي هڪ ٻئي عالم محمد عمر چنڊ 1985ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جو آراڌيون" ۾ ڊاڪٽر الانا جي ڪتاب جي عنوان کان وٺي ڪتاب ۾ بحث آندل ٻين ڪيترن علمي موضوعن،اصطلاحن ۽ مسئلن تي وضاحتي علمي تنقيد ڪندي انهن کي رد ڪيو آهي.

هاڻي هڪ صحيح ۽ جديد تربيت يافته عالم تي فرض آهي ته پنهنجي ڪيل علمي ڪم تي ڪا وضاحتي،علمي تنقيد ٿئي ته انکي مجيبندي ان تي پنهنجي وضاحت الڳ مضمون يا وري ٻئي ڇاپي ۾ ڏئي نه

ڪـ خامــوش رهـي. انهن نـــ ڪــرڻ ســـان ان عـلـم جي راهـ ۾ ايـنـدڙ پانڌيئڙي ۽ محقق جي ذهن ۾ مونجهارا پيدا ٿيندا ۽ ان کي صحيح راءِ ۽ اصل علمي وضاحت قبول ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، نتيجي طور اهو علم ان ٻوليءَ ۾ ترقي ڪري ڪي مثبت ۽ ڪارائتا نتيجا ڏئي نـ سگهندو. اهڙائـي ڪيـتـرا سـبـب آهـن جو لـسـانـيـات جو عـلـم سـنـڌيءَ ۾ وڌي ۽ پنهـنجون پاڙون پختـيـون ڪـري نـ سـگهـيـو آهـي ۽ عـام توڙي خاص ۽ جديد تربيت يافتہ محقق اهڙي تحقيق کي مفروضن ۽ ذاتي راين تي ٻڌل سمجهي لنوائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

اهـڙي طرح سـنـڌي ٻـوليءَ جي مـحـبـت ۾ سـنـڌي لـيـکـڪـا پـوپـٽـي هيرانـنـداڻـيءَ پنهـنجي لکڻين ۾ ٻوليءَ لاءِ وڏيون دعـوائون ڪري ان کي افضل ثابت ڪرڻ جي ڪـوشش ڪـئي آهـي. اهڙين دعـوائن جي ڪابـ علمي يا لسانياتي حيثيت ڪو نـ آهـي. مثال طور هوءَ "ڀاشا شاسـتر" ۾ لکي ٿي تـ "سـنـڌي ٻـوليءَ ۾ دنـيـا جي سـبـنـي ٻولين جا اچار اچي وڃن ٿا" (1978). سنڌيءَ ۾ ٻين ڪن ٻولين جي ڀيٽ ۾ رڳو چار ٻـنا آواز ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ وڌيڪ آهن، انهن جي آڌار تي اهڙي دعـوي نٿي ڪري سگهجي. پر حقيقت ۾ اهي آواز بـ ٻين ڪيترين ٻولين يعني سواحلي، ماسائي، نيانگي، پولو وغيره ۾ موجود آهن (Pullum and Ladusaw, 1986).

تهـذيب يا ثقافت ڪيـتري بـ سـڌريل، آڳاٽي يا قـديم ڇـو نـ هجي، پر ٻـولـيـون هر وقـت پـنـهـنجي ڳالـهـائيـنـدڙن جي گـهـرجن مطابق پوريون رهيون آهن، تنهن ڪري ڪا قوم تـ سڌريل يا اڻ سڌريل ٿي سگهي ٿي پر ڪنهن بـ ٻوليءَ بابت اهڙي راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ٻوليءَ ۾ ڪنهن خاص شيءِ لاءِ لفظي ڪوٺ آهي تـ ان جو

آهي تہ اها ايجاد ان قوم جي نـ، پر ٻاهران آيل آهي. ان ڪري عالمن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ ضروري آهي تـ ان لاءِ لفظ ايجاد ڪن يا جنهن قوم اها ايجاد ڪئي آهي ان جي ٻوليءَ واري نالي کي برقرار رکن، ائين ڪرڻ سان ٻوليءَ جي ڪابـ گهٽتائي نٿي ٿئي. تنهن ڪري ڪنهن سماج، ثقافت، ٻولي يا تهذيب لاءِ اهو چئي نٿو سگهجي تـ هي سماج

يا تهذيب زراعت يا صنعتي آهي. يا هيءَ ٻولي سندس ڳالهائيندڙن جون رڳو زراعتي يا مال چارڻ ۽ پالڻ واريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل آهي.

هتي ڊاڪٽر سورلي (1938) جي ان راءِ تي بحث ڪرڻ ضروري ٿيندو جنهن ۾ هو چوي ٿو ته سنڌي ٻولي سنڌي تهذيب ۽ ثقافت سان ٺهڪي اچي ٿي، جنهن لاءِ اها وجود ۾ آئي آهي، جنهن کي ان جي محنتي ۽ اڻ ويڙهاڪ ماڻهن مڪمل ڪيو آهي. پر ان زبان ۾ اهڙا لفظ ڪو نه آهن جيڪي اهڙي قسم جي تهذيب ۾ ٺهڪي اچن جنهن جو "برٽن" (Burton) نمائندو آهي يعني انگريزي. سئو سال اڳ بيشڪ ائين چئي سگهجي پيو، ته اها زبان ان وقت ان قوم جي ضرورتن ۽ ثقافت مطابق هئي، پر جيئن جيئن زماني جي حادثن، سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ تبديلي ايندي، ٻولي به ان قوم جي گهرجن مطابق پنهنجي، لفظي ذخيري ۾ واڌارو آڻيندي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن قوم جي ترقي ۽ تبديليءَ سان ان جي زبان ۾ ترقي ۽ تبديلي نٿي اچي ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اها زبان ان قوم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل ثابت ٿي نه ٿي سگهي ۽ اها ٻولي پوءِ گهڻو وقت جيئرو رهي نه سگهندي. جنهن جو هڪ وڏو مثال سنسڪرت ۽ لاطيني جو آهستي آهستي ڌرتيءَ جي گولي تان غائب ٿيڻ آهي. خوشقسمتيءَ سان سنڌي ٻولي وقت ۽ حالتن مطابق پاڻ ۾ تبديلي آڻيندي، هن وقت به پنهنجي ڳالهائڻ وارن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي اهل آهي. واضح ٿئي ته ڊاڪٽر سورلي جي مٿي ڏنل اهڙي راءِ جي آڌار تي ئي اسان جا ڪيترا اڙدو دان عالم ۽ دانشور سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديهاتي ٻولي يا جنگل جي زبان وغيره جهڙا رمارڪس ڏيندا رهندا آهن.

مختلف وقتن تي، ڪي خاص حلقا، ڪن خاص ٻولين کي گهٽ ترقي يافته ۽ مختلف وڏون ڪري اڻ سڌريل چئي انهن کي سندن اصل مقام تان هٽائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. انهن جي جاءِ تي مختلف دليل ڏئي ٻين ٻولين کي عظيم ۽ مؤثر رابطي جون گهرجون پوريون ڪرڻ جو اهل سمجهي، عجيب، غير معقول، غير لسانياتي ۽ مذهبي جذبا اڀاريندڙ دليلن سان قدرتي طرح عظيم ٻولي قرار ڏئي ماڻهن جي حقيقي مادري ٻولين مٿان ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. عام طرح ماڻهن جو اهو عقيدو هوندو آهي ته سندن ٻولي ٻين ٻولين کان

مٿانهين ۽ عظيم آهي پر علمي طرح اهڙي تصور يا ويچار جي ڪا بہ حيثيت ڪو نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو ڪنهن خاص ٻوليءَ کي اهميت ڏيارڻ لاءِ مختلف دليلن کان ڪم وٺندا هجن. مثال طور تہ، هي ٻولي تمام قديم، منطقي، گهڻي علمي مواد واري ٻولي آهي يا وري اڄارڻ ۾ سولي ۽ ڳالهائڻ ۾ وڏيڪ اثر واري آهي. جئين عربي ڳالهائيندڙ اهو چئي سگهن ٿا تہ سندن روايتي (Classical) عربي تمام خوبصورت ۽ منطقي آهي. ڪا بہ ٻولي گرامر جي خوبصورتي ۽ لفظي ذخيري ۾ سائنس برميچي نہ ٿي سگهي. اها مذهبي ٻولي هجڻ سان گڏ ڪلام پاڪ جي ٻولي آهي، جيڪا اسلام جي سچائيءَ بابت معجزاتي شهادت پيش ڪري ٿي. ان ئي سبب ڪري خدا تعاليٰ ان ٻوليءَ کي پيغمبر عليہ السلام جي اظهار لاءِ چونڊيو. هي ٻولي ئي آخرت ۾ استعمال ٿيندي، تنهن ڪري سڀني ٻولين کان مٿانهين ۽ اتم آهي.

اهڙي قسم جا ويچار هندو سنسڪرت لاءِ ۽ يهودي عبراني لاءِ بہ رکي سگهن ٿا. خاص ڪري ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾. ساڳيءَ طرح جرمن ڳالهائيندڙ جرمن ٻوليءَ کي سڀني کان اتانهون سمجهن ٿا. جو سندن عقيدي موجب حضرت آدم عليہ السلام باغ عدن ۾ جرمن ٻولي ڳالهائي هئي، (Crystal, 1988). اهڙي طرح سياسي، سماجي ۽ مذهبي اثرن ۽ عقيدن جي حوالي سان ڪيترائي رايا ٿي سگهن ٿا، پر لسانيات جي علم جي ڪسوٽيءَ تي اهي پورا نٿا لهن.

پاڪستان ۾ بہ ٻوليءَ جي قومي مسئلي کي حل ڪري ملڪ جي ترقي ۾ مڙني قومن کي ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ بدران هڪ خاص حلقو ان کي منجهائي مذهب جي حوالي سان قومي ٻڌي ۽ حب الوطني جي تناظر ۾ هڪ خاص ٻولي يعني اردوءَ کي مسلمانن ۽ پاڪستان جي واحد ٻولي قرار ڏيئي، ٻين قومن ۽ انهن جي قومي ٻولين جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽون وجهڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو آهي. مولانا ٿانويءَ جي

ڪري هن جي حفاظت لاءِ وس آهر ڪوشش ڪرڻ خدا جي اطاعت (حڪم جي بجا آوري) برابر آهي ۽ ان ۾ غلفت ڪرڻ وارن ڪان آخرت ۾ پڇاڙو ٿيندو". اهڙي قسم جي غير علمي ۽ غير سائنٽيفڪ فتوي ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ ۽ انهن جي جذبن کي ڀڙڪائڻ ڪان علاوه ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن جي جذبن ۽ احساسن کي ڌڪ رسائڻ، ڪيڏن ۽ ٻولين جي حقن ۽ اهميت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي.

ڪنهن به هڪ ٻوليءَ کي ڪنهن خاص مذهب سان وابسته ڪرڻ، مذهبن جي آفاقيت کان انڪار ٿيندو. لسانياتي علم مطابق ڪا به ٻولي مذهبي يا غير مذهبي ٿي نه ٿي سگهي. ڪنهن به ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ ڪو به مذهب اختيار ڪري سگهي ٿو، ان لاءِ ڪنهن خاص ٻوليءَ جو ڄاڻڻ ضروري نه آهي. پر مذهبي ۽ ملڪي ايڪي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهن جي مڙني فطري ٻولين کي هڪ جيتري اهميت ۽ قومي حيثيت ڏئي سرڪاري طرح قانون نافذ ڪري انهن جي ترقي ۽ اهليت وڌائڻ لاءِ هڪ جيتريون ڪوششون ڪيون وڃن.

# حوالا


آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند (1956ع)، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

الانا، ڊاڪٽر غلام علي (1979ع)، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان (1962ع، 1980ع، 1990ع)، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

چنڊ، محمد عمر (1985ع)، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون

آراڏيون"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.

سراج (1964ع)،"سنڌي ٻولي"، حيدرآباد.

هيرانندائي پوپٽي (1978ع)، "ڀاشا شاستر" بمبئي.

Crystal, D (1987), Dictionary of Linguistics & Phonetics" Basil Blackwell, Oxford.

Crystal, D (1988). "The Cambridge Encyclopedia of Langua_e" Cambridge University Press. Cambridge.

Hertzler J.D. (1965). "The sociology of Language" Random House, New Yoark.

Labov. W. (1966), "social Stratification of English in New York City" Washington. Centre for Apllied Linguistics.

Panhwar, M.H (1988), "Languages of Sindh Between Rise of Amri and fall of Mansura" in "Cultural heritage of Sindh" Edited By Dr: A.J.Junejo and M.Q. Bughio. Sindhi Adabi board, Jamshoro.

Trudgill, P. (1974). An Introduction to Sociolinguistics. Penguin Books.

Trudgill, P. (1979) "Accent. Dialect and School" Edward Arnold, England.

Pullum, G.K. and Ladusaw, W.A. (1986) Phonetic Syombol Guide. The University of Chicago Press. CHICAGO.

Sorely, H.T. (1938) "Shah Abdul latif of bhit" Bombay.

# پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿا بندي ۽ سنڌي ٻولي

ترقي يافته توڙي ترقي پذير ملڪن ۾ ماڻهن جي فلاح، ڀهبود، سماجي ڀلائي، ملڪ جي ترقي ۽ آمدنيءَ جي واڌ لاءِ رٿا بندي هڪ اهم ۽ بنيادي ضرورت آهي. ان رٿابنديءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ملڪي سطح تي حڪمت عملي تيار ڪئي ويندي آهي. رٿا بندي ڪرڻ ۽ حڪمت عملي جوڙڻ جي ذميواري ملڪ جي سربراهن سياستدانن ۽ ماهرن (Technocrats) جي هوندي آهي. رٿيل ترقيءَ جي اهميت کي، سڄي دنيا ۾ ماهر تسليم ڪري چڪا آهن ۽ مختلف ضرورتن تحت ان ڏس ۾ حڪمت عمليون تيار ڪندا رهندا آهن.

بدقسمتيءَ سان ابتدا کان ئي اسانجي ملڪ ۾ صحيح رٿا بندي ۽ فلاح ڀهبود يا عام ڀلائي وارن منصوبن ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو ويو، جنهن جو اثر سڄي ملڪ جي ترقي تي پيو آهي ۽ ملڪ جي اقتصاياديت مضبوط بنيادن تي بيهي نه سگهي آهي. (نتيجي طور سرمايه دار وڌيڪ سرمايي وارو ۽ غريب وڌيڪ غريب ٿيندو ٿو وڃي). سواءِ چند منصوبن جي، باقي تڙ تڪڙ ۾ يا سياسي مجبورين تحت رٿيل منصوبا پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي نه سگهيا. ان جو مکيه سبب ڊگهي وقت جي رٿا بندي (Long term planning) طرف ڌيان نه ڏيڻ آهي. ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ اهو بحث منهنجي هن موضوع سان تعلق نه ٿو ڪي.

جهڙيءَ طرح ملڪ جي اقتصادي رٿ بنديءَ طرف سنجيدگيءَ سان ڌيان نه ڏنو ويو، بلڪل اهڙي طرح پاڪستان جي ماڻهن جي ٻولين جي ترقي، بقاءِ حيثيت بابت رٿا بندي طرف سياسي مصلحتن ۽ وقتي جذبن

تحت اهڙا فيصلا ڪيا ويا، جن جي ڪري ملڪ ۽ ان جي ماڻهن کي قومي ۽ نفسياتي طرح وڏا نقصان رسيا. مشرقي پاڪستان جو الڳ ٿي بنگلاديش ٿيڻ وغيره. "حقيقت ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به ٻوليءَ جي رٿا بندي، ملڪ جي رٿا بندي واري شعبي ۾ گهڻو پوءِ داخل ٿي، البت ٻوليءَ جي بناوت (Structure) تبديلي (Change) ۽ حفاظت (Preservation) بابت رٿا بندي (Corpus Planning) جي ڪوشش اوتري ئي پراڻي آهي جيتري ناٽي بابت رٿا بندي (Gupta,1977:4). ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ کي ويجهڙائي ۾ ئي قومي رٿا بنديءَ ۾ اهميت ڏني وئي آهي، جو ڪيترن ملڪن ان ڏس ۾ نيون رٿا بنديون ڪري پنهنجي گهڻ ٻولين واري ملڪ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو سائنسي ۽ عملي بنيادن تي حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. تجربن اهو ثابت ڪيو آهي ته قومي رٿا بنديءَ ۾ ٻوليءَ جي شموليت عام ترقيءَ جي رٿا بنديءَ جو هڪ اهم حصو ۽ هڪ ٻئي تي آڌاريل آهي.

هن مضمون جو مقصد پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿا بندي، پاليسي ۽ ان تي عمل جو جائزو وٺڻ آهي پر ان کان اڳ اهو ضروري آهي ته رٿا بنديءَ بابت ڪي بنيادي وضاحتون پيش ڪجن. ٻوليءَ جي رٿا بندي، سماجي لسانيات جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن جو تعلق سڌو سنئون ڪنهن ملڪ يا قوم جي ترقي، سجاڳي ۽ علمي اهميت سان آهي.

**ٻوليءَ جي رٿا بندي:** هن اصطلاح مان مراد آهي، ٻوليءَ بابت دانشورن ۽ ادارن جو رواجي ڪم جنهن کي عام طور "Language Cultivation" چئجي ٿو. جنهن موجب ڪنهن ٻوليءَ ۾ سڌارو آڻي، وڌائي، نون لفظن ۽ اصطلاحن جي ايجاد ڪري، جديد دور جي گهرجن مطابق بڻائڻ جون ڪوششون ڪري سگهجن (Haugen, 1967:701).
"رٿا بنديءَ کي ڪا مقبول ۽ خاص لسانياتي مصروفيت طور نٿو پيش ڪري سگهجي پر سماج ۾ ٻوليءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي سياسي

۽ انتظامي ڪوشش ڪوٺي سگهجي ٿو“ (Jernudd,et al:1971). ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ جو اصطلاح قومي سطح تي ٻوليءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ منظم ڪوشش طور ڪتب آڻي سگهجي ٿو. ٻوليءَ جي رٿا بندي، موجوده ٻولين کي قائم دائم رکڻ جو ۽ نين عام (Common) علائقائي، قومي يا بين الاقوامي ٻوليون تخليق ڪرڻ جو هڪ سنائتو عمل آهي (Tauli,1974:56).

ٻوليءَ جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ وقت ٻولي سيکارڻ ۽ ان جي استعمال بابت حڪمرانن کي اهڙا محتاط فيصلا ڪرڻ گهرجن، جيڪي ايندڙن لاءِ رهنمائي جو ڪارڻ ٿين.

ٻولي سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ جذباتي مسئلو بڻيل آهي ۽ هر ملڪ جي حڪمرانن ٻوليءَ جي مسئلي کي تمام هوشياري ۽ عقلمنديءَ سان حل ڪري ملڪ ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ گروهن يا قومن کي برابريءَ جي بنياد تي استوار ڪري هلائڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته قومي ٻڌي ۽ ترقيءَ جو دارو مدار گهڻو ڪري مواصلاتي ذريعن جي تعداد، خاصيت ۽ اهليت تي ٿئي ٿو. ٻولي سمورن مواصلاتي ذريعن ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. قومن ۽ ملڪن جا ليڊر يا حڪمران مواصلاتي ذريعن جي ان اهميت کان اڻ واقف ڪونه آهن، پر ڏسجي ٿو ته اسان وٽ ان مسئلي کي خاص اهميت نه ڏئي مستقل حل ڪرڻ جي ڪوشش کان پٺي ڏنايو ويو آهي، وقتي طرح ڪنهن خاص ٻوليءَ کي اهيمت ڏئي سياسي مصلحتن تحت مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪئي وئي آهي. پر لسانياتي بنيادن تي ٻوليءَ جي رٿا بندي ڪري مستقل حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نه ٿي آهي. جڏهن ته ٻوليءَ جو مسئلو وقت به وقت ملڪ يا صوبائي سطح تي حڪومت جي لاءِ مٿي جو سور بڻبو رهيو آهي ۽ ڪيترين انساني جانين ۽ قومي ملڪيتن جي تباهيءَ جو ڪارڻ پڻ ٿيو آهي.

هر سماجي گروهه پنهنجي ٻوليءَ کي اهم حيثيت ۾ ترقي ڪندي

ڏسڻ گهري ٿو ۽ ان لاءِ ڪنهن به قسم جي جدوجهد ڪرڻ کان ڪڏهن به ڪيٻائي ٿئو. انهن جذبن ۽ تحريڪن کي مختلف سياسي فيصلن يا دٻائن جي ذريعي وقتي طرح تہ حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي آهي. پر مستقل حل لاءِ شعوري ، علمي ۽ اصولي ڪوشش ڪري ٻوليءَ بابت رٿا بندي ڪرڻ نهايت ضروري آهي. هتي پاڪستان جي ابتدا کان وٺي ٻوليءَ بابت پاليسيءَ جو ٿلهي ليکي جائزو وٺڻ ضروري ٿو سمجهان.

هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هوندئن تہ ان وقت شامل سمورن علائقن جا ماڻهو هئا، پر هندو آباديءَ جي اڪثريت وارا علائقا ان ۾ سڀ کان اڳرا هئا. جيتوڻيڪ ابتدا ۾ صرف انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ مقصد هو، پر جيئن آزاديءَ جا آثار نظر اچڻ لڳا تيئن آزاديءَ کان پوءِ جي ملڪي پاليسي بابت پڻ مختلف سياستدان مختلف نظريا ظاهر ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح ڪن حلقن طرفان هندستان ۾ انگريزيءَ جي جاءِ تي هندي رائج ڪرڻ جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن تہ هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هنديءَ کان علاوه هندستان جي ٻين ٻولين جا ڳالهائيندڙ نہ صرف اڪثريت ۾ هئا پر ڪين اهم حيثيت حاصل هئي. ٻئي طرف اڪثريتي هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙ مسلمان ڪنهن بہ صورت ۾ هنديءَ کي هندستان جي سرڪاري يا قومي ٻولي مڃڻ لاءِ تيار ڪو نہ هئا. (اردو ٿورڙن لفظن ۽ گرامر جي لحاظ کان هنديءَ کان ڪجهہ مختلف آهي جڏهن تہ صورتخطي بلڪل جدا آهي). هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جي سرواڻ گانڌيءَ هندستان جي سرڪاري ٻوليءَ جي مسئلي جي حل لاءِ هندوستان ۾ واپرائيجندڙ ڪنهن هڪ ٻوليءَ بدران اردو ۽ هندي ٻولين جي ميلاپ سان هندستاني ٻوليءَ جي استعمال لاءِ انڊين نيشنل ڪانگريس جي 1925ع واري اجلاس ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان ٺهراءَ مطابق:

The proceedings of the Congress shall be conducted as far as possible in "Hindustani" The English Language or any provincial Language may be used if the speaker is unable to speak Hindustani or when ever necessary (Gupta. 1979:579).

پر مختلف قومون ڪنهن به طرح پنهنجي قومي ٻولين تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿيون ۽ اهڙي طرح ڪا هڪ "هندستاني" ٻولي نه ٿي سگهي. (1967ع ۾ ڀارت جي آئين جي اٺين شيڊول مطابق ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ تي عمل ڪندي 15 ٻولين کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وئي، جڏهن ته هندي ۽ انگريزي سرڪاري لک پڙهه لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون).

هندستان جي هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ ٻي وڏي ڳهڻائي اردو ڳالهائيندڙن جي هئي، جيڪا اتي رهندڙ اڪثر مسلمانن جي مادري زبان هئي. جڏهن هندستان لاءِ هنديءَ جا مطالبا زور ونڻ لڳا، تڏهن انهن ئي علائقن ۾ مسلمانن وري اردوءَ جي حمايت ڪئي. مسلم ليگ پاڪستان ۾ جيئن ته اردوءَ کي ئي قومي ٻولي طور رائج ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو، تنهنڪري پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان تي ڪنهن به ويچار جي ضرورت محسوس نه ڪئي ۽ اردوءَ کي ئي قومي ٻولي طور جونديو. ڪجهه ماڻهن ان سلسلي ۾ آواز اٿاريو ته قائد اعظم محمد علي جناح اهڙن ماڻهن کي ننديندي ڍاڪا ۾ اعلان ڪيو ته:

".....let me make it very clear to you that, the state language of Paksitan is going to be Urdu and no other language. Any one who tries to mislead you is really the enemy of Pakistan" (qouted in Callard. 1957:182).

آزادي ۽ مذهبي جذبي تحت جيڪو اتحاد ماڻهن ۾ پيدا ٿي چڪو هو، ان تحت ڪنهن به ڌر يا قوم ان وقت ته اردوءَ جي قومي يا سرڪاري حيثيت کي رد نه ڪيو، پر ٿوري وقت کان پوءِ جيئن ئي

ترقي، سياسي نظام ۽ ٻيا مختلف مسئلا سامهون آيا، تيئن ئي قومي ٻوليءَ لاءِ پڻ مسئلا پيدا ٿيندا ويا. پاڪستان جي پنجن ئي صوبن مان ڪنهن هڪ جي به مادري يا حقيقي زبان اردو ڪو نه هئي. پر بنگال جي بنگالي، پنجاب جي پنجابي، سنڌ جي سنڌي، بلوچستان جي بلوچي ۽ سرحد جي پشتو هئي، البته پاڪستان ٺهڻ وقت جيڪي ماڻهو هندوستان جي هندي اڪثريت وارن علائقن مان لڏ پلاڻ ڪري پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ اچي وسيا، انهن مان گهڻائيءَ جي مادري زبان اردو هئي، جنهن جو پاڪستان جي آباديءَ ۾ 2.37% حصو هو جڏهن ته بنگالي 56.40% هئا).

1951 جي آدمشماري مطابق پاڪستان ۾ مختلف ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي ورهاست.

| ٻولي | مادري حيثيت % | ٻي حيثيت % |
|---|---|---|
| انگريزي | 0.02 | 1.87 |
| اردو | 2.37 | 4.03 |
| بلوچي | 1.29 | - |
| بنگالي | 56.40 | 0.17 |
| پنجابي | 28.55 | 0.84 |
| پشتو | 3.48 | 0.41 |
| سنڌي | 8.47 | 0.80 |

مذهبي ڀائيچاري ۽ ملڪي ٻڌيءَ لاءِ اردوءَ جي اهميت کي مد نظر رکي پاڪستان جي ليڊرن ان کي قومي ٻوليءَ طور رائج ڪيو. درحقيقت پاڪستان جو مطالبو ڪندڙ جماعت مسلم ليگ شروع کان ئي ماڻهن کي اهو احساس ڏياريو هو ته پاڪستان مان مراد آهي هندستان جو ورهاڱو، انگريزن ۽ هندن به ان کي ورهاڱي سان تعبير ڪيو ۽ اصل

تاريخي حقيقتون وساري ويٺا تہ جن علائقن تي پاڪستان مشتمل ٿيندو، اهي ڪڏهن بہ هندستان جو حصو ڪو نہ رهيا آهن. انهن جي هميشہ الڳ، خود مختيار ۽ قدرتي حيثيت رهي آهي. اهي ڪڏهن بہ گنگا جمنا تهذيب جي اثر هيٺ نہ رهيا آهن. انهن جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ پنهنجي تهذيب رهي آهي. وقتي طرح ڪجهہ علائقن تي هندستان يا ٻين ملڪن ۽ قومن قبضو تہ ڪيو آهي پر اهي ڪڏهن بہ انهن جو اڻ ٽٽ ۽ قدرتي حصو نہ رهيا آهن. انگريزن پڻ انهن ملڪن تي الڳ الڳ قبضو ڪري انتظامي سهوليت خاطر "All-India" يا گڏيل هندستان جو نالو ڏنو. پاڪستان جو نهڻ دراصل هندستان جي ورهاڱي سان تعبير نہ ڪرڻ گهرجي، پر بنگال، پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي آزادي يا پاڪستان جو ٺهڻ سمجهڻ گهرجي. جن علائقن تي پاڪستان مشتمل ٿيو آهي، انهن جون پنهنجون قومي ٻوليون ۽ قومي ڪلچر آهن ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ انهن ٻولين ۽ ثقافتن کي پاڙئون پٽي نٿو سگهجي.

بهرحال جيئن آزادي ۽ مذهبي جوش جا جذبا ماٺا ٿيا، تيئن ٻين اقتصادي مامرن کان سواءِ ٻوليءَ جو مسئلو بہ وڏي ونڊ ٿيڻ لڳو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ " بنگال بنگالي ٻوليءَ جي بنياد تي هڪ ٿي، پنهنجي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ ۽ آباديءَ جي نسبت سان پنهنجي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حقن جا مطالبا ڪرڻ لڳو. هن وڏي پئماني تي بنگالي ٻوليءَ جي مڃتا ۽ حقن لاءِ پاڪستان ٺهڻ جي ڪجهہ سالن کان پوءِ ئي تحريڪ شروع ڪئي ۽ ان تحريڪ ۾ ڪيترين انساني زندگين کانسواءِ، قومي ملڪيتن جو زيان ٿيو" .Sayed) (1967:189-90. ان هلچل جي نتيجي ۾ پاڪستان جي آئيني اسيمبلي 1956ع ۾ بنگاليءَ کي اردوءَ سان گڏ سرڪاري ٻولي ڪري تسليم ڪيو. اهو فيصلو صرف بنگالين جي دٻاءَ ۽ هلچل جي نتيجي ۾ ٿيو. نہ ڪي ماڻهن جي حقيقي فطري ٻوليءَ جو جائز حق تسليم ڪرڻ ڪري.

(ان وقت ٿي پاڪستان ۾ ٻولين جي اهميت ۽ حقن بابت حڪمرانن جا ڪن اڀا ٿيڻ ڪيندا هئا). باهم ڪي تيل ڏيکارڻ وارو ڪم وري ون يونٽ قائم ڪرڻ واري عمل سان ڪيو ويو، جنهن تحت صوبن جي اصل نالن کي ختم ڪري اوپر بنگال کي مشرقي پاڪستان ۽ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان کي مغربي پاڪستان نالو ڏنو ويو ۽ اصل نالن استعمال ڪرڻ تي پابندي وڌي وئي. (ڪيترن عالمن ۽ محققن به "سابق سنڌ" ۽ "سابق پنجاب" ڪري پنهنجن ڪتابن ۽ مقالن ۾ ذڪر ڪيو!).

سنڌ صوبو به لسانياتي رٿا بندي نه ٿيڻ ڪري متاثر ٿيو. سنڌ جي ٻولي "سنڌيءَ" جا اهڃاڻ قديم زماني کان ملن ٿا. لسانيات جي ڄاڻن جو چوڻ آهي ته جنهن به ايراضيءَ ۾ ڪي ماڻهو رهن ٿا، اهي هڪ ٻئي سان رابطي لاءِ جيڪا ٻولي استعمال ڪن ٿا، اها ان گروهه جي قومي ٻولي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ دوران مليل قديم آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته اڄ کان ۵۰۰۰ سال اڳ به سنڌ ۾ ماڻهو رهندا هئا، جن جي تهذيب يافته هجڻ ۾ ته ڪو شڪ ڪو نه آهي، پر سموري انسانيت ان تهذيب تي فخر ڪري رهي آهي. انهن آثارن مان ٻين شين کان علاوه لکيل صورت ۾ ٻولي به ملي آهي، جيڪا يقيناً اتي رهندڙ ماڻهو پنهنجي روز مره جي ضرورتن ۽ ڏنڌي لاءِ ڳالهائيندا هوندا. خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته اها ٻولي پنهنجي ڳالهائيندڙن جون مڙئي گهرجون پوريون ڪندي هوندي. سنڌي ٻوليءَ جي ويجهڙائي واري تاريخ ٻڌائي ٿي ته نه صرف ان ٻوليءَ ۾ هر موضوع تي اهم مواد موجود رهيو آهي، پر اها جديد سائنسي گهرجون پڻ پوريون ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي. ان ئي سبب ڪري انگريزن سنڌ تي قبضي ڪانپوءِ ٻهريون ڪم اهو ڪيو جو اڳ وارن حاڪمن جي روايت کي رد ڪندي، سنڌ ۾ ڌارين ٻولين جي استعمال بدران، سنڌي ٻولي رائج ڪئي ۽ ان کي صحيح تاريخي حيثيت ڏيئي سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ لاءِ اها

سکڻ لازمي قرار ڏني:

"We should introduce the language of the country (namely Sindhee) as the medium of official intercourse. I do not see in what way our revenue and judicial officers (however thier offices and court may be constituted) can work effectually through a foreign medium of communication such as Persian or English. A period of 18 months shuold, therefore, be allowed to the officers in civil employ to qualify themselves for an examination in Sindhee language" (Clerk, 1854).

اهو تسليم ٿيل آهي تہ اڻويهين صديءَ ۾ لسانيات جي علم ۾ انگريز عالم پنهنجي هجڻ کان علاوه عالمي حيثيت حاصل ڪري چڪا هئا. اهو ئي سبب هو جو انهن سنڌي ٻوليءَ ۾ مڙني گهرجن پوري ڪرڻ جي اهليت سمجهندي ٻين رائج ڌارين ٻولين فارسي ۽ انگريزيءَ تي ترجيح ڏني. انگريزن جي سئو سالہ حڪومتي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ صرف هر علم ۽ موضوع تي ڪتاب لکيا ويا پر ٻين پرڏيهي ٻولين مان پڻ چوند ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي ڪلاسيڪل ادب کي پڻ انگريزيءَ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي عالمي مڃتا حاصل ٿي. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ڳالهين سان گڏ نظر انداز ٿيندو ڏسي دانشورن، اديبن ۽ استادن، ڪتابن، پمفليٽن ۽ اخباري بيانن ذريعي احتجاج ڪيو . پر ان تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ اهميت کي نقصان پهچائڻ بابت ڪنيل قدمن جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1- 1948ع ۾ ڪراچيءَ ۾ قائم 1300 سنڌي پرائمري ۽ سيڪنڊري

اسڪول بند ڪيا ويا. اهو دنيا جي لسانياتي تاريخ ۾ ڪنهن ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جو انوکو مثال آهي. سنڌي ليکڪن، عالمن، شاگردن ۽ آباديءَ جي هر طبقي مان ان فيصلي خلاف هاءِ گهوڙا ٿي، پر ڪو به ڌيان ڪو نه ڏنو ويو (گرامي، 1965).

2- 1947ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن جي سنڊيڪيٽ 1956ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي امتحانن ۾ جواب ڏيڻ جي ٻوليءَ طور رد ڪيو. "سنڌي شعبو" اهو چئي بند ڪيو ويو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن جو تعداد گهٽ آهي. اهو سبب پوءِ تڏهن غلط ثابت ٿيو، جڏهن 2000 شاگردن سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف امتحانن ڏيڻ جي خواهش ڏيکاري.

3- 1956ع جي آئين مطابق سنڌ ۾ سنڌي شاگردن لاءِ اردو، اردوءَ وارن لاءِ سنڌيءَ کي لازمي قرار ڏنو ويو، پر پوءِ صرف سنڌي شاگردن لاءِ اردو برقرار رهي.

4- 1958ع جي مارشل لا کانپوءِ، 1959ع ۾ هڪ تعليمي ڪميشن جوڙي وئي ته جيئن اها پڙهڻ ۽ سيکارڻ جي ٻوليءَ بابت پاليسي ٺاهي، پر ان ڪميشن ۾ تاريخي لسانيات ۽ ٻوليءَ جي رٿا بنديءَ کان اڻ واقف ماڻهن، صوبائي ٻولين بابت 1956ع واري آئين ۾ ڪيل فيصلن کان به خراب ۽ ڏکائيندڙ فيصلا ڪيا. ڪميٽيءَ رپورٽ ۾ لکيو:

"....the experience of other countries shows that, where there are many languages, the best results cuold not be obtained. When the education in mother tongue will be given upto 5th standard..... But after standard 5, national language would be adopted as the medium of teaching and the mother tongue will stop forthwith. We strongly recommend the above formula" (Report,1959:283).

جن ٻين ملڪن جي تجربن جو حوالو ڏنو ويو آهي، انهن جو ڪو به مثال ان رپورٽ ۾ ڪونه ڏنو ويو ته، اهڙو فارمولا ڪهڙن ملڪن ۾

رائج آهي ۽ ڇا انهن وٽ ٻوليءَ بابت ساڳيون حالتون آهن؟ جڏهن ته اصولي طرح انهن کي يونيسڪو جي 1951ع واري گڏجاڻيءَ ۾ ٻولي بابت ڪيل فيصلن تي عمل ڪندي مادري زبان ۾ تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جنهن مطابق مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ ڪيترائي سبب ڏيندي چيو ويو آهي ته:

"For these reasons. it is important that every effort should be made to provide education in the mother tongue..... On education grounds we recommend that. the use of the mother tongue be extended to. as late a stage in education as Possible " (UNESCO. 1951).

تعليمي ڪميشن جو اهو فيصلو نهايت تعجب انگيز هو. حيرت جي هيءَ ڳالهه آهي ته ان ڪميشن ۾ هڪ به سنڌي دانشور يا تعليمي ماهر شامل ڪو نه هو.

5- 1970ع ۾ پهريون ڀيرو بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي چونڊيل اسيمبليون وجود ۾ آيون. پر صحيح سياسي فيصلا نه ڪرڻ ڪري بنگال ۾ فساد ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ بنگال پاڪستان کان ڌار ٿي "بنگلاديش" جو روپ اختيار ڪيو ۽ باقي رهيل ملڪ ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪئي وئي. 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻوليءَ جي شاندار ماضي ۽ جديد علمي اهميت ۽ ماڻهن جي اڪثريت جي خواهش کي نظر ۾ رکندي، ٻوليءَ جو بل پاس ڪيو. جنهن مطابق سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌيءَ کي قرار ڏنو ويو. جڏهن ته پاڪستان جي آئين ۾ اردوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي اڳ ۾ ئي قرار ڏنو ويو هو، جنهن کي سنڌ ۾ سنڌيءَ سان حصي داري ڪرڻي هئي. پر سنڌ اسيمبليءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بل پاس ٿيڻ سان ئي اردوءَ جي ڪن دانشورن فساد ۽ هنگاما ڪرائي ڏنا. انهن هنگامن کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت هڪ حڪم نامو جاري ڪيو. جنهن تحت سنڌ کي ٻه زباني

ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ اسان جي ملڪ ۾ اڃا تائين ٻوليءَ جي رٿا بندي (Language planning) جي بنيادي تصور کي ئي ڪو نہ سمجهيو ويو آهي نہ وري اهڙي قسم جي تربيت ۽ مطالعي کي سرڪاري سطح تي ڪا اهميت ڏني وڃي ٿي. تنهن ڪري بڌل ڳالهين، نيڪ، سچن ۽ سگهارن جذبن ۽ ارادن تحت ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ادارا (Language authorties) قائم تہ ڪيا ويا آهن. پر انهن تي قابض يا هلائڻ وارا توڙي پاليسيون ۽ رٿون جوڙيندڙ اهڙن عملن کان واقف ئي ڪو نہ آهن. اهو بہ مشاهدي ۾ آيو آهي تہ اهي ٻوليءَ جي ترقي ۽ رٿابنديءَ بابت ٻين گهڻ ٻولي ملڪن جي ادارن جي ڪم کان بہ واقف ڪونہ آهن. جنهن ڪري اهي ادارا پنهنجو گهربل ڪم نہ ڪري رهيا آهن. اهڙن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ يا انهن جي هلائيندڙن کي جيڪڏهن سماجي لسانيات، ٻوليءَ جي آراڏاين ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ بابت رٿابندي ۽ ان جي بنيادي تصور بابت تعليم ئي نہ هوندي تہ ٿيندڙ سموريون ڪوششون اجايون وينديون. تنهن ڪري ضروري آهي تہ، فيصلا ڪندڙن، پاليسيون جوڙيندڙن، ادارن ۾ موجود ماڻهن، توڙي نصاب ٺاهڻ وارن عالمن ۽ استادن لاءِ هنن جديد علمن جي سکيا جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي. تنهن کان پوءِ ئي اهي سماج ۾ تعليم ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ بابت ڪي نتيجا ڏيندڙ ڪم ڪري يا ڪرائي سگهندا.

اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ ٻوليءَ جي رٿا بندي ڇا آهي؟ ان جي روشنيءَ ۾ تفصيلي جائزو وٺندي ٻوليءَ جي مسئلي جو حل پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي ماهرن جي راءِ ۾ (Cooper, 1989:31-34) ٻوليءَ جي رٿابنديءَ کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون جسماني رٿابندي (Corpus Planning) هن مطابق ٻوليءَ جي بناوت، لفظي ذخيرو، لفظن جي بناوت، صورتخطي ۽ نئين اسڪرپٽ جو اختيار ڪرڻ، نون لفظن ۽ اصطلاحن جو ٺاهڻ ۽ گرامر جا اصول مرتب ڪرڻ، لسانياتي خاصيتون طئہ ڪرڻ وغيره اچي وڃي ٿو. ٻيو، درجائي يا حيثيتي رٿا بندي (Status Planning). هن قسم مطابق ٻوليءَ بابت قومي رٿابنديءَ ۾ هر ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرڻ

آهي. مثال طور سکيا يا تربيت جو ذريعو، عام رابطي جو ذريعو، سرڪاري لکپڙهه جو ذريعو يا قومي سجاڻپ جو ذريعو وغيره. هن قسم جي ذريعي سماج ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جو استعمال ۽ حيثيت متعين ڪري سگهجي ٿي. ٽيون - اختياري يا حاصلاتي رٿابندي (Acquisition Planning) هن قسم مطابق ڪنهن به ٻوليءَ جي اختيار ڪرڻ جا طريقا اچي وڃن ٿا. جيئن ته سيکارڻ ۽ سکڻ جا طريقا ۽ ٻوليءَ کي پکيڙڻ بابت پاليسي يعني مواصلاتي ذريعن جو استعمال وغيره اچي وڃي ٿو.

رٿابنديءَ جا مٿي بيان ڪيل ٽيئي قسم جيتوڻيڪ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. پر ان جي باوجود هر ڪنهن جي اهميت هڪ جيتري نه آهي. ٻوليءَ جي رٿابنديءَ ۾ جنهن قسم کي وڏيڪ ۽ بنيادي اهيمت حاصل آهي، اهو آهي حيثيتي رٿابندي. ٻوليءَ جي رٿابندي ڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي ته گهڻ ٻولي ملڪ ۾ سڀ کان اول هر ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪن ۽ جڏهن سيني ٻولين جا ڳالهائيندڙ هر ٻوليءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندا، تڏهن ئي باقي ٻين قسمن تي عمل ڪري ٻولين کي وڌائي شاهوڪار بنائڻ ۽ عمل ۾ آڻن لاءِ اٿارٽيون يا ادارن جو عمل ڪارگر ثابت ٿيندو.

ٻوليءَ جي مسئلي جي سلسلي ۾ رٿابندي ڪندڙن کي بااختيار ڪري ۽ اهيمت ڏئي ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرائي، ان مطابق پاليسيون اختيار ڪيون وڃن. اسان جي ملڪ ۾ چار صوبا آهن جن ۾ چار قومون رهن ٿيون، جن کي پنهنجي پنهنجي ثقافت، تاريخي ورثا ۽ ساهوڪار ٻوليون آهن. تنهنڪري انهن چئن ئي صوبن جي اڪثريتي ماڻهن جي مادري ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، ٻوليءَ جي رٿابنديءَ تي عمل ڪندي، انهن جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ اٿارٽيون ۽ ادارا قائم ڪري ڪوششون ڪيون وڃن. اهڙي طرح پاڪستان جون چار قومي زبانون ٿينديون، جيڪي قومي ٻڌيءَ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ نقصان ڪار نه ٿينديون. پر جڏهن هر ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ ان جي ٻوليءَ کي وڌڻ ويجهڻ جا هڪ جيترا ۽ تاريخي حق حاصل ٿيندا، تڏهن ايڪي، ٻڌي ۽ سهپ جا جذبا پڻ وڌندا.

جئين تہ اردو گذريل اڌ صديءَ کان جاري آهي ۽ ملڪ جي گهڻي آبادي ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿي، تنهن ڪري ان کي عام واهپي جي (Lingua Franca) ٻوليءَ جي حيثيت ڏئي ان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڪوششون جاري رکيون وڃن.

عالمي سطح تي مقابلن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ کي هر تعليمي سطح تي رائج ڪري ملڪ ۾ سرڪاري لکپڙهہ جي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. هن وقت جيڪا سهوليت شهري ۽ وڏن ماڻهن جي ٻارن کي حاصل آهي تہ انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري وڏا عهدا ماڻي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين. پر جڏهن انگريزيءَ کي هر سطح تي رائج ڪيو ويندو تہ اها سهوليت هر طبقي جي ٻار ۽ ماڻهوءَ کي هڪ جيتري حاصل ٿيندي ۽ ملڪ جي سموري آبادي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي ۽ اهڙي قسم جو احساس، ملڪ سان پيار جو جذبو پيدا ڪندو ۽ نفرتن بدران محبتون وڌنديون. اهڙي قسم جي رٿا بنديءَ ۾ وقت ضرور لڳندو پر ان کان پوءِ جيڪي نتيجا نڪرندا، اهي ملڪ ۾ هڪ سونهري خوشحاليءَ جو دور آڻيندا ۽ گهڻيَ قدر ٻوليءَ جي بنيادن تي رنجشن جو خاتمو ٿي ويندو.

## حوالا


Callard, Keith, (1957) Pakistan: a political study, London: George Allen and Unwin Ltd.

Clerk, Sir George's Minute, (1854), Great Britain House of Common 11-East India Scinde-Session Vol.XLIX.

Cooper, Robert, L.(1989), Language planning and social change. Cambridge University Press.

Giramee.G.M.(Ed.) (1965). Memorandum to the Syndicate of the Karachi University. Mehran Quarterly Special Edition 1955-65. Sindhi Adabi Board Jamshoro.

Gupta J. Das (1977) Language Planning Process Mouton.

-------------- (1979) Current Trends in Linguistics. South Asian Linguistics. Mouton.

Haugen, Einar (1967) Language Planning Theory & Practice. In a Graur (Ed). Actes duexe congress internation des Linguistes: Bucarest: Edition del' Academic de La Republic Socialiste de Roumanie, Vol 1.

Jernudd, et al (1971) Towards a theory of language planning. In Joan Rubin & Bjorn, H.Jernudd (Eds.) Can language be planned? sociolinguistic theory & practice for developing nations. The Hague Mouton.

Report,(1959) Education Commission of Pakistan. Sayed. K.B. (1967) The Political System of Pakistan. Boston.

Tauli, Valter (1974) The theory of language planning. In Joshue, A. Fishman (Ed.). Advances in language planning. The Hague Mouton.

UNESCO, (1951) The report of the UNESCO meeting of specialists. In Joshue. A. Fishman, Readings in the Sociology of Language. Mouton.

# ٻوليءَ ۾ ڦير گهير/ تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڻ جي چونڊ

آڳاٽي وقت کان فلاسافر، نقاد، ڏاها ۽ شاعر اهو چوندا آيا آهن تہ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ تبديليءَ جي حالت ۾ آهي. يوناني ڏاهي هيريڪليٽس (Heraclitus) مطابق:
Every thing rolls on, nothing stays still.
ڪابہ شي هڪ جاءِ تي نہ ٿي بيهي، هر شيءِ تبديل ٿئي ٿي .(Aitchison,[1981],1984:95)

ٻولي بہ ڪائنات ۾ موجود ٻين شين وانگر هر وقت تبديليءَ جي حالت ۾آهي. ايتريقدر جو صرف سؤ سال اڳ جي (ڳالهايل سنڌي آوازن جي صورت ۾ اسان وٽ ريڪارڊ ٿيل ڪونہ آهي) لکيل سنڌي اڄ جي لکجندڙ سنڌيءَ کان گهڻو مختلف آهي. جارج گريئرسن 100 سال اڳ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي جيڪا روينيو علمدارن جي ذريعي لکت ۾ آندي، اڄ جي ڳالهائجندڙ توڙي لکجندڙ سنڌي کان گهڻو مختلف آهي.

اهڙي طرح شاهہ لطف الله قادري (1020-1090هہ) جيڪا سنڌي سولي ڪري لکي آهي تہ جيئن عام ۽ اڻوڃهہ ماڻهن کي بہ سمجهہ ۾ اچي، اها اڄ جي سنڌي پڙهندڙ کي ايترو آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿي اچي.

ڪوڏا ڪٿو رسالو اي فقير جوڙي ٻيتن،
تہ هوءِ سنڌي وائي سهلو ٻجهڻ اڻوجهن،
پاهنجي ٻولي ڪري سگهائين اي سڪن،
لطف الله چئي، لئي پيو، ور سڪن ۽ پڙهن.

اٺويهين صديءَ جو وڏو حصو لسانيات تي ڪم ڪندڙ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين کي معلوم ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندا رهيا. ٻوليءَ جي مختلف خاصيتن کي ساڳي ٻوليءَ اندر توڙي ٻين ٻولين سان ڀيٽائي ٻوليءَ جي تبديلي بابت اهي حقيقتون معلوم ڪندا رهيا تہ ٻوليءَ جي ڪهڙين خاصيتن ۾ تبديلي آئي آهي. ڪڏهن ۽ ڪهڙن سببن جي ڪري ٻوليءَ ۾ اهي تبديليون اچي رهيون آهن يا اچي چڪيون آهن وغيره.

جتي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديليءَ تي ڪم ڪندي عالم نتيجا ڪڍندا رهيا آهن، اتي گهڻو ڪري مڙني ترقي توڙي غير ترقي يافتہ سماجن ۾ ماڻهن جو هڪڙو اهڙو گروهہ بہ رهيو آهي، جيڪو ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ ڪنهن بہ تبديليءَ کي قبول نہ ٿو ڪري. اٺويهين صدي توڙي موجوده صديءَ جي ڀرئين اڌ جي برطانوي انگريزي اخبارن کي غور سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪيترا رٽائرڊ ڪامورا يا اخبارن جا پڙهندڙ، اخبارن ذريعي بدلجندڙ ٻوليءَ توڙي ليکڪن جي پراڻين روايتن کان هٽي ڪري نون اثرن تحت لکيل ٻوليءَ خلاف خط لکندا رهيا آهن. انهن جي شڪايت رهي آهي تہ اخبارون توڙي ليکڪ انگريزي ٻوليءَ کي بگاڙي رهيا آهن. لفظن جي استعمال ۽ پراڻن لفظن (متروڪ) کي استعمال نہ ڪرڻ جي شڪايت انهن جي خطن ۾ عام ملندي. اهڙي قسم جون شڪايتون ڪافي عرصي کان اردو ٻوليءَ جا ليکڪ بہ پنهنجي مضمونن ۽ ڪالمن وغيره ۾ ڪندا رهيا آهن تہ اردو ٻولي مختلف ملڪن جي مختلف سماج ۾ ني جي اثرن ڪري بگڙجي رهي آهي ۽ نوان ليکڪ ۽ اخبارون انهن اثرن هيٺ ٻوليءَ جي اصل خاصيتن کان هٽي ٻوليءَ کي بگاڙي آهن وغيره.

اسان جي سماج ۾ بہ اڄ سوڏو نوان توڙي پراڻا لکندڙ اخبارن توڙي ڪيترن نوجوان ليکڪن جي لکڻين ۾ استعمال ڪيل ٻوليءَ کي ٻوليءَ جو بگاڙو چئي نِنديندا رهندا آهن. جن کي اسين خالص ٻوليءَ جا حمايتي (Purist) ڪري سڏيون ٿا. انهن جون شڪايتون ڪيتريقدر

اهم آهن. اخبارن يا ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ماهرن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي يا نہ. ٻوليءَ ۾ ايندڙ اهي تبديليون ڪنهن ٻوليءَ جي تباهي آڻين ٿيون يا ان کي ترقي يافتہ ۽ گهرجون پوريون ڪندڙ ٻولي بڻائين ٿيون؟ اهو هڪ الڳ موضوع آهي، جنهن تي ڌار مقالو لکي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هتي صرف ايترو چونداسين تہ جيئن انگريزي ۽ اردو اخبارن ۾ لکجندڙ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين کي روڪي نہ سگهيا آهن ۽ نہ ئي اخبارن کي مجبور ڪري پنهنجي نموني واري ٻولي استعمال ڪرائي سگهيا آهن. ائين ئي سنڌيءَ ۾ ٿيندڙ تبديلي بہ قدرتي آهي. شڪايتون ڪندڙ اهڙي تبديليءَ اڳيان ڪو بہ علمي بند نہ ٺا ٻڌي سگهن، ڇاڪاڻ تہ اهڙيون تبديليون سماجي حالتن تي مدار رکندڙ ۽ فطري آهن. ساڳي ٻولي صدين تائين تڏهن برقرار رهندي جڏهن سماج ۾ بہ ساڳيون حالتون صدين تائين قائم رهنديون ۽ ڪابہ تبديلي نہ ايندي. ساڳي ٻولي استعمال ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جون ڳالهيون صرف خيالي دنيا جي پيداوار آهن جن جو حقيقي دنيا سان ڪو بہ واسطو ڪو نہ آهي.

بهرحال سماجي لسانيات ۾ آيل نون لاڙن مطابق ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين جي وضاحت تي ڌيان ڏئي دنيا جا ڪيترائي محقق ڪم ڪري رهيا آهن. هن مقالي ۾ اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڦرڻا (Variable) چونڊيا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جي استعمال جو تجزيو ڪري انهن ذريعي ٿيندڙ تبديليءَ جي رفتار ۽ ڪارڻ معلوم ڪري سگهجن ٿا. هتي بحث لاءِ چونڊيل ڦرڻن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ڦرڻا کڻي، ڳالهائجندڙ سنڌيءَ کي ريڪارڊ ڪري، ڦير گهير/ تبديلي معلوم ڪري سگهجي ٿي.

ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلي يا ڦير گهير جي سائنسي ايياس لاءِ سڀ کان اهم ڪم آهي چند لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ. هتي لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ کان اڳ نهايت ضروري آهي تہ لسانياتي ڦرڻو خود ڇا آهي؟

لسانياتي تبديليءَ جي ڳولا ۾ حد مقرر ڪرڻ لاءِ اهم اوزار طور ڪم اچي ٿو.

لابوف (Labov,1972) سماجي لسانياتي گهاڙيٽن (Sociolinguistic Patterns) جي اڀياس ۾ هن نظريي جو آهي ته، ڪنهن هڪ ٻوليءَ واري سماجي گروهه جي ڪامياب سماجي لسانياتي مطالعي لاءِ ضروري آهي ته لسانياتي ڦرڻو عام جام استعمال ۾ اچي ته جيئن تجزيي ڪرڻ لاءِ گهڻا نمبر (Token) حاصل ٿي سگهن. برٽين (Britain, 1991:56) اسان کي ياد ٿو ڏياري ته مختلف صوتياتي حالتن۽موقعن دوران ڦرڻن جي روين جو تجزيو ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهي ته ڳالهائيندڙن جي گفتگوءَ ۾ لسانياتي ڦرڻن جو عام جام استعمال ٿئي.

ٻئي هنڌ لابوف (Labov, 1972:8) زور ٿو ڏئي ته، لسانياتي ڦرڻي جو بناوتي (Structural) هجڻ سان گڏ جيترو ٿي سگهي لاڳو ٿيندڙ ۽ گڏيل هجڻ ڪان سواءِ وڏي پيماني واري بناوت تي ٻڌل هجڻ ضروري آهي. اهو ڦرڻو جڏهن ٻين لسانياتي ڦرڻن توڙي سماجي ماڻن (Social Parameters) سان لاڳاپجي ته وڌيڪ ورهائجي سگهجي.

جيئن ته هن ڪان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪو به ڪم ڪو نه ٿيو آهي جنهن ۾ ٻڌايل هجي ته ڪهڙا ڦرڻا اهم آهن. تنهنڪري اها معلومات ٻين ذريعن مان ورتي وئي. اڳ اهڙي قسم جي مطالعن جي نه هجڻ منهنجي هن اڀياس ۾ ڪا خاص رڪاوٽ يا ڏکيائي ڪو نه پيدا ڪئي. هڪ ته پهريون سوالنامو ايڏو وسيع ترتيب ڏنو ويو جنهن ۾ سنڌيءَ جو سمورو صوتي نظام (Phonemic system) اچي پئي ويو ته جيئن ڪو به اهم حيثيت رکندڙ جزو رهجي نه وڃي. ٻر ٻوءِ به اهو نهايت ضروري هو ته هن اڀياس کي تمام اهم ڦرڻن تائين محدود رکيو وڃي. باقي سنڌيءَ جي ڦير گهير ۽ تبديلي معلوم ڪرڻ لاءِ

ڪيترن ئي لسانياتي ڦرتن کي استعمال ۾ آڻي ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ مدد گار ٿيڻائي سگهجي ٿو. هتي چونڊيل ڦرتن جو ذڪر سنڌيءَ تي ڪم ڪندڙ ڪيترن عالمن پنهنجي مطالعن ۾ ڪيو آهي، (Trump: 1872. Jetley:1973. Shaikh:1992. Sindhi: 1993. Prem: 1995) ۽ مختلف علائقن ۾ انهن جي مختلف استعمال جو ذڪر به ڪيو آهي. پر انهن کي ڦرتي جي سائنسي اصطلاح مطابق ڏيڻا ذريعي اسان استعمال ڪري نتيجا ڪڍيا آهن. جيڪي اميد ته اڳتي جي تحقيق لاءِ ڪار آمد ثابت ٿيندا.

اسان پنهنجي ڦرتن کي جاچڻ لاءِ، ماڻهن کي پڌندي تاثراتي طريقو اختيار ڪيو. ڪانئن سنڌن ٻوليءَ ڳالهائڻ بابت سوال ڪندي، سنڌن جاڻ کي پنهنجي ابتدائي تحقيقي جائزيءَ مشاهدن سان پيشبندي نتيجا پڌرا ڪيا.

مادري / فطري زبان وارن سان ڳالهائيندي سڀ کان پهريون مسئلو جيڪو اسان جي اڳيان ظاهر ٿيو، اهو هو لفظن، "عيب"، "پئسي"، "ميدان"، "عورت"، "قوم"، "اوج"، "موج" ۽ "فوج" جو اُچار، جيڪي آئي ۽ آئو وارن آوازن تي ٻڌل هئا، جيڪي لفظن جي منڍ يا وچ ۾ پئي آيا. هي ڦرتو سنڌي ٻسري (Diphthong) آواز سان واڳيل آهي. جيڪو ڪن حالتن ۾ هڪ سر (Monophthong) يعني / آئي/ / اي/ ۾ ۽/ آئو/، / او/ ۾ تبديل ٿئي ٿو. اهڙي طرح هن ٻسري ڦرتي جو هڪ ڦيرو ٿيو خود ٻسرو (Diphthong) ۽ ٻيو هڪ سرو صوتيو (Monophthong). پهرئين اسان سوچيو هو ته هر هڪ ٻسري آواز جو ڌار ڌار لسانياتي ڦرتي جي صورت ۾ اڀياس ڪيو وڃي. پر پوءِ ائين نه ڪيو سين جو هڪ ته، اسان جڏهن ٽيپ ڪيل گفتگوءَ کي تحقيقي انداز سان پرکيو ته خبر پئي ته جن ماڻهن / آئو/ ڦرتي کي ٻسري نموني پئي اچاريو انهن ساڳين / آئي/ ٻئي سر کي به ٻسري طرح پئي اچاريو. اهڙي طرح جنهن / او/ هڪ سري

(Monophthong) نموني پٽي اچاريو. ان / اَي/ کي ٻہ هڪ سري طريقي سان پٽي اچاريو. اهو عمل سنڌن سموري ريڪارڊ ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ۾ ساڳي طرح برقرار رهيو. تنهن ڪري اسان ڏار ڏار تجزيو ڪرڻ بدران انهن ٻنهي کي هڪ لسانياتي ڦرڻي جي حيثيت ۾ تجزيو ڪيو ۽ نتيجا ڪڍيا.

مٿين ٻنهي ٻسري صوتين کي هڪ ڦرڻو ڪري تجزيو ڪرڻ جو ٻيو مک سبب اهو بہ هو تہ هڪ سري ۽ ٻہ سري صوتئي جو هر ڪنهن ماڻهوءَ جي گفتگوءَ ۾ ڪو گهڻو واهپو ڪو نہ پئي ٿيو. جڏهن تہ لسانياتي ڦرڻي جي چونڊ لاءِ هڪ وڏي پرک / ڪسوٽي اها بہ آهي تہ ڦرڻو گهڻو استعمال ۾ ايندڙ هجي، تنهنڪري ان ڪسوٽيءَ تي پوري لهڻ لاءِ ٻنهي کي هڪ ڦرڻو ڪري ليکيو ويو، جيئن اسان ٻنهنجي تحقيق کي هر طرح سان مستند بڻائي سگهون ۽ ڪي نِنڍڙيون ڪوتاهيون بہ نہ ٿين. ٻن ٻسري صوتين کي هڪ ڦرڻو ڪري تجزيو ڪرڻ جو طريقو جيڪو اسان ٻنهنجي تحقيق ۾ اختيار ڪيو آهي. ٻي دنيا جي سماجي لسانيات جي محققن، مثال طور مصر جي شمت (Schmitt, 1974) ، تيونس جي محمد جابر (Jabeur, 1987) ۽ سعودي عربيہ جي علي ختاني (Khtani, 1992) عربيءَ جي مطالعن دوران پڻ اختيار ڪيو آهي.

ٻيو لسانياتي ڦرڻو جيڪو ريڪارڊ ڪيل گفتگوءَ جو تجزيو ڪرڻ وقت اهم ثابت ٿيو، اهو هو لفظ جي آخر ۾ ايندڙ نِنڍو سر، خاص طرح اسمن، سرَ، مکَ، مَسَ، نَڪَ ۽ واتَ وغيره ۾. هيءُ ڦرڻو ٻن ڦيرن جي صورت ۾ سامهون آيو هڪ لفظ جي آخر ۾ نِنڍي سرَ جي موجودگي ٻيو غير موجودگي.

نِنڍي سرَ جي غير موجودگي گهڻو ڪري انهن نوجوانن جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ محسوس ڪئي وئي جيڪي ٻين ٻولين سان سڌي رابطي ۾ هئا ۽ ان نئين لهر يعني لفظ جي آخر ۾ سرَ نہ اچارڻ جو شڪار هئا. ڪيترن ئي وڏي عمر جي ماڻهن اچارجي انهي انداز تي نڪتہ چيني ڪندي، ٻوليءَ لاءِ نقصان قرار ڏنو، جنهن سان (سندن چوڻ مطابق) ٻولي تيزيءَ سان بگڙجي، تباهہ ٿي رهي آهي.

دريعي دنيا جي ڪابہ ٻولي صحيح طريقي سان اچاري، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهجي ٿي).

1. هِنَ مُلڪَ ۾ اَمُنَ اَمانَ جي صُورتحالِ ڏينهون ڏينهن خَرابَ ٿيندي پَئي وَجي.

hin*a* mulik*a* me amun*a* ama:n*a* ji: Su:ratha:l*i* di:hu: di:hu xar:b*u* thi:di: pai: waje.

هِن مُلڪ ۾ اَمن اَمان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خَراب ٿيندي پئي وجي.

hin- mulik- me aman- ama:n- ji: su:ratha:l- di:hu xarab- thi: di :pai: waje.

2. اَڄُ ڪلَهہ جا نوجوانَ مائٽنِ جو چوڻُ ئي ڪونَہ ٿا مڃينِ.

aju kalha ja: naujawa:na ma:itrani jo cavanu i: kona tha: majini.

اڄ ڪلهہ جا نوجوان مائٽن جو چوڻ ئي ڪو نہ ٿا مڃين.

aj- kalh- ja: naujawa:n- ma:itran Jo cavan- i: kon-tha: najin-.

ريڪارڊ ڪيل گفتگوءَ مان ڪنيل مٿين ٻن مثالن مان اسان ڏسي سگهون ٿا تہ سر جو ڪِرڻ يا نہ اچارڻ ڪنهن بہ طرح ايندڙ لفظ جي سر يا وينجن تي شروع ٿيڻ يا ختم ٿيڻ سان آڌاريل نہ آهي.

هي سر وارو ڦرڻو سنڌيءَ جي محاوراتي (Dialectal) فرقن ۾ تمام هلڪو ظاهر ٿئي تو (1). گرئيرسن (Grierson, 1968:169) جي جائزي مطابق لاسي محاورو وچولي ۾ استعمال ٿيندڙ محاوري جهڙو ئي آهي، سواءِ ڪجهہ موقعن جي جڏهن ننڍو سر نٿو اچاريو وڃي ۽ اهڙي طرح لفظ وينجن تي ختم ٿا ٿين. بهرحال، سر ڪيرائڻ يا نہ اچارڻ واري اها عادت لاسيءَ ۾ ايتري عام نہ آهي جيتري ڪڇي يا لاڙيءَ ۾، جن ۾ آخري يا لفظ جي پڇاڙيءَ واري سر ڪي ڪيرائڻ جي مضبوط روايت / رسم (Trend) آهي. هيٺ مختلف محاورن مان ڪجهہ لفظ مثال طور ڏجن ٿا، جيڪي محقق جي مختلف محاورن جي پنهنجي تجربي ۽ جاڻ تي آڌاريل آهن.

ذڪر مختلف حوالن سان ڪيو آهي. جن مان گريئرسن (1919)، آڏواڻي (1956)، بلوچ (1965) ۽ الانا (1967) ذڪر لائق آهن. جن مان اسان کي ڪجهه ضروري معلومات ملي ٿي. ان معلومات جي آڌارتي اسان هن ڦرڦار کي پنهنجي تحقيقي ايريا ۾ ٻن ڦيرن (Variants) ۾ استعمال ٿيندي ڏٺو. هڪ ڦيرو / ر/ جو استعمال ۽ ٻيو / ر/ جو استعمال نہ ڪرڻ آهي.

گريئرسن (1919) جي اڀياس مطابق (ر) جو آواز خاص محاوري سان لاڳاپيل آهي. سنڌس چوڻ مطابق، لاڙي محاوري ۾ (٠ ٔ جو آواز ڪيرايو وڃي ٿو يعني اچاريو نہ ٿو وڃي. جنهن لاءِ هن مثال طور: ٿي، ڪنڊ ۽ ڏيڍ وغيره لفظ ڏنا آهن. جڏهن تہ سريلي ۽ وچولي محاوري ۾ (ر) جو آواز اهڙن مڙني لفظن ۾ اچاريو وڃي ٿو.

گريئرسن کان اٽڪل پنجاهہ سال پوءِ ڊاڪٽر بلوچ (1965) ۽ ڊاڪٽر الانا (1967) جي تجزيي مطابق تہ اها (ر) صرف سريلي محاوري جا ڳالهائيندڙ مذڪوره لفظن ۾ استعمال ڪن ٿا ۽ وچولي توڙي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ٻوليءَ جي محاوري جا ڳالهائيندڙ استعمال ڪو نہ ٿا ڪن (2). مٿين حاصل ڪيل معلومات مان چٽي طرح اخذ ڪري سگهون ٿا تہ وقت سان گڏ سنڌيءَ ۾ اهم لسانياتي تبديلي رونما ٿي چڪي آهي. جنهن مطابق (ر) جو مقامي / فطري اچار، نئين نہ اُچارڻ واري ڦرڦار ۾ تبديل ٿي چڪو آهي.

اهڙن تجزين ۽ نتيجن جي آڌار تي چئي سگهون ٿا تہ ٻوليءَ ۾ مذڪوره تبديلي، سنڌ ۾ 1930ع کان پوءِ تعليم جي عام واهپي ٿيڻ جي ڪري تڪڙي ٿيڻ شروع ٿي آهي، خاص ڪري 1936ع کان پوءِ جڏهن سنڌ، بمبئي پريزيڊنسي کان جدا ٿي الڳ صوبي جي حيثيت اختيار ڪئي ۽ علمي ۽ ادبي ادارا خود مختياريءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳا.

تعليمي سهوليتن جي واڌاري جي معنيٰ معياري لکت جو گهڻو

واهپو. جنهن لکت مطابق مذڪوره خاص لکتن ۾ (ر) جو اکر شامل ڪو نہ آهي. تنهن ڪري اخبارن، نصابي ڪتابن توڙي ٻين علمي، ادبي لکتن ۾ جتي اهڙا لفظ اچن ٿا انهن ۾ (ر) شامل ٿي ڪو نہ ٿي ڪئي وڃي. انهن لکتن جي اثر ڪري ٿي ٻوليءَ ۾ اهڙي تبديلي ٿيل پاسي ٿي، جو پڙهيل لکيل ماڻهو ۽ انهن جي اثر ۾ ڪيترا اڻ پڙهيل بہ (ر) جو آواز ڪو نہ ٿا ڪڍن. مٿين بحث جي روشنيءَ ۾ اسين چئي سگهون ٿا تہ اسان جي تحقيقي ايريا ۾ اڀياس هيٺ لسانياتي برادرين ۾ پڙهيل لکيل ۽ نون مواصلاتي اثرن هيٺ آيل ماڻهو (ر) اچار مذڪوره لفظن ۾ ڪونہ ڪڍندا هوندا. جڏهن تہ اڻ پڙهيل ۽ وڏي عمر جا ماڻهو جيڪي مواصلاتي رابطن جي اثر ۾ گهٽ هوندا اهي (ر) جو اچار ڪڍندا هوندا.

سنڌيءَ جي محاوري وچولي بابت اسان کي ٻي اهم معلومات خوبچندڻاڻي (1961) جي ڪيل ڪم مان حاصل ٿئي ٿي. خوبچندڻاڻيءَ جي وچوليءَ تي ڪيل ڪم جي مطالعي مان حيراني ٿي ٿئي تہ مذڪوره ٽني ويجهن ٽر، ڊر، ڊر جو ڪٿي بہ ذڪر ٿيل ڪونہ آهي، جنهن بابت اهو اندازو ٿئي ٿو تہ، هن صاحب لکيل مواد کان علاوه پنهنجي ڳالهائڻ مان مواد حاصل ڪري ڪم ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سندس دعوا آهي تہ هو سنڌيءَ جي وچولي محاوري جو ڳالهائيندڙ آهي پر اها ڳالهہ ذهن ۾ ضرور اچي ٿي تہ هن جي ڳالهہ ٻولهہ تي نوجوانيءَ ۾ سنڌ کان لڏي ڀارت ۾ آباد ٿيڻ اثر ڇڏيو هوندو (Khubchandani. 1961:3).

ساڳي طرح الانا جو ڪم (1963) جنهن ۾ هن پنهنجي ڳالهائڻ جي اڀياس تي نتيجا اُڏاريا آهن جنهن کي هو وچوليءَ مطابق سمجهي ٿو ۽ ٽر، ڊر ۽ ڊر جو ذڪر ڪو نہ ڪيو اٿس. ان مان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ سندس اصل ۽ فطري محاوري لاڙيءَ جو سندس ڳالهائڻ تي اثر باقي آهي جنهن ۾ مذڪوره (ر) جو اچار ڪو نہ ڪڍيو ويندو آهي.

اهڙن جائزن جي ڪري، اسان طئہ ڪيو تہ مذڪوره ٽنهي ڦرڻن کي ٻوليءَ ۾ ڦير گهير ۽ تبديليءَ جي رفتار معلوم ڪرڻ لاءِ مک ذريعو

ٻنايو ويجي. جڏهن ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڏيندا ۽ سوالنامي جو تفصيلي تجزيو ڪرڻ سان خبر پوندي ته انهن ٽن صوتين کان علاوه ٻيا به ڪيترا ڦرڦا ٿي سگهن ٿا، جن جي تجزيي ۽ اڀياس مان ڪي وڏيڪ دلچسپ ۽ نتيجا خيز نظريا ظاهر ٿي سگهن ٿا. مثال طور، ق ڪ، ڦ ف، ک خ، ش ڇ وغيره، پر اسان پنهنجي سموري اڀياس ۾ مذڪوره ٽن ڦرڦن تي ئي ڌيان مرڪوز رکيو ۽ انهن جي تجزيي مان نتيجا اخذ ڪيا. اهي نتيجا ٻين سماجياتي ڦرڦن سان ملائي / ڀيٽائي ڪڍيا ويا آهن. مثال طور؛ الڳ جنس ۽ تعليم جي گهٽ وڌ هجڻ کان علاوه شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي مليل سهوليتن جي آڌار سان گڏ عمر جي فرق کي خاص سبب ڄاڻايا ويا آهن. تبديلي ۽ ڦير ڦار بابت اهڙن نتيجن کي ڌار ڌار مقالن ۾ ظاهر ڪيو ويندو جنهن جو مک سبب آهي ته سنڌي پڙهندڙ کي آهستي آهستي سماجي لسانيات جي ماهرن ۽ تحقيق کان آگاهه ڪجي، جو نئين علم هجڻ ڪري پڙهندڙ کي سمجهڻ ۽ پرکڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي ۽ علمي مونجهارا نه پيدا ٿين.

## وضاحتون:

(1) ڊائليڪٽ (Dialect) مان مراد ڊاڪٽر گربخشاڻي (1940) طرفان استعمال ڪيل ۽ محمد عمر چنڊ (1985) طرفان حمايت ڪيل لفظ "محاورو" ورتو ۽ استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر الانا محاوري جي بدران لهجي لفظ کي ئي ڊائليڪٽ جي اصل مراد ورتي آهي. جنهن کي اسان هتي لنوايو (ignore) آهي وڌيڪ بحث ۽ معلومات لاءِ پڙهو ڏنل حوالن وارا ڪتاب.

(2) 1990-93ع دوران ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (ر) آواز کي اهڙن

لفظن ۾ شامل ڪري لکڻ شروع ڪيو (شاهہ جو رسالو ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جو خبرنامو). جنهن تي علمي حلقن ۾ ڪافي ڇڙٻول ٿيو. اسان ڊاڪٽر صاحب، جي اهڙي عمل ڪي حقيقي مڃيندي، ان جي روشنيءَ ۾ (ر) آواز جو نئين سري سان مطالعو ڪيو. جنهن ڪي سنڌيءَ جي ڪن خاص لفظن ۾ (ر) آواز جو اثر ڪان لاڙ ڏانهن سفر" جي نالي سان خيرپور ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو. (جيڪو جلدي ئي ڇپجي پڌرو ٿيندو).

## حوالا:


Aitchison, Jean, [1981] (1984) Language Change: Progress or Decay? Fontana Paperbacks, U.K.

Allana, G.A (1963) The Arabic Element in Sindhi. Dissertation for partial fulfilment for the degree of M.A. in Linguistics, University of London.

Baloch, N.A (1965) Introducing a Comprehensive Dictionary of Classical and Current Sindhi. In Dil, A.S. Studies in Pakistani Linguistics, 93-114.

Britain, D. (1991) Dialect and Space: A Geolinguistic Study of the Speech Variation in the Fens. Ph.D. Thesis, University of Essex, England.

Chambers & Trudgil, P.(1988) (eds) Dialects of England. L.L.L. U.K.

Grierson, G. [1919] (1968) Linguistic Survey of India Vol: VIII Part II. Delhi, Motilal Bansaridas.

Jabeur, M. (1987) A Sociolinguistic Study in Tunsia: Rades. Ph.D Thesis, University of Reading, England.

Khtani, A.S. (1992) The Impact of Social Change on Linguistic Behaviour, Ph.D Thesis, University of Essex.

England.

Khubchandani, L.M (1961) The Phonology and Morphophonemics of Sindhi. M.A. Dissertation. University of Pennsylvania.

Labov. W. (1966) The Social Stratification of English in New York City. Washington D.C. Centre of Applied Linguistics.

Labov. W. (1972) Sociolinguistic Patterns. Oxford. Basil Blackwell.

Schmidt. R.W. (1974) Sociolinguistic Variation in Spoken Egyptian Arabic: An Examination of the Concept of Diglossia. Ph.D. Dissertation. Brown University, U.S.A.

Shirt, G. (1978) Traces of Dravidian Elements in Sindhi; The Indian Antiquary. Vol. II pp 292-293.

Trump, E. [1872] (1970) Grammar of the Sindhi Language. Osnabruck Biblio Verlog. Germany.

آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند، (1956) سنڌي ٻولي جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

الانا، غلام علي، (1967) سنڌي صوتيات، ادبيات حيدرآباد.

پريم، ڊاڪٽر هدايت، (1995) اترادي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.

ڇيتلي، مُرليڌر، (1973) سنڌي ٻوليءَ جون خاصيتون، سنڌي ادب، سنڌالاجي، ڄامشورو.

سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد، (1993) شڪارپور جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.

شيخ، محمد فاضل، (1992) ماڇيليءَ اٻاوڙي جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.

# شاعريءَ جو سماجي ڪارج

شاعري، جيئن تہ ادب جو هڪ حصو آهي، تنهنڪري ان جو ڪارج بہ اهو ئي ٿيندو جيڪو خود ادب جو آهي. پر حقيقت ۾ ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ شاعريءَ جي اهميت ۽ ڪارج وڌيڪ اعليٰ ۽ پر اثر آهي، بقول وردز ورٿ (1).

"Poetry is the breath and finer sprit of knowledge"

شاعريءَ جي سماجي ڪارج جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ کان پهرين اڇو تہ ڏسون تہ، شاعري بذات خود ڇا آهي؟ ان جا محرڪات ڇا آهن؟ انسان ۾ جڏهن غم ۽ خوشيءَ جي شدت پيدا ٿئي ٿي تہ هو بي قابو ٿي پنهنجي ڪيفيت جو اظهار ڪجهہ جملن جي صورت ۾ ڪري ٿو. جيڪي مڪمل شاعريءَ جو نمونو تہ نہ هوندا آهن، پر هڪ قسم جي اندروني ڪيفيت جو اظهار ضرور هوندا آهن. شاعريءَ جي نصابي تشريحن ۽ تعريفن کي پري ڪري جيڪڏهن سوچيو وڃي تہ ان کان ڪو بہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ، شاعريءَ جي دنيا جو پهريون سَلو انساني تجربي مان اُسريل فڪر مان ئي نِسريو هوندو. اهڙي طرح پوءِ انهي فڪر ۽ ڪيفيتن جي اظهار لاءِ ڪي ڪي پابنديون/ هيئتون وجود ۾ آيون، جيڪي شاعريءَ لاءِ لازمي ٿي ويون ۽ انهن جي پابندي ڪرڻ ڪانسواءِ شاعري اڌوري ليکي وڃي ٿي. جڏهن تہ ڪيترن ئي شاعريءَ جي نقادن شعري پابندين ۽ هيئتن کي ڪا اهميت نہ ڏيندي صرف جذبي، مقصد ۽ احساس جي اظهار کي ئي شاعري سڏيو آهي؛ شبلي نعماني لکي ٿو تہ، "دنيا ۾ جيترا بہ قدرت جا مظهر آهن، اهي مادي هجن مثلاً پهاڙ، برپٽ، باغ، دريا وغيره توڙي غير مادي مثلاً، وصال، جدائي، احساس، محبت، نفرت انهن سڀني جو دل تي اثر ٿئي ٿو ۽ هر

شخص جي دل تي ٿئي ٿو، پر اثر مختلف ٿين ٿا. ڪن تي ٿورو تہ ڪن تي گھڻو ٿئي ٿو، جيڪو شخص انهن جو اثر عام ماڻهن کان وڌيڪ قبول ڪري ۽ انهي اثر کي لفظن جي شڪل ۾ آڻي ٿو، اهو شاعر آهي"(2). ڊاڪٽر گربخشاڻي وري جذبي، احساس، مقصد ۽ مشاهدي جي قوت کان علاوه فن ۽ هيئت کي بہ اهميت ڏئي ٿو، "شاعريءَ ۾ نہ فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گھرجي، مگر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري صنعت چئجي"(3). شاعريءَ جو تعلق جذبي ۽ احساس سان گھڻو آهي، پر عقل ۽ فهم کي پري ڪرڻ سان بہ شاعري مڪمل ٿي نہ ٿي سگھي.

شاعري ذات آ اياز مگر،
ذات ڪهڙي، هجي نہ جنهن کي ذاتءُ.
شيخ اياز

شاعري جذبن، احساسن، امنگن ۽ اڌمن جو فني اظهار آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ شاعري زندگيءَ جو اظهار آهي.

شاعر ۾ عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ گھڻيون خوبيون هونديون آهن، حساس ۽ جذباتي بہ انتها درجي جو ٿئي ٿو، هو ذات ۽ ذاتءَ جو بہ ڏاڍي هوندو آهي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ "هو قدرتي طور تي انسان دوست پڻ هوندو آهي(4). شاعر جيئن تہ معاشري جوئي هڪ فرد ٿئي ٿو، تنهنڪري هو رشتن ناتن کان متاثر ٿئي ٿو، وصال ۽ وڇوڙي، رنج ۽ راحت، وفا ۽ بي وفائيءَ، مجبوري ۽ مفلسيءَ، فنا ۽ بقا جي انيڪ قلبي وارداتن، ذهني پيڙائن ۽ فڪري تجربن مان گذري ٿو، جنهن جو سندس دل، دماغ، احساسن ۽ سوچن تي اثر پوي ٿو. هو انهن تجربن ۽ وارداتن کي پنهنجي ذات ۽ ذاتءَ، مشاهدي ۽ مٽيا جي زور تي اظهار ڪري ٿو، جيڪو شاعريءَ جي روپ ۾ معاشري جي سامهون اچي ٿو.

هر ليکڪ وانگر شاعر جي نظر بہ پنهنجي قوم جي ماضي، حال ۽

مستقبل تي هوندي آهي. "مان شاعر آهيان، وقت منهنجو غلام آهي، مان ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ کي اک ڇنڀ ۾ مَليا مَيٽ ڪري سگهندو آهيان...."(5). هر ليکڪ وانگر هو بہ چاهيندو آهي تہ سندس قوم ترقي ڪري ۽ جنهن معاشري ۾ هو رهي ٿو، سو "مهذب معاشرو" سڏائڻ لائق ٿئي. ڏک، مفلسي، پرماريت ۽ جهالت وغيره جي پاڙ پٽجي وڃي ۽ هر ماڻهو آزاد، خود مختيار ۽ خوشحال ٿي، آزاد ۽ آزاديءَ جون نعمتون ماڻي سگهي. "اديب کي هميشه خود ظئہ ڪرڻو پوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪيس Totalitarian سوسائٽيءَ ۾ رهڻو آهي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي! ڪيس مسلسل هوشيار رهڻو پوندو تہ آزاديءَ جو ڪهڙو مفهوم ۽ مقصد ورتو پيو وڃي، انارڪسٽ، مارڪسٽ، ماديت پرست ۽ خود وجوديت جي شيدائين آزاديءَ جي الڳ الڳ تشريح ڪئي آهي، اديب جو ڪم آهي تہ هو پنهنجيون تشريحون خود ڪري"(6). هڪ ليکڪ کي جيئن تہ پنهنجيون تشريحون ۽ پنهنجا مفهوم خود واضح ڪرڻا آهن، تنهنڪري هڪ شاعر جي ناتي هو پنهنجي ماحول ۽ سماج جو غور سان مشاهدو ڪري ٿو؛ انسان جي مفلسي ۽ مجبوريءَ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن يا مفلسي ۽ مجبوري انسان ۽ انساني قدرن تي ڪيتري حد تائين اثر انداز ٿئي ٿي، "ڪنهن جي آزادي ڪڏهن ۽ ڪٿي سلب ٿي رهي آهي"(7). اهڙيون پيون اليڪ ڳالهيون ۽ فلسفا هن جي مشاهدي ۾ اچي سندس شعور ۾ وسعت پيدا ڪن ٿيون ۽ شاعر کي سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ مجبور/ آماده ڪن ٿيون. مثال طور هڪ شاعر کي جڏهن ٻڪ جي بي رحميءَ جو ادراڪ ٿئي ٿو تہ هو چئي ٿو ڏئي تہ:

"ڊوَ بنا ڊوليا، ناهي ساڄهہ سونهن جي".

شيخ اياز

هاڻي اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ شاعري جذبن / احساسن جو فني اظهار آهي ۽ شاعريءَ جو محرڪ خود سماج آهي. اسان هيئن بہ چئي

سگهون ٿا تہ شاعري نہ صرف جذبن/ احساسن جو اظهار آهي پر شاعري نت نوان جذبا/ احساس مهيا پڻ ڪري ڏئي ٿي.

رتي ناهي رت ڇوڙون مڙيون جندڙيءَ،
ساٿي اٿ سُنت، تہ ساڙيون هن سماج کي.
شيخ اياز.

شاعريءَ جي ڪارج جي باري ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي مفڪرن ۽ عالمن گهڻو ڪجهہ چيو آهي. بهرحال اها ڳالهہ واضح آهي تہ شاعريءَ جو مقصد تہ ضروري آهي! پر ڇا شاعريءَ جو ڪو خاص مقصد هئڻ گهرجي؟ يا شاعر ڪنهن خاص مڙهيل فڪر تي هلي ۽ ان جي طابع ٿي شاعري ڪري؟؟ هنن سوالن جي جوابن تي اختلاف آهن. بهرحال گهڻائي ان تي متفق آهي تہ شاعريءَ جو ڪارج "خوشي پهچائڻ" سان گڏو گڏ معاشري جي مستقبل جي واٽ جي لاٽ ڏيکارڻ پڻ آهي. شاعري نہ رڳو "خاص حقيقت" پر "عام حقيقت" جو بہ اظهار ڪري ٿي، اهو بہ درست آهي تہ شاعري سطحي تبليغ نہ هئڻ گهرجي. جيئن تہ شاعريءَ ۾ "سچ" پيش ڪيو ويندو آهي، ۽ اهو سچ (شاعريءَ جي صورت ۾) هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهو تائين پهچائڻ ڇا تبليغ نہ آهي؟ بلڪل تبليغ آهي، پر اها تبليغ فن جو اعليٰ نمونو هوندي آهي. هڪ شاعر لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي ضمير سان سچو رهي، جيڪي ڏسي يا محسوس ڪري اهو بيان ڪري، نہ صرف اهو ڪجهہ بيان ڪري جيڪو ٿيو آهي پر جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي ان جو ادراڪ بہ ڪيس هئڻ گهرجي. اهڙو ڪم هڪ تاريخ دان (مؤرخ) بہ پنهنجي انداز سان ڪري ٿو پر شاعر ۽ هڪ تاريخ دان ۾ جو فرق آهي ان لاءِ ارسطو جي لفظن ۾ تہ:

From what we have said it will be seen that the poet's function is to describe, not the thing has happend, but, a kind of thing that might happen, i.e what is possible as being probable or necessary. The distinction between Historian and Poet is not the one writing prose and the other verse(7).

معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن جي اڪثريت ڪن شين لاءِ پنهنجي ذهن ۾ ڪي خاص تصور رکندي آهي ۽ هو پنهنجي ان تصور مٽائڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي آهي يا هن وٽ ڪو اهڙو دليل نہ هوندو آهي، يا هن جي ذهن ۾ ايتري وسعت نہ هوندي آهي تہ هو جنهن شيءِ کي سچ سمجهي ٿو (يا سمجهايو ويو آهي) ان کي پرکي مڃي يا رد ڪري سگهي. اها شاعري ئي آهي جا نہ صرف شعور کي پختو ٿي ڪري پر حقيقت ۾ پڙهندڙ ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪري ٿي. مثال طور اسان جي برصغير ۾ "تاج محل" جو تصور "محبت جي محل" ۽ "محبت جي عظمت" جو آهي پر هن تصور کي اردوءَ جي مشهور شاعر ساحر لڌيانوي پنهنجي هڪ نظم ۾ ريٽي ڇڏيو ۽ انهيءَ نظم جي ذريعي اسان کي ٻيو تصور ڏنو:

اک شهنشاه نے دولت کا سهارا لے کر

هم غریبوں کی محبت کا اڑایا هے مذاق.

دنيا ۾ محبت جو غم وڏي ۾ وڏو غم سمجهيو ۽ تصور ڪيو ويندو هو، پر فيض احمد فيض ان غم کان علاوه هڪ ٻئي غم جي تصور کي اهميت ڏني:

اور بهی غم هیں زمانے میں محبت کے سوا،

راحتیں اور بهی هیں وصل کی راحت کے سوا.

توڙي جو معاشري جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ضرور هئي تہ دنيا ۾ محبت کانسواءِ ٻيا بہ غم آهن، پر هو انهيءَ تصور يا احساس ۽ جذبي کي لفظ عطا ڪري نہ پئي سگهيا. هڪ شاعر جڏهن اها ڪيفيت جهٽي تہ اها بيان ڪري ڇڏيائين ۽ هاڻي اهو شعر پهاڪي جي طور ڪم ايندو آهي. پهاڪن ۾ هميشہ اٽل ڳالهہ يا حقيقت جو ذڪر هوندو آهي ۽ پهاڪن جي جوڙ جڪ صدين جي تجربي ۽ مشاهدي کانپوءِ ٿي جڙندي آهي، هاڻي اهو شعر جڏهن ذهن ۾ اچي ٿو (جيڪو درحقيقت پهاڪو نہ آهي) تہ ماڻهو ڪيڏو محظوظ ٿئي ٿو.

سنڌي شاعريءَ تي هڪ اهڙو دور بہ آيو جڏهن فارسي جي بحر وزن

تي ڪيل شاعريءَ کانسواءِ ٻي سموري شاعري جهنگلي ۽ غير تهذيبي ليکي ويندي هئي. شاعر فارسي ۽ عربي ترڪيبون، تشبيهون، استعارا ۽ اصطلاح اختيار ڪري اڳيون قائم ڪيل تصور ٽوڙي ڇڏيو، ايتريقدر جو اڄ ڪو به شاعر جيڪڏهن ڌارين ٻولين جون ترڪيبون ۽ اصطلاح پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪري ٿو ته ان جي شاعري عام ٽوڙي خاص ۾ ڪو به مقام حاصل ڪري نٿي سگهي. هن بحث مان مراد آهي ته شاعريءَ رستي نوان تصور، جذبا ۽ احساس قائم ڪري سگهجن ٿا، جيڪي معاشري کي ناهڻ ٽوڙي بگاڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا.

تاريخي تحقيقن ذريعي اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته قديمي دور ۾ گيت يا راڳ جي ذريعي ٽوٽي ڦيٽي جو ڪم ورتو ويندو هو. جيئن بيمار کي سگهو ڪرڻ، ديوتا کي ريجهائڻ وغيره يا مذهبي ڏڻن تي مداحون، مولود ۽ ڀڄن وغيره جوڙ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهڙي قسم جي شاعريءَ کي سماجي ڪارج طور ڪتب آندو ويو (اڄ تائين پڻ ڪتب آندو وڃي ٿو). "رزميه ۽ داستان گوئي واري شاعري اوائلي دور ۾ تاريخ کي محفوظ ۽ منتقل ڪرڻ کان علاوه ڪن گروهن جي تفريح جو سماجي ڪارج پڻ ادا ڪيو، جو ته انهيءَ دور ۾ ٻولين جو لکت ۾ اچڻ جو رواج ڪو نه پيو هو"(9). اسان پنهنجن ٻڍن ۽ چارڻن کي ڏسنداسين ته انهن جي ذريعي ڪيترائي تاريخي ۽ نيم تاريخي قصا/ ڪهاڻيون اسان تائين منتقل ٿي چڪا آهن ۽ هيل تائين لکت ۾ اچي محفوظ پڻ ٿي چڪا آهن. انهيءَ کانسواءِ اصلاحي/ افادي شاعري پڻ ڪافي ڪئي وئي، جنهن جو مقصد ڪنهن خاص نظريي يا سوچ جو پرچار ڪرڻ يا اخلاقي هدايتون ڏيڻ هو ۽ اهڙي شاعري ان حد تائين ئي محدود هئي. جديد شاعريءَ جون حدون ۽ تقاضائون وسيع ۽ مختلف ٿي ويون آهن ۽ اهڙي طرح شاعر جون ذميداريون به وڌي ويون آهن.

شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ نه رڳو پنهنجا احساس/ جذبا ٻين کي محسوس ڪرائي ٿو پر هو ٻين جي احساسن/ جذبن کي به پنهنجي

ڏات جي سگهه سان عوام تائين پهچائي ٿو. هيئن به چئي سگهجي ٿو ته هو عوام جي احساسن کي موٽائي عوام تائين پهچائي ٿو ۽ اهي ساڳيا احساس/ جذبا جڏهن عوام تائين موٽي پهچن ٿا ته اهي گهڻو چٽا ۽ چاڻ سان ڀريل هوندا آهن. اهڙي نموني عوام پنهنجي ذات متعلق گهڻو باخبر ٿئي ٿو ۽ سندس شعور ۾ پختگي اچي ٿي. نتيجي طور عوام ۾ نه محسوس ٿيندڙ تبديلي اچي ٿي ۽ چاڻ/ پرک جي سگهه مضبوط ٿئي ٿي. پڙهندڙ کي جڏهن به ڪو شعر متاثر ڪري ٿو ته اهو شعر هن جي ذهن ۾ پنهنجي مفهوم جي سموري پس منظر سميت رچي بسي وڃي ٿو. جيڪو هن لاءِ ذهني تسڪين توڙي سهاري جو هٿيار بنجي پوي ٿو ۽ پوءِ اهوئي هٿيار آهستي آهستي هر هڪ ماڻهوءَ تائين پهچي وڃي ٿو ۽ هر هڪ جي سوچ ۽ سمجهه جي تبديلي جو ڪارڻ بنجي ٿو ۽ اها تبديلي آهستي آهستي ڪنهن سماجي ڦيري / تبديلي جي واٽ گهڙيندي رهي ٿي.

ڪهڙو به ٿئي پر صبح ٿئي،
گهنگهور گهٽا جي گهيري ۾،
ڪا ڪنوڻ ڪنوي تڏهن به چڱو.
هن گهاٽي گهگهه انڌيري ۾.
خاڪي جويو

مٿيون شعر يا اهڙي قسم جي ٻي ڪيتري ئي شاعري دراصل عوام طرفان انهيءَ تبديليءَ جو اظهار آهي جيڪو هڪ شاعر جي ذهن ۽ سوچ ذريعي پنهنجي يعني عوام جي تبديلي واري خواهش جو اظهار ڪري ٿو. ماڻهو جيڪو فطري طرح محبت جو پندار آهي، محبت ئي سندس لاءِ جيون جو ڪارڻ آهي، اهو جڏهن محبت جي نالي ٿيندڙ انياءَ کي معاشري ۾ وڌندو ڏسي ٿو ۽ سياست کي استحصال ۽ ڪنهن هڪ فرقي يا گروه خلاف استعمال ٿيندي ڏسي ٿو. تڏهن هن ۾ مختلف قسم جا رد عمل پيدا ٿين ٿا. دل ۾ ڪجهه سوچي ٿو. ڪا نئين سوچ ڪو نئون جذبو

اپارڻ، نئون ڏيئو ٻارڻ چاهي ٿو پر هن وٽ لفظ نہ آهن. اهو شاعر ئي آهي جيڪو ڪيس سچائيءَ سان لفظ آڇي ٿو:

رڳو محبت ناهي ڳيرو!
دنيا ۾ قادياني آهن
۽ ڪيئي ڏيوالا آهن،
بازارين ۾ تالا آهن،
هندڙيون آهن،
ساڻ- وير جون بندڙيون آهن،
آفت جا پرڪالا آهن،
ڪيئي سُود اُڳاڙڻ وارا
لالا آهن،
جيڏا ڪوڙا آهن تيڏا
بول انهن جا بالا آهن،
اخبارن ۾
ڪيڏا مرچ مسالا آهن!
ڪابيءَ ڏر ۽ ساڄيءَ ڏر ۾
گارين جا پرنالا آهن،
صوفي ڪيئن چون ٿا ڪونهن
آهن، هي سڀ سالا آهن!
اولهہ وارا، اوڀر وارا،
سڀ جي دال ۾ ڪالا آهن،
هر ڪو پنهنجي سوارٿ جو آ
سڀ مڪڙيءَ جا جالا آهن،
پانڌين جي پيرن ۾ ڪيڏا
ڇير ڇير جا ڇالا آهن!

ترس، خلا مان ڀِر ڪرڻ ڏي،
اچا سمنڊ آلا آهن!
دنيا ڪا رابيل نہ آهي!
ڊيل نہ آهي!
تنهنجا تيل قليل نہ آهي!
ڳيرو، دنيا رڳو محبت ناهي!
رڳو محبت ناهي!(10).
شيخ اياز

شاعر دراصل معاشري جي مڙني فردن ۽ گروهن جو هر اول دستو آهي. اهڙن مجاهدن، حساس ۽ سچن سرفروشن جو دستو آهي جيڪي فرد جي ذات کان وٺي سموري معاشري جي ڀلائيءَ لاءِ تبديلي جا خواهان هوندا آهن. اهڙي تبديلي جيڪا عوام چاهيندو هجي، عوام جي ذهن جي لڪل خانن (لاشعور) ۾ ڪر ڪٽندي هجي. شاعر انهيءَ تبديليءَ جي سوچ کي ماڻهن جي مرضي مطابق ماڻهن جي اڳيان آڻي ٿو ۽ سماج ۾ رهندڙ سمورا طبقا اهو سمجهڻ تي مجبور / آماده ٿين تہ اها تبديليءَ جي خواهش اسان جي ذهن ۾ اڳي ئي موجود هئي. هونئن بہ اصول آهي تہ جيتريقدر سماج ۾ خيال ۽ رايا، عادتون ۽ اطوار، ذوق ۽ شوق بدلجن ٿا، شاعريءَ جي حالت بہ ايتريقدر ئي تبديل ٿئي ٿي. اها تبديلي بلڪل غير ارادي لڳندي آهي، ڇو تہ معاشري جي حالت ڏسي شاعر ڄاڻي ٻجهي پنهنجي حالت تبديل ڪو نہ ڪندو پر معاشري سان گڏو گڏ هو خود بخود تبديل ٿيندو آهي"(11).

ليڪڪ ۽ شاعر ئي پنهنجي فن ذريعي پنهنجي قلم جي زور سان اهو ڪجهہ چئي ۽ لکي سگهي ٿو، جنهن جو ٻئي ڪنهن نموني اظهار نہ صرف مشڪل پر ناممڪن ٿيو پوي. قومن جي شاعريءَ جي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ اڪثر وڏن سماجي انقلابن کان اڳ ۾ شاعريءَ ۾ انقلاب ايندو آهي. صدين جو پيڙائون، ظلم، ڏاڍ، ڏک، ادب

۽ شاعريءَ جو روپ ورتي عوام جو هٿيار بڻجي پوندا آهن، اهي هٿيار ڏڪن ڏولاون کي طاقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. اها طاقت حال جي جابر قوتن جو مقابلو ڪندي مستقبل جي لاءِ روشن واٽون تخليق ڪندي آهي ۽ سماج ۾ هلندڙ غلط روايتن، ڏاڍاين، عزت جي ڪوڙن معيارن ۽ اجاين ريتن رسمن خلاف صحيح رخ ۾ تبديلين جو ڪارڻ پيدا ڪندي آهي:

شعر شعر ۾ شاعر جي، پيڙا جا پڙلاءَ،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ مرڪ ۾.
اياز گل

يا

وڏم ڏڪن ڏاڻ، سک نہ سنيران سپرين،
سوچي هن سماج تي، ڪڏ ڇيبون ڇاڻ،
ڏاهي ڪريان ڏيرهي، بي معنيٰ مانڊاڻ،
سڄڻ اچ مون ساڻ، تہ اُتڪون اچ انياءَ سان.
شيخ اياز

حال ۾ ٿيندڙ ڏاڍاين خلاف جنگ، دوکي ۽ فريب واري رويي خلاف آواز ۽ مستقبل ۾ چوٽڪاري جي اميد جي روشني شاعريءَ جو هڪ وڏو ڪارج آهي.

نيٺ تہ ڍهندي، ڪيسين رهندي
دوکي جي ديوار، او يار!....
شيخ اياز

يا

متو آهين مڇ، ٿلها! ٿو ٿونا هڻين،
توجا پائين اڇ، تنهن پاڻيءَ پنان ڏينهڙا.
شاهہ لطيف

شاعريءَ جي اها وڏي ڪاميابي ليکبي، جيڪڏهن اها ڪنهنکي متاثر ڪري يا ڪنهن جي اندر ۾ ٿورڙي ڦيرو / تبديلي آڻي! پوءِ اهو ڦيرو هڪ ڪان ٻئي تائين آهستي آهستي پهچي وڃي ٿو. هونئن شاعري هڪ خاموش ۽ پائيدار انقلاب آڻيندڙ فن آهي جنهن جو اثر سماج توڙي

سياست تي سڌو ٻوي ٿو. شاعريءَ جو اثر آهستي، غير محسوس ٿيندڙ ۽ گهڻو پائيدار ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري هڪ شاعر ڪنهن سياست دان کان گهڻو مختلف هوندو آهي. سياست دان موقع پرست ۽ لالچي هجڻ ڪري (Exceptions are every where) ڪڏهن ڪڏهن سچ کي توڙي موڙي (پنهنجي فائـ ـ ـءِ) پيش ڪندو آهي. جڏهن ته شاعر سچ جو سانڪي/ سڌ ڏيندڙ ۽ انساني بنيادي حقن/ قدرن جو محافظ ۽ ترجمان ٿئي ٿو. هتي هڪ ڳالهه واضح هجي ته جيئن هر حساس ۽ جذبو رکندڙ ماڻهو شاعر ٿئو ٿي سگهي تيئن هر شاعري به شاعري ٿي نه ٿي سگهي. "شاعري اها آهي جا واقعي، واردات ۽ ڪيفيات جي صورت ۾، احساس ۽ خيال جي معاملات کي الهام ۽ القاء جي رنگ ۾ پيش ڪري ٿي. باقي سڀ ڪجهه اڪتساب فن جي پيداوار آهي"(12). شاعريءَ ۾ جيڪڏهن Universal Truth آهي ته شاعري نه رڳو متعلقه معاشري کي متاثر ڪري ٿي پر ملڪي سرحدون پڻ اورانگهي وڃي ٿي؛

شاعر ٻول جڏهن ٻولن ٿا،
دنيا لئه راهون کولن ٿا.
شيخ اياز

هن سلسلي ۾ ٽئگور، شاهه لطيف، نذر السلام، پيلو نرودا، فيض احمد فيض ۽ شيخ اياز وغيره جي شاعريءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو.

اهڙي طرح اسان چئي سگهون ٿا ته شاعري ذهن جي ترتيب ۽ تربيت ڪري ٿي، ذوق جي تسڪين ڪري ٿي. شعور ۾ وسعت آڻي ٿي، سچ سڃاڻڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿي، حقن وٺڻ لاءِ آماده ڪري ٿي ۽ ٻولي ۽ ثقافت کي اجاگر ڪري محفوظ ڪري ٿي. شاعريءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به فن جو سماجي ڪارج ايترو اعليٰ ۽ ارفع هجڻ نه صرف مشڪل پر ناممڪن آهي.

## حوالا

1.Wordsworth.W.(1951) The Poetical works of Wordsworth: Oxford University Press. "Preface to Lyrical Ballads"pp. 733.

2. شبلي، مولانا نعماني (1949) "شعرالعجم" حصو پهريون عالمگير اليڪٽرڪ پريس لاهور ص 11.

3. گربخشاڻي، ڊاڪٽر ايچ- ايم "شعر و شاعري" مهراڻ 1949/3ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

4. ذوالفقار، ڊاڪٽر غلام حسين(1966) "اردو شاعري ڪا سياسي اور سماجي پس منظر" پنجاب يونيورسٽي لاهور ص43.

5. شيخ اياز (1982) "پتڻ تي پور ڪري" سمبارا پبليڪيشن ڪراچي ص 150.

6. حيدر، قراة العين (1959) "افسانه" نقوش خاص نمبر ص 289.

7. حسين، ڊاڪٽر مجتبيٰ (1981) "اديب اور معاشره" پاڪستاني ادب پهريون جلد - فيڊرل گورنمينٽ ڪاليج، راولپنڊي. ص49.

8. Hutchins Robert Maynard (Ed: in-chief) (1952) "Great books of the Western world "Aristotle" Vol. II Unversity of Chicago U.S.A P-686.

9. جالبي، جميل (1960) ايليٽ ڪي مضامين، اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي ص82.

10. شيخ اياز (1985) "چنڊ چنبيليءَ ول" نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ص81.

11. حالي، خواجه الطاف حسين "مقدمه شعر و شاعري" اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي ص 24-23.

12. گرامي، مولانا غلام محمد "مهراڻ" شاعر نمبر - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو گذارش ص 11.

# شاهه لطف الله قادري- اَساسي شاعريءَ ۾ سنڌس سماجي، لسانياتي، فني ۽ فڪري اهميت

شاهه لطف الله قادري سنڌي شاعريءَ جي دنيا جو اهو وڏو ۽ اهم نالو آهي، جنهن جي ڪلام جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي آساسي شاعريءَ جو ذڪر ۽ مطالعو اڌورو ٿيندو. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، قاضي قادن (وفات 1551ع) جي ڪلام ۽ شاهه لطيف (1679-1752) جي ڪلام جي وچ واري دور جي اهم ۽ مضبوط ڪڙي آهي. جنهن جي مطالعي سان ان دور جي شاعريءَ جي مزاج، اوسر ۽ عروج جي ڄاڻ ملي ٿي. جيتوڻيڪ گذريل پنجاهه سالن کان وقت به وقت لطف الله قادريءَ سندس ڪلام جو ذڪر ڪن مضمونن ۽ ادبي تاريخ جي ڪتابن وغيره ۾ ايندو رهيو آهي، پر گذريل ٽيهن سالن کان ته سندس ڪلام ۽ سوانح حيات جي مڪمل تحقيق ۽ چنڊ ڇاڻ ڪري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سندس هٿ آيل سمورو ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جيڪو 337 بيتن تي ٻڌل آهي، جڏهن ته سندس ڪافي ڪلام اڃا گم ٿيل آهي. ان هوندي به اڃا تائين ڪيترائي محقق، ڄاڻو ۽ عالم سندس ڪلام، فن ۽ فڪر کان غير واقف آهن. اهو ئي سبب آهي جو جنهن به مضمون يا ڪتاب ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ جو تذڪرو ۽ تشريح ڪئي اٿن اتي شاهه لطف الله جي ڪلام، فن ۽ ان جي فڪري گهرائيءَ جو ذڪر نه ڪري متين شاعرن جي ڪلام ۽ فلسفي جي تشريح سان پوري طرح انصاف ڪري نه سگهيا آهن.

ڪجهه عرصو اڳ قاضي قادن جي اڳ مليل ستن بيتن کان علاوه ٻئي ڪلام جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ ان تي تنقيدون ۽ تبصرا پڙهڻ سان

ڪنهن ڪنهن باب جي وچ ۾ سنڌي بيت ڏيئي مفهوم کي سولوء آسان ڪيو ويو آهي. جيئن اصل عام سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو انهيء فلسفي جي حقيقت کي چٽي طرح سمجهي سگهن ۽ فارسيء جي ڳوڙهن اصطلاحن ۾ منجهي نه پون.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي تحقيق مطابق "منهاج المعرفت" جي هن قلمي نسخي ۾ جملي ويهه سنڌي بيت موجود آهن، مگر ايڪويهن ڪان وٺي ٽيوهين بيتن تائين هجڻ جو گمان نڪري ٿو (2). شاهه لطف الله قادريء جو گهڻو سنڌي ڪلام سندس "سنڌي رسالي" ۾ موجود آهي جنهن ڪري ئي هي سنڌي شاعريء جي دنيا ۾ اهم مقام رکي ٿو. سنڌي رسالي لاء پوريء طرح پروڙ نه پئجي سگهي آهي ته هي ڪڏهن لکيو ويو، ڇاڪاڻ جو ان تي ڪابه تاريخ يا سال لکيل ڪو نه آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هي ڪتاب منهاج المعرفت کان پوء ئي سڄو سارو سنڌيء ۾ لکيو ويو. ان جي لکڻ جو ڪارڻ به اهو ٿي سگهي ٿو ته، شاهه لطف الله قادري جڏهن شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي منزلن بابت سمجهاڻين تي ٻڌل ڪتاب فارسي ۾ لکيا. تڏهن ڪيس اها ڳالهه ڌيان ۾ آئي هوندي ته انهن ئي مسئلن ۽ معاملن کي سنڌيء ۾ بيان ڪجي ته جيئن عالمن ۽ ڏاهن کانسواءِ عام ماڻهن کي به سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو منهاج المعرفت لکڻ وقت ڪيترن ئي بابن پنيان سنڌي بيت ۾ سڄي باب جو تت سمائي سولائيء سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين. جيئن ته اڳ سنڌي نثر مليو آهي، تنهنڪري هن سموري تعليم شعر رستي بيتن ۾ پوئي پيش ڪئي. "سنڌي رسالي جوڙڻ مان شاهه لطف الله جو مقصد محض شاعري نه مگر تعليم هو، يعني طريقت جا مسئلا سمجهائڻ. انهيء تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي فطري ۽ مادري ٻولي سنڌيء ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروري ڄاتو. ڇاڪاڻ ته سندس نظرئي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائيء شوق سان سگهو سکي

سگهندا. اهڙي طرح شاهہ لطف الله قادري بنهنجي سنڌي رسالي جي مقدمي ۾ سنڌي عوام کي سندن مادري زبان سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جي نظرئي جو بنياد وڌو. مخدوم ابو الحسن ٺٽوي، جو غالبا شاهہ لطف الله قادريءَ جو ننڍو معاصر هو، تنهن انهيءَ نظريي کي عملي صورت ڏني ۽ عوام جي تعليم خاطر سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيائين جو پوءِ سنڌ جي عالمن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ درسي ڪتاب ڪري پڙهايو" (3).

شاهہ لطف الله قادريءَ جي سنڌي رسالي جي مقدمي مان ڪجهہ سٽون پيش آهن جن ۾ سنڌيءَ ۾ بيت جوڙڻ جي مقصد جي وضاحت ٿيل آهي.

ڪوڏا ڪئو رسالو اي فقير جوڙي بيتن،
تہ هوءَ سنڌي وائي سهلو پجهڻ ابوجهن،
پاهنجي پولي ڪري سگهائين اي سکن.
لطف الله چئي لئہ پيو، ور سکن ۽ پڙهن.
.....الخ

شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام جي غور ۽ گهرائيءَ سان مطالعي ڪان پوءِ اسان کي سندس عظمت ۽ اهميت بابت ڪيترائي عجيب انڪشاف ٿين ٿا. جن مان فني طرح شاعري ۾ بيت کي ٻن سٽن مان وڌائي گهٽين سٽن تائين پهچائي ان ۾ فني پختگي قائم رکڻ اهم آهي، ڏوهيڙي يا بيت جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو شاعر جيئندو (Jaindu) نالي جين ڌرم جو هڪ مشهور جوڳي آهي، جيڪو عيسوي ڇهين صدي ڌاري ٿي گذريو آهي. هن جي پچار جو سلسلو ڏکڻ سنڌ (لاڙ) کان وٺي ڪڇ ۽ ڪانياواڙ تائين رهيو آهي، جيئندو جي ڏوهيڙن جا ٻہ مجموعا "جوڳ سار" ۽ "پرامپياسو" (Jogsar-Prampyaso) تمام مشهور رهيا آهن (4). هن کان پوءِ جي شاعرن ڪبير ڀڳت. دادو ديال ۽ نانڪ وٽ بہ ڏوهيڙي جو ساڳيو گهاڙيٽو ملي ٿو جڏهن تہ موضوع مختلف آهن.

ڏوهيڙو اصل لفظ آهي ڏوڙو يعني ٻٽو يا ٻيٽو، جنهن جو مطلب آهي

مٿئين ٽن سٽن وارن بيتن مان ٽئين نمبر بيت کي ڪريم جو ڪلام رسالي جي مؤلف ميمڻ عبدالمجيد سنڌي شاهه ڪريم جو ڪري نه ڄاڻايو آهي (11). جڏهن ته "شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" جي مؤلف علامه دائود پوٽي هي بيت شاهه ڪريم جو ڪري ڄاڻايو آهي (12). ڪجهه وقت پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (13) ۽ علامه داؤد پوٽي تحقيق ڪري انهيءَ بيت کي ٻراڙ ذات جي هڪ شاعر جو ثابت ڪيو آهي (14).

علامه دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق کي مستند سمجهندي اسين اهو سمجهون ٿا ته شاهه ڪريم جي مليل سموري ڪلام ۾ صرف ٻه ٽه سٽا بيت آهن. اهڙي طرح قاضي قادن جي، شاهه ڪريم جي رسالي ۾ موجود سٽن بيتن ۽ هندستان مان هٿ آيل سموري ڪلام ۾ صرف هڪ ٽه سٽو ۽ ٻه چار سٽا بيت ملن ٿا.

سچ پيارا سانئيان سائينءَ سچ سهاءِ،
سچي منگل نه دهئي، سچي سرپ نه کاءِ،
سچ سمندان سر چڙهئي، ڪوڙ ڪڪائين باهه،
جڏهن، ڪڏهون ڪوڙ کي، ڏيندو سچ سزاءِ. (15)

جي مون ڏٺين لک ڏڙ، ڏڙ ڏڙ لک سران،
سر سر لک مهان ٿئين، مهه مهه لک جيان،
سڀي جيان ٽڪيان، هڪڙيان لنوان،
صفت تنهنجي راڄيا، توهون ڪئين ڪران. (16)

تون آڌار سڌار تون، تون آڌائون اڌ،
تون ئي اڪرين مون، تون ئي اندر هڌ،
ڳل لڳي ڳالهه چوان ڪيهي حاجت سڌ. (17)

انهن ٽنهي بيتن مان مٿئين بيت جي ٻوليءَ کي قاضي قادن جي ٻولي

تسليم نہ ڪندي ڊاڪٽر بلوچ انهيءَ بيت کي رد ڏئي قاضي قادن جو تسليم نٿو ڪري (18). قاضي قادن جي سموري ڪلام ۾ صرف ٻہ بيت ٻن سٽن کان وڌيڪ جا ملن ٿا. مٿين سڄي وضاحت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جي زماني ۾ اهو اثر آهستي آهستي ختم ٿي رهيو هو تہ ڪو بيت يا ڏوهيڙي ۾ ٻہ سٽن کان وڌيڪ سٽون وجهڻ ڪا بدعت يا مذهبي گناهہ آهي. پنهنجي جاءِ تي اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌ جي آڳاٽي شاعري جيڪا اسان تائين پهتي آهي، تقريباً شاهہ لطيف تائين، ان ۾ مذهبي رنگ وڌيڪ سمايل آهي ۽ گهڻي شاعري، بيت يا ڏوهيڙا آهن ئي مذهبي پرچار ۽ تبليغ واسطي چيل. قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جي زماني ۾ ئي جيئن تہ بيت جي سٽن ۾ واڌارو اچڻ شروع ٿيو هو يعني بيت پنهنجي ارتقا ڏانهن وڌي رهيو هو، مگر شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام پڙهڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو تہ بيت پنهنجي اصل ترقي هن بزرگ جي شاعري ۽ فيلسوفي نقطن ذريعي ئي ڪئي ۽ حد لاحد لنگهي وڃي ستن سٽن تائين پهتو. مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ شاهہ لطف الله قادريءَ کان اڳ ڪن شاعرن وٽ ڪجهہ ٽن چئن سٽن وارا بيت مليا آهن، پر مجموعي طرح بيت ٻن سٽن جو ئي رهيو.

"فن جي لحاظ کان قاضي قادن جي بيتن ۾ بنيادي ٻہ - ٽڪي بيت کان وٺي مڪمل سنڌي بيت تائين ارتقا جون سڀئي صورتون ملن ٿيون" (19)

تنهن بہ بيت جي هيئت توڙي فني سٽاءَ جي ارتقا اصل ۾ شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ ٿي آهي، جهن ۾ ستن سٽن وارا بہ بيت مثال طور پيش آهن.

گر اڳيان گوڏو هڻي، ڪي جو ٻڌائون،
تنهن اوسيئڙي اٿيا، رهہ پر رنائون،
پاتائون ماڳ تنهين مرڪي مدائون،

اءِ ڇڏي هلئا سپرين، ڪهي ۾ ڪدائون،
گنگا، گورک، هنڙي، مڙئي ڏنائون،
ماءُ! سي مدائون، توءِ نہ پنيون جوڳئين. (20)
نڪا صورت سرير جي، نڪو قيل نہ قال،
سي وجودان وهي وئا، جن ڏنو پري مال،
تيهي ظرافت ذات جي، تهو حسن ڪمال،
تيهي تجلي تا سڄئين، تهو ضوءِ جلال،
تيهي لطافت لطيف سو، تهو خوبي خال،
تهو ذوق زينت پري جي، تهو خاص خيال،
سڀ سيوئي حال، پيهي ڪن پروڙئو. (21)

شاهہ لطف الله قادريءَ جي گهڻ - سٽن بيتن ۾ آخري سٽ کانسواءِ ٻين سٽن جي آخر ۾ قافيو آهي، جڏهن تہ آخري سٽ جي وچ ۾ قافيو ڏئي بيت جي پڄاڻي ڪئي وئي آهي. پوءِ جي ٻين شاعرن ۾ اهائي روايت هلندي آئي، لطف الله قادريءَ کان اڳ جي شاعر قاضي قادن جي هٿ آيل مڙني گهڻ - سٽي بيتن ۾ قافيو هر سٽ جي آخر ۾ آيل آهي.

شاعريءَ ۾ فني نڪتي نگاهہ کان "ورجاءَ" يا تڪرار کي پڻ وڏي اهميت حاصل آهي. شاعر ڪڏهن صرف هڪ لفظ جو ورجاءُ مختلف بيتن ۾ ڪندو آهي تہ ڪڏهن پوري جملي جو جملي يا لفظ جو ورجاءُ ڪڏهن بيت جي پهرين سٽ جي شروعات ۾ تہ ڪڏهن وري بيت جي آخري سٽ جي آخر ۾ ڪندو آهي. شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام کان اڳ هٿ آيل شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ هڪ ٽي بيت ۾ ساڳين لفظن جو وري وري استعمال هيٺين ريت ڪيو ويو آهي.

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي،
تيهين سندي سوجهري سوئي سو پسي. (22)
پيرين پاڻ وجاءِ، پاڻ وجائي هوءِ لـه،
تهان ڏار نہ سپرين مہ مجهئين پاءِ. (23)

شاهہ ڪريم جي مٿي ڏنل بيتن مان هڪ ۾ لفظ سوئي، ٻئي ۾ پاڻ لفظ جو ورجاءُ آهي، شاهہ ڪريم کان اڳ جي شاعر قاضي قادن جي بيتن ۾ وري ورجاءُ يا تڪرار جو هي نمونو آهي.

ڪاڳد ڪالي اکرين، مرون سان مون سيٺين،
گهوري ڪٺي وڃائيان، وي مندي نيٺين. (24)
ڪاڳد ڪالي اکرين، مٺن واچيندا اڻ وڌو،
سڄڻ اڃي اکرين، مٺن لوريندو لڌو. (25)

قاضي قادن جي هنن ٻن بيتن ۾ وري هڪڙي فقري يا جملي جو ٻن مختلف بيتن ۾ ورجاءُ آهي.

مٿين مثالن ڏيڻ مان مراد آهي تہ جيڪڏهن شاهہ لطف الله قادريءَ کان اڳ شاعريءَ ۾ اهو فني سٽاءُ موجود رهيو آهي تہ ان جا مثال نہ جيترا يا اٿپورا آهن. پر لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ ان جا انيڪ مثال آهن ۽ ورجاءُ يا تڪرار جي فن کي اوج تي رسايو ويو آهي.ڪٿي بيتن جو پهريون فقرو ورجاءُ طور آندو ويو آهي تہ ڪٿي پويون فقرو ڪيترن ئي بيتن ۾ ورجاءُ طور ڪم آندل آهي. لڳي ٿو تہ جنهن ڳالهہ يا ڳوڙهي فڪر کي وڌيڪ واضح ڪرڻ چاهيو اٿائين ان ئي ڳالهہ يا فقرن جو بار بار ورجاءُ ڪيو اٿائين. جيئن آساني سان مسئلو سمجهہ ۾ اچي وڃي. شاهہ لطف الله پنهنجي بيتن ۾ هڪ جملي يا فقري جو ورجاءُ اٺ، اٺ ۽ نو، نو ڀيرا ڪيو آهي ۽ هر بيت ۾ اهو فقرو منڊيءَ تي ٽڪ وانگر جڙيل آهي. ڳوڙهن مسئلن ۽ گهري فڪر کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جو اهو هڪ روشن مثال آهي. جيئن " آئون گهورئو مٿان تن " (26) فقري جي هر بيت جي آخري سٽ ۾ ورجاءُ. يا " نہ گدا نہ

ميين شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه لطيف تي گهڻو ۽ گهرو رهيو آهي. انهن ٻنهي شاعرن شاهه لطف الله جي ڪلام مان اتساهه حاصل ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ فلسفي ۽ فڪر جي گهرائي ڪي جنهن اوج تي رسايو ان جو بنياد لطف الله قادريءَ رکيو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ مطابق ” شاهه ڀٽائي ۽ ٻين جا ڪيترا بيت آهن جيڪي عنايت رضوي ۽ اڳ گذريل لطف الله قادريءَ جي پيران چيل آهن. ڪٿي قافيا هڪجهڙا آهن ۽ ڪٿي لفظن جي ٿوري قير گهير آهي، پر جيستائين اصليت (Originality) ۽ فڪر جي گهرائي جو تعلق آهي ڀٽائي صاحب ڪي چٽلينج ڪرڻ اپ ۾ تير چوڙڻ جي برابر آهي“ (28). ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب جي ان راءِ لاءِ اسين صرف ايترو چونداسين تہ شاعريءَ ۾ ڪنهن جي بہ ننڍ وڏائي ڀيٽڻ واقعي ڪم ظرفي آهي. هر شاعر جي شاعري ۽ فن جي پنهنجي اهميت ۽ حيثيت آهي البت اڳين جو پوين جي فن ۽ فڪر تي جيڪڏهن ڪو اثر آهي تہ ان جو ذڪر ڪرڻ سان ڪنهن جي حيثيت گهٽجي يا وڌي ڪو نہ ٿي وڃي، پر تحقيق جون نيون راهون کلن ٿيون جيڪي اڳتي هلي ادبي تاريخ ۾ مستند ۽ مڃيل رايا قائم ڪرڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ ۾ مدد ڏينديون.

## حوالا


1. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، “ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1968ع ص 10 مقدمو.

2- ايضاً ص 15 مقدمو.

3- ايضاً ص 26.

4. LAIN, H.L. "Apabharansha Language & Literature" Age of Imperial Kanouj. Edited by R.C Majumdar, 2nd edition Bombay, 1964, PP: 216-219.

5. هڪ اهڙي تحريڪ/ فلسفو، جنهن مطابق دنيا جي ڪوڙي ڏيک ويک ۽ عيش عشرت لاء ڌڪار ظاهر ڪيل هئي ۽ دنيا جي بي ثباتي تي زور ڏنل هوندو هو. انهيءَ تحريڪ مطابق انساني زندگيءَ جو مقصد خدا جي عبادت ڪان علاوه انسان ذات جي خدمت ڪرڻ هئي. " اوڪو پيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ ڪي". (شاهہ)
6. دائود پوٽو، علامہ عمر بن محمد، "قديم سنڌي شاعري - شاهہ ڀٽائي ڪان اڳ" مضمون ۽ مقالا ترتيب بيگم خديجہ دائود پوٽو، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1978ع ص 12.
7. نڪر هيرو، قاضي قادن جو ڪلام، پوڄا پبليڪيشن دهلي 1978ع.
8. سنڌي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ "شاهہ ڪريم جو ڪلام" سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو ڇاپو پيو 1976ع ص 111.
9. ايضاً ص 134.
10. ايضاً ص 104.
11. ايضاً ص 79 ۽ 104.
12. دائود پوٽو، علامہ عمر بن محمد، "شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" حيدرآباد 1937ع ص 55.
13. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، پيو ڇاپو زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد 1980ع ص 204-205.
14. دائود پوٽو، علامہ عمر بن محمد "قديم سنڌي شاعري - شاهہ ڀٽائي ڪان اڳ" مضمون ۽ مقالا ترتيب بيگم خديجہ دائود پوٽو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1978ع ص 19.
15. نڪر هيرو، "قاضي قادن جو ڪلام" پوڄا پبليڪيشنس دهلي 1978ع ص 35.
16. ايضا ص 37.
17. ايضاً ص 109.

18. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾" ٽماهي مهراڻ 4، 1978ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص 126.
19. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، سنڌي ٻوليءَ ادب جي مختصر تاريخ. ٻيو ڇاپو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1980ع ص 215.
20. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1968ع ص 64.
21. ايضاً ص 36.
22. داؤد پوٽو، علامه عمر بن محمد، "شاهه ڪريم بلڙي واري جو ڪلام" حيدرآباد 1938ع ص 19.
23. ايضاً ص 37.
24. نڪر هيرو، قاضي قادن جو ڪلام، پوجا پبليڪيشنس دهلي 1978ع ص 21.
25. ايضاً ص 22.
26. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1968ع ص 92-95.
27. ايضاً ص 76-87.
28. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" پهريون ايڊيشن حيدرآباد 1973ع ص 83.

مخاطب ٿيندو رهي ٿو ۽ منجهيل ڳالهين کي سؤلو ۽ سمجهه ڀريو ڪري ٿو، جو ته عظيم شاعر سماج جا جينيس ماڻهو هوندا آهن. جينيس ماڻهن جي ٻين تشريحن سان گڏوگڏ هڪ تشريح اها به آهي جو هو ذکين ڳالهين کي سؤلو ۽ عام فهم بڻائي سگهندا آهن.

اهڙي حالت ۾ ڪنهن شاعر سان انڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نا انصافي، زيادتي ۽ ظلم ٿيندو، جو سندس ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن مترجم يا شارح جي سهاري لاءِ مجبور ٿيڻو پوي، در حقيقت هر ٻوليءَ جو شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن لاءِ ئي شاعري ڪري ٿو. جيڪڏهن ان ۾ ڪي فڪر ۽ فلسفي جا نڪتا بيان ڪري ٿو ته ان اميد سان ته سندس پڙهندڙ/ ٻڌندڙ ايترو با شعور ضرور آهي، جو سندس ڳالهه کي ائين ئي سمجهي جئين هو سمجهائڻ گهري ٿو.

پر روايتن مطابق اسان جي قومي ۽ مٿيادار فنڪار شاعر شاهه لطيف کان علاوه سچل کي به اهو پؤ رهيو ته ڪٿي ماڻهو يعني عام ماڻهو سندس شاعري کي غلط سمجهي، راهه ۾ رلجي نه وڃن. تنهنڪري شاهه سائين پنهنجو ڪلام ڪراڙ ڍنڍ جي حوالي ڪيو، جڏهن ته سچل پنهنجي ڪلام جو وڏو حصو ضايع ڪرائي ڇڏيو. ساڳي عوام جي طرفان شاعريءَ کي نه سمجهڻ واري شڪايت هن دور جي عظيم شاعر شيخ اياز کي به آهي، جنهن جو اظهار هيٺين ريت ڪري ٿو، پر ڪلام ضايع نه ٿو ڪري:

"مان اهو ڀڙهي
ته پتائيءَ
پنهنجو پورو ڪلام
پاٹيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو
ته متان عوام انکي سمجهي نه سگهي.
هن کي ڇئي رهيو آهيان.
منهنجا مرشد

سچل جي شاعريءَ کي سنڌس دور جي سماج جي اپپاس جي پس منظر ۾ ڏسجي تہ کي معنيٰ جا نوان موتي ۽ فڪر جي نئين ڦرهي پڙهڻ لاءِ ميسر ٿئي، جنهن مان عالم اديب توڙي شاگرد ۽ عام ماڻهو کي ڪجهہ لاڀ پوي.

عيسوي سن جي حساب سان سچل سنڌ جي تاريخ ۾ 1739ع کان 1827ع تائين مادي طرح موجود رهيو. علم، ڏاهپ، فن ۽ فڪر جي دنيا ۾ جتي ان وقت وڏا وڏا مڪتب (Schools of Thought) ڪم ڪري رهيا هئا، اتي سندس ئي سرزمين تي ڪائنس ٿورو اڳ شاعري، فن، فلسفي ۽ فڪر جي ميدان ۾ مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجو نالو پيدا ڪري ڏاڪو چمائي چڪا هئا. هي اهو دور هو جڏهن سنڌ جي اندروني حالتن تي ٻاهرين سياست ۽ نظرين جي ڀرپور يلغار هئي، حڪومتي لحاظ کان 300 ورهيہ سمن جو حڪومتي دور رهيو. سنڌ جي تاريخ جو هي دور سنڌي سماج جي بنيادي اوسر جو دور هو. سنڌ جا تقريبن سمورا تاريخي، نيم تاريخي قصا، فخريہ ڳالهيون، ڏند ڪٿائون، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت ۽ لوڪ سورما انهيءَ پنهنجي آزاد رياست جي لاڳيتي ڊگهي عرصي سان تعلق رکن ٿا. سنڌ جي تاريخ جو اهوئي دور هو جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو سنڌي سماج جي تهذيب جو اڳرو ۽ تهذيبي دور هو؛ ان سڄي دور ۾ سنڌي سماج جي مذهب ۽ رياست ٻنهي سنڌي سماج جي تهذيبي اوسر ۽ اڏاوت جو ڪم ڏنو. ملڪي سرحدن جي بچاءَ جا جتن، سماجي خوشحاليءَ جون ڪوششون، سنڌي ڪردار جي ذهني پرورش ۽ اخلاقي تعمير، سنڌي سماج جي تاريخ جي صورت ساخت. جيڪا هن دور ۾ عمل ۾ آئي، ان جو ٻيو مثال تاريخ ۾ ڪو نہ ٿو ملي.

سمن جي آخري حاڪم جي ناعاقبت انديشين مقامي آباديءَ کي ٻہ رنجايو تہ ڌارين کي ٻہ ڏوکي اچڻ جو وجهہ ڏنو. "اهڙي طرح ان

فارسيءَ جي اوپرن اصطلاحن جو رواج عام ٿي چڪو هو. فارسيءَ جي معرفت نہ صرف ايران جي سياسي اثرن مقامي سياست تي پنهنجا اثر ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا، پر مختلف فلسفن ۽ نظرين جي هن جي ذريعي سنڌ کي شناسائي ٿي.

سچل جو سمورو دور سياسي ۽ سماجي ڇڪتاڻ جو دور رهيو. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪم سنڌ جي بچاءَ ۽ بقاءَ جي جنگ ۾ هر وقت مصروف رهيا. ڌارين جي ڪاهن ۽ سازشن جو دٻپ هر وقت ڪين رهيو. اندروني خلفشار ۽ قتل و غارت گري، غير يقيني واريون حالتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. ان وقت جو شاعر جيڪو معاشري جو وڏ ۾ وڏ حساس فرد ٿئي ٿو تمثيل ۽ استعاري مان ڪم وٺڻ لڳو. ايتريقدر جو شاهہ لطيف جهڙو سچو، دلير ۽ عوامي شاعر بہ سچل ۾ اميد رکي ٿو تہ "اسان جيڪا ڪني چاڙهي آهي، ان جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو."

انهيءَ ئي دور ۾ سنڌ ۾ مذهبي جنون بہ وڌيو ۽ ڌارين طرفان مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪيو ويو. مقامي مذهبي جنونين سان ملي ملا ازم جو پچار ڪيو ويو پر اسان جي شاعرن انهيءَ مذهبي. ڪٽر پڻي جو شڪار نہ ٿيندي، تصوف جي واٽ ورتي، جنهن ذريعي امن، آشتي، محبت ۽ پيار جي دعوت ڏيندا رهيا ۽ مسئلن جي سمجهڻ جو شعور تمثيل ذريعي ظاهر ظهور پيدا ڪندا رهيا.

جڏهن بہ ظلم ۽ ڏاڍ پنهنجون حدون ٽپي، سماج جي عام ماڻهن تي پنهنجا پوائنٽا ۽ ڪارا پر ڊگهيريندو آهي تڏهن سماج جو حساس فرد "شاعر، تمثيل جو سهارو وٺندو آهي ۽ ساڳي سماج ۾ رهندڙ اهو مظلوم ماڻهو شاعر جون تمثيلون ۽ استعارا سمجهي وٺندو آهي ۽ سندس دل ۾ شاعر لاءِ قدر، محبت ۽ پيڙا جو جذبو موجزن ٿيندو آهي.

گهڙن جي گهڙاءَ، تانگهو عشق تن جو،
جن کي عشق عليل ڪيو، سي آنديون اوتڙاءِ،

جنهن خوددار، سچي، سگهاري ۽ باعزت سماج جو ڏس ڏئي ٿو، ان تي عمل ڪري اسان جو سماج وسيع انساني برادريءَ ۾ پنهنجي مخصوص تهذيب جي حفاظت ۽ بهتري جي اعليٰ نموني فرض ڀوئواري ٻہ ڪري سگهي ٿو.

## حوالا


(1) Angles, Fedric, (1956). "Family, State, Personal Property", Progress Publishers Moscow.

(2) شيخ، اياز (1982)، "پنڙ تو پور ڪري، " ص - 20، سمبارا پبليڪيشن ڪراچي.

(3) عباسي، تنوير (مرتب) (1981) "سرمست -1"، ص-3، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور .

(4) شيخ، اياز (1987)، "خط، انٽرويو ۽ تقريرون"، ص-424، نيو فيلڊ پبليڪيشن حيدرآباد.

(5) جويو، محمد ابراهيم (1978)، "شاهه، سچل ۽ سامي"، ص ص-39-30، اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد.

(6) آڏواڻي، ڪلياڻ (1954) "سچل" ص-10 بمبئي.

(7) انصاري، عثمان علي (مرتب)، (1978)، "رسالو سچل سرمست" (مثالن لاءِ شعر ورتا ويا)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد.

سماجي انٿروپالاجي جي حوالي سان

# اسان جو ثقافتي ورثو

دنيا جي مڙني ملڪن ۽ قومن ڪي پنهنجون ڪي خاص ريتون، رسمون، روايتون، عقيدا ۽ ويساهه هوندا آهن. جيڪي ان قوم يا ملڪ جي ماڻهن جي سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتن جو عڪس يا آئينو ڪري ليکجن ته وڌاءُ ڪو نه ٿيندو. اهي ريتون، رسمون، روايتون، ويساهه ۽ عقيدا ڪنهن اوچتي ريچڪ، فهم، وسوسي، شرڪ يا ڪنهن واقعي جي بنياد تي پڌل يا آڏاريل ڪو نه هوندا آهن، نه ئي وري ڪنهن ٻئي هنڌان، نهيل نڪيل ۽ جيئڻ جو تيئن اچي ڪنهن معاشري ۾ ملندا آهن. پر اهي هزارين پيڙهين ۽ نسلن جي لکين سالن جي آزمودن، وارتائن، روين ۽ تجربن جو نتيجو هوندا آهن.

هر ڪنهن قوم جون نسلي خوبيون، فطري طبيعتون، دماغي صلاحيتون، نفسياتي ڪيفيتون، خانداني روايتون، سماجي ۽ تاريخي حالتون جدا جدا هونديون آهن. هر ڪنهن قوم جي ماڻهن جي ذهن، سوچن ويچارن، رهڻي ڪهڻي، عادتن ۽ روين تي ان ملڪ جي طبعي ماحول، آب و هوا، کاڌ خوراڪ، گذر سفر، معاشي وسيلن ۽ سماجي توڙي تاريخي تبديلين جا پڻ گهرا اثر ڪنهن قوم جي ترتيب، ترقي توڙي تباهيءَ تي ٿين ٿا.

سنڌ ۾ اهي مڙئي اثر ۽ نعمتون تاريخ ۽ تهذيب جي ابتدائي دور کان ئي موجود رهيون آهن. سنڌ، تاريخ جي سانير کان بہ گهڻو اڳ سڌاري جي چوٽ تي پهتل هئي، جنهن جا آثار قديم تاريخي ماڳن جي کوٽائي ۾ اپياس مان پڌرا آهن. هن ديس جي قديم قومن/ رهواسين جا واپاري ناتا، مصر، عراق ۽ ٻين قديم ملڪن سان ثابت ٿيل ۽ مڃيل آهن. اهوئي سبب آهي جو هتي آريا، ايراني، سٿيا، ساڪا، يوناني، پارٿي، ڪشاني،

ڪا هڪڙي ڪانہ ٿي آهي؟! اڄ ٽائين سوين سٽيون سنڌس پر پاڙيسريون رهنديون آيون آهن. پرائي پُٽ ۾ چير پئي نچڻ ڪان موت سرهو سمجهن. وارثن ۽ وڏڙن جو خير گهرن ۽ پنهنجي لاءِ دعا تہ. "رب سائين لڄ گهٽي ڏي، چمار تُوري ڏي، سانگ سرهو ڪر." تڏي کي مان ڏيڻ هتي جي ريت آهي ۽ ان ريت کي پاٽي ڏيڻ کان ڪو ورلي گسندو. "تڏي آئي تنگ نہ ٿجي، توڙي هجن وير هزار". جيڪو چار ليون لتاڙي ايندو، ان جو آڏر ڀاءُ اُوس ڪندا. مڙسن جو تڏو سچ ۾ وسندي آهي، جتي بہ چار جهوپا هوندا اتي باهڙي پئي دکندي، تہ پلي اچي ڪو آيو ويو آسيس وٺي، جنهن پنهنجي نہ پاري سومڙس ٿي کهڙو؟ مڙس تہ تڏو نہ تہ آهي جڏو. ڪو مزمان (مهمان) آيو تہ پائيندا تہ خدا جو عيوضي اچي ويو، ننڍا وڏا، اپرا سپرا اچي سلامي ڏيندا. کيڪار پليڪار ڪري هڪدم حال احوال وٺندا ۽ ڏيندا، جي ڪو اڙيل هوندو ۽ ڪنهن اوکيءَ جو حال اوريائين تہ وسئون ڪين گسندا، هڙئون وڙئون مدد ڪندا ۽ پانهن ٻيلي ٿي بيهندا.

هيءَ ٿي سنڌ ڌرتي آهي، جتي سوالين سِرَ گهريا تہ آهي بہ ملين. اهي ڪي اجايون ڳالهيون نہ، پر تاريخي حقيقتون آهن. ماني مولا جي آهي، چئي پنهنجي ٻچن کان بہ اڳ مسافر ۽ مهمان کي کارائي خوش ٿين، ايندڙ ڪو مانيءَ جو بکيو نہ پر مانَ جو بکيو هوندو آهي ۽ اها ساڃهہ ڪين اکين ۾ هوندي آهي. اها اک ڪاٽي ڪندو، پر ڏس ڪاٽي نہ ڪندو. ڪير ڪنهن وٽ قسمت سان لڙي ٿو اچي، سو ويهي سائس قرب ونڊيندا ۽ رس رهاڻ ڪندا. پريا مڙس پنهنجا پنهنجا اڳوٺا آزمودا ۽ انهن جا نتيجا بيان ڪندي، ننڍن کي نصيحت ۽ ساڃاهہ جو سبق ڏيندا. انهيءَ سان گڏو گڏ نقل نظير، ڏور ڳجهارتون، ڏٺ معمائون، ٽڙبيت، مولود ۽ ڪافيون پيا ڪڇيندا. جيڪي نہ رڳو مزمان کي وندرائڻ لاءِ ٿين، پر هونئن بہ اها تڏي جي وسندي سمجهي، روزانو ريهہ رائوڪن. ڪنهن ڏينهن وار تي ڪو ملاکڙو، پيلهاڙو، ڪيٽي، پچري

ڪٽڻ ۽ چنبو ڇڏائڻ جون مڙئي مڙساڻيون، ڪثرتون ڪن، گزڪمان جو شڪار تہ گهٽي قدر ڪٿي بندوق ٻيهاري ڇڏيو آهي، پر تنهن هوندي بہ شڪار توڙي سواريءَ جو شوق اڃا سنڌ مان ڪو نہ ويو آهي.

گهوڙي سواريءَ بابت جن بہ جيڪب آباد جو جلسو/ ميلو ڏٺو هجي انهن ڪان پڇي ڏسو تہ ڪهڙو نہ شهسواريءَ جو اعليٰ شوق اڃا سنڌ ۾ پوري اوڄ تي آهي. جڏهن تہ هي دور ايٽم، ڪمپيوٽر، ڦيٽي ۽ معلوماتي فن جو آهي. سنڌ جا گهوڙا ٻٽائتا، تہ سوار بہ سٽ پيڙهيا. ڪنهن سوار ڪي رڱو چوري ڏسو، ڪميت، سمنڊ، بور مشڪي، نقرونيرو، سرخو سنجاف، روجهو، آ بلڪ، چينو، مڪڙو سڀ سنڌ جا نسلي گهوڙا آهن، تن جا وري سنج ۽ سنجت، تنگ ۽ توبل، رڪيب ۽ هنا، ڳانيون ۽ لغام، جهاٻا ۽ جهوڙا، مطلب تہ گهوڙو گڏيءَ وانگر سينگاري اچي ميڙي جي ميدان تي بيهندا آهن. پوءِ شرط شروع ٿيندي، لغام ٽيڪڻ جي دير آهي، ڪَشيا تہ رسيا، گهوڙو گولي ٿي ويندو، تہ سوار وري ٻانڻ ڪي اڏامندو محسوس ڪندو آهي. اهڙي طرح پلا ڍڳا پجائين ۽ گوءِ رکن. گهوڙي جي سواري ۽ ميل ڪانسواءِ هتي انن جي سواري ۽ ميل بہ عام رهي آهي، اٺ ٻَر جو ٻيڙو سنڌ جو غوراب رهيو آهي، اٺ جي سواريءَ ڪي سنت ڪري چون. اهي سڀ سنڌ جون قديم روايتون ۽ ثقافتي ورثو آهن، جيڪو ٿوري گهٽي تبديليءَ سان سنڌ جا ماڻهو سانديو ۽ جاري ساري رکيو اچن ۽ فخر سان پنهنجي ثقافتي، تهذيبي ۽ تاريخي سڃاڻپ طور پيش ڪن.

# ڀاڪن جي سماجيات

[انسانن جو گڏجي رهڻ ئي سماج کي ٺاهي ٿو ۽ سماج وري انساني وهنوار ۽ زندگيءَ جي سڀ کان اهم ضرورت ”ٻوليءَ“ جو خالق آهي. ٻولي جيڪا مختلف روپن ۽ رنگن، حيثيتن (Status) ۽ هيئتن (Forms) ۾ سماج ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي ٿي. ٻوليءَ جا اهي روپ ٻوليءَ جي رڳو رابطي واري حيثيت ۽ تشريح کان علاوه آهن. ٻوليءَ جي ان گهڻ روپي دنيا جو هڪ اهم روپ آهي لوڪ ادب- لوڪ ادب، جنهن جو خالق سماج ۽ سماج جا مختلف گروهه آهن. جيڪي بغير ڪنهن اڳ سوچيل رٿا يا منصوبي جي گڏيل تجربن جي آڌار ۽ فطري اجتماعي عمل ۽ سوچ سان لوڪ ادب جي تخليق جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

ڀاڪو، لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف آهي. هتي ڀاڪي جي لغوي معنيٰ، تاريخي ارتقا، اصليت ۽ لسانياتي اهميت تي روشني وجهندي، سنڌي سماج جي حوالي سان بحث ڪيو ويو آهي.]

اسان جو عوامي ادب، جنهن کي لوڪ ادب سڏيون ٿا، اصل ۾ اسان جو قديمي ۽ قيمتي، فطري ۽ بنيادي ادب آهي. جنهن ۾ عوام جي عادتن، حالتن ۽ طبعي طور طريقن، سماجي روين ۽ سماج ڏانهن جوابدارين جو بيان آهي. انهيءَ جو ابتدائي پس منظر جاچڻ لاءِ تاريخ تي نگاهه ڪبي ته، معلوم ٿيندو ته هن ملڪ ۾ سدائين ڪي ساڳيون سياسي ۽ سماجي حالتون ڪين رهيون آهن. هزارين سالن جي ڊگهي عرصي ۾ ڌار ڌار خاصيتن واريون قومون، هڪ ٻئي پٺيان پنهنجو پنهنجو وارو وڄائينديون پئي آيون آهن. مثلاً ، حبشي ۽ حامي، سميري ۽ سامي، آريا ۽ ايراني، يوناني ۽ توراني، ساڪا ۽ سٿين، پهلوا ۽ پارٿين، ڪوشان ۽ ساساني،

جيڪي حضرت سليمان ڪان اڳ اُر، نيپور ۽ بابل ۾ هلندڙ هئا. سڀ ڪان پهرين عراق ۾ سميري زبان جي پهاڪن جو مجموعو نيپور شهر ۾ اٽڪل 1834 قبل مسيح ڌاران مليو.

عربي ادب جي تاريخ تہ پهاڪن سان ئي شروع ٿئي ٿي، مگر چيني ادب ۾ پهاڪا عيسوي سن ڪان بہ گهٽو پوءِ قلمبند ڪيا ويا آهن ۽ اسان جي سنڌي ادب ۾ تہ اڃا فقط شروعات ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڪن اديبن ٿورا گهڻا پهاڪا گڏ ڪري ڇپايا بہ آهن، پر انهنجي "پاڙ" پڌري ڪيل ئي ڪانهي. انهيءَ بجاءِ رڳو هر هڪ پهاڪي جي الڳ الڳ سمجهاڻي ڏني وئي آهي. پهاڪن تي ڪيل اهڙي ڪم ۾ سرفهرست ديوان ڪوڙيمل جو ڪم آهي، جنهن جا گڏ ڪيل پهاڪا "سنڌي پهاڪا" نالي سان 1898ع ۾ ڇپيا. ان ڪان پوءِ روچيرام گجو مل جو "اي هينڊبوڪ آف سنڌي پراوربس" 1892ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپيو، هن ڪتاب جو مقصد، سنڌي ٻوليءَ جي ابتدائي گرامرن ۽ انسٽرڪٽرن وارو هو تہ سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙ انگريزن کي سنڌي ٻوليءَ جي وڏ ۾ وڏ ڄاڻ ڏجي. 1905ع ۾ ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي جو "گلشڪر" ۽ 1925ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو "پهاڪن جي حڪمت"، ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ "سنڌي پهاڪن جي پيڙهہ" ۽ "گلقند" ٻن ڀاڱن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جڏهن تہ غلام اصغر جو "ڪتمنڙا" محاورن جو ڳٽڪو 1956ع ۾ شايع ٿيو ۽ عبدالڪريم سنديلي "پهاڪن جي پاڙ" 1966ع ۽ "اصطلاحن جي اصليت" 1977ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. اهڙي طرح ڀارت جي ڪيترن سنڌي عالمن ٻڻ پهاڪن جا مجموعا ترتيب ڏيئي ڇپايا آهن.

**سماجي تبديلي ۽ پهاڪا:** اها تہ هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ قوم جون سماجي حالتون هميشہ ساڳيون ڪو نہ رهيون آهن، پر مختلف تاريخي ۽ سياسي اثرن ڪري سماجي تاڃي پيٽي ۾ فرق ايندو رهيو آهي، جيئن زرعي سماج مان صنعتي سماج ڏانهن تبديلي،

ڳڌيل ڪٽنب جي ورهايل ڪٽنب ۽ نيوڪليئر (Nuclear) ڪٽنب ۾ تبديلي، وقتي ۽ سماجي تبديلي جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. اهڙي طرح سماج ۾ سماجي قدرن جي تبديلي سماج جي ادب، روايتن، عقيدن ۽ اصولن ۾ به تبديلي آڻيندي آهي. هڪ وقت جي سچي حقيقت ٻئي وقت ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندي آهي. جهڙي طرح سنڌ جي زرعي سماج ۾ هي پهاڪو ته، ”عورت ته گهرُ، مرد ته هرُ“. سماجي قدرن جي تبديليءَ سان پنهنجي اهميت وڃائي، ”عورت ته آيٺ، مرد ته کَيٺ“ ۾ تبديل ٿي ويو. هاڻي جڏهن عورت جي گهر ۾ رهڻ ۽ گهر ۾ ئي ڪم ڪرڻ ۽ چرخي هلائڻ واري حيثيت تبديل ٿي رهي آهي ۽ اسان جي موجوده سماج ۾ عورت تعليم حاصل ڪرڻ ۽ آفيسن، بئنڪن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتي آهي ۽ مرد به رڳو هر هلائڻ ۽ کيتي جي ڪم ڪار تائين محدود ڪو نه رهيو آهي، تڏهن اهو پهاڪو اسان جي قديم سماج جي عڪاسي ته ضرور ڪري ٿو پر موجوده سماجي قدرن سان ٺهڪي ڪو نه ٿو اچي.

قديم زماني جا قبول ڪيل ڪيترا پهاڪا، نين حالتن هيٺ پنهنجي مڃيل ۽ مستند حيثيت ڪان هٽندا يا حيثيت وڃائيندا رهن ٿا ته وري ڪيترا پهاڪا هر دور ۾ (بشرطيڪ ساڳئي نموني جا تاريخي سماجي ۽ سياسي واقعا ٿيندا رهندا هجن) پنهنجي حيثيت ۽ اهميت برقرار رکندي سماج جي نمائندگي ڪندا رهن ٿا. مثال طور هن پهاڪي، ”آئي ٿاندي ڪاڻ، ٻڌجي ويئي ٻورچاڻي“ جي تجزيي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته هي ان دؤر جي تاريخي، سياسي ۽ سماجي واقعي جو اهڃاڻ آهي، جڏهن ٻاهران ڌاريان ماڻهو مدد گهرڻ جي بهاني ملڪ ۾ گهڙي آيا ۽ پوءِ وارث ٻڻجڻ جون دعوائون ڪري قبضو ڪيائون. جيئن پورچوگيزن مدد جي بهاني اچي، پوءِ قرلت ڪئي يا انگريزن واپار جي سانگي اچي، نه رڳو ملڪ جي اقتصاديات تي قبضو ڪيو، پر قابض ٿي حڪومت ڪئي. اهڙي طرح جيڪڏهن موجوده سنڌي سماج جو جائزو وٺبو ته هندستان

ڪــثــو چاڙهــين ڪَنــبِ تــي تــہ بـــہ مور نـــہ ڇڏي مڙ،
مِرون ڏارائين مــيــنــهــن ڪي تــہ بــہ سـنــدو ســوئــر ڦڙ،
ڪٽڪ ڪارائين ڪتي ڪي تہ بہ ڪيس ڇني سين ڇڙ،
پَر پــنــهــنــجو نـــہ ڇــڏــي تــوڙي لــٿــي ڏئــيــنــس گـــهڙ،
ڪــمــيــڻــو اشــراف نـــہ ٿــئي تــوڙي دلــيــون هجي دِلبــرُ،
تنهن ڪان ڏوران ڀيڻو ڏڙ، جو پوءِ لڳي پيشمان ٿين.

نــہ صــرف ايــتــرو تــہ رڳو اڳئين دور جي ڪلاسيڪي شــاعــرن ئي ڀهــاڪــن ڪي پنهنجي شــاعريءَ ۾ جيئن جو تيئن ڪم آندو آهي، پر موجوده دور جي وڏن ۽ جديد شاعرن بہ ڀهاڪن کي استعمال ڪري انهن جي موسيقيءَ مان حِظ حاصل ڪيو آهي. شيخ اياز جي ٻن مختلف واين مــان بـــہ بند ڏجن ٿا. جن ۾ ڀهــاڪــن جو اســتــعــمــال نــهــايــت ئي خوبصورت ۽ نئين انداز سان ڪيو ويو آهي.

ڪَنڊيءَ نہ سِگري، ٻٻَرَ نہ ٻَلڙو،
سائو نہ سَلڙو،
ڇانگون نہ ڇيلڙا،
ماروآڪيلڙا،
ماروآڪليڙا،
... الخ.

ويهہ ونگي ٽڪ سان
ڇپن لائي ڇُن،
اڄ ڇا ڪان ڪاپائتي؟

اهڙي ئي نــمــونــي سنڌ جي ٻين جديد شاعرن بہ ڀهاڪن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ائين جڙيو اهي جيئن مُنڊيءَ تي ٽڪ.

ڪَهڻو ڪائو ڪچ،
ٻليون ٻوندئي ڪانچ ۾.

جي ٿون چوندين سچُ.

اڳئين وقت ۾ ته اهي پهاڪا ئي هئا، جن حياتيءَ جي هر وهنوار، ڇيڙي نبيري، ڏيتي ليتي، آچار ويچار ۽ نياءَ نبيري ۾ وڏي واهر پئي ڪئي آهي، "تڏي آئي تنگ نه تجي، توڙي هجن وير هزار". انهيءَ ڪري عوام جا اڳواڻ ۽ وقت جا سڄاڻ ماڻهو ته سدائين انهن کي عوام جي ڀلي خاطر، سنئين ڏگ لائڻ لاءِ، پنهنجي تنوارن ۽ جهونگارن ۾ جيئرو رکندا پئي آيا آهن، مثال طور:

ڀلي ٻڪ ڀرم جي، شال نه وڃي شان،
الله ڏئي ايمان، ته گوڏا ڏيئي گذارجي

جڏهن ڪان جابر ۽ ظالم بادشاهن جو دور چالو ٿيو ته انهن وري پنهنجي مطلب جا قاعدا لڪائي ماڻهن تي مڙهڻ چالو ڪيا ۽ عوام جا اڳواڻ ۽ سماجي سڄاڻ به ڊڄي، تڏا ۽ مانا ٿي رهيا، ته پهاڪن جي ڀچار به ٿري وئي، تان جو پهاڪن جي ڀچار ۽ انهن جي گونج ۽ غناءِ ٻڻ ٻُجهي ۽ ٻُتجي منجمند ٻڌجي وئي. انهن جو آلاپ ۽ سُر هميشه لاءِ فنا ٿي چڪو ۽ هاڻي هيءَ ختم ٿيل زماني جي شاعري آهي، جيڪا ڄڻ ته ڄمي پٿر ٻهڻ (Fossil) بنجي چڪي آهي، سا انهيءَ پٿر ٻهڻ واري حالت ۾ ئي اڃا يادگار طور باقي آهي.

**پهاڪن ۾ حڪمت:** هي پهاڪا، انسانذات جي ڪيترين ئي سلسليوار پيڙهين ۽ ايامن جي لاڳيتي غور فڪر ۽ سوچ ويچار جو ثمر، ڄڻ ته نچوڙيل عرق ۽ چنيل جوهر آهن. اسين ڳالهه تي ڪونه ڪو پهاڪو، پنهنجي ڳالهه کي ٺيڪ ڀرائڻ لاءِ، پنهنجو مطلب چٽو ڪري سمجهائڻ واسطي، ڪنهن نقطي جي وضاحت خاطر، يا سچي ڳالهه جي ثابتيءَ ء سَنَد طور پيش ڪندا آهيون. بيڪن پهاڪن کي "گفتگو جا تيز هٿيار" (Edged Tools of Speech) ڪري سڏيو آهي. مثال طور، ڪنهن ماڻهوءَ کي گهڻو اولاد آهي ۽ وڏا ٿي سڀ نااهل

۽ بيڪار ثابت ٿا ٿين ۽ پنهنجي پيدا ٿيڻ کي ئي ماءُ پيءُ جي غلطي ٿا سمجهن، تہ جيڪر هو نہ ڄمن ها، نہ ڏکيا ڏينهن ڏسن ها. ان تي ڪنهن سياڻي ڪيڏو نہ نهڪندڙ نقطو بيان ڪيو آهي، "ماءُ ڄڻيندي پٽڙا، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊي". يا وري ڪو ماڻهو پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ نيچ ڪان نيچ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي تہ اهڙي موقعي تي ڪنهن سياڻي جوهي سخن پنهنجو مٽ پاڻ آهي، "بک بڇڙو تول، داناءَ ديوانا ڪري". پهاڪا، سنڌ جي عوامي زندگيءَ جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ جي عوام جون نسلي خاصيتون ۽ دماغي لياقتون، سندن طبعي لاڙا ۽ فطري رجحان، ملڪي ماحول ۽ راڄنيتي وايو منڊل (سياسي نظام) گذر معاش جا طور طريقا ۽ قديم تاريخي اهڃاڻ آهن. مطلب تہ سنڌي سماج جي گذيل سوچ ۽ تاريخي ارتقا سمجهڻ لاءِ، سماج ۾ واپرائجندڙ پهاڪن جو علمي، فڪري ۽ سماجياتي اڀياس ئي ڪارآمد هٿيار ثابت ٿي سگهي ٿو. پهاڪا پراڻا هجن توڙي نوان، سڀئي معنيٰ خيز ۽ پُر مقصد آهن، هي عاقلن جا قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن:

ڏاتار ات مڱڻا، سر ات هنس،
راجا ات رهاڻيون، مورخ ات بحث.

هي قديم زماني جي انساني حڪمت علميءَ جا عجيب اهڃاڻ آهن، جن تي پراڻي زماني جي بنيادي فلاسافي، توڙي جديد فلسفي جو بنياد رکيل آهي. جيڪو ٻوليءَ توڙي سماج جي تاريخي ارتقا ۽ لسانيات جي اڀياس لاءِ تاريخي ۽ ثقافتي مواد مهيا ڪري ٿو. هي پهاڪا چڱن جون چوٽيون آهن، جن ۾ اوَس چڱائي ۽ سماج کي سمجهڻ لاءِ صحيح حڪمت عملي آهي. چين ۾ ڪنفيوشس جا قول، هند ۾ مهاتما گوتم ٻڌ ۽ سنڌ ۾ وتائي جا گفتا وڏي اهميت رکن ٿا.

# مددي ڪتاب

Encyclopedia of Birtinica. (1976)
Encyclopedia of Ethic and Religion. (1972)
Kirpalani, Rochiram Gajumal, (1892) A Hand Book of Sindhi Proverbs. Karachi.
Smith, W.G. (1935) Oxford Dictionary of Proverbs, Oxford .
Woolly, Sir Leonord, (1963) History of Mankind. UNESCO.
آڏواڻي ڀيرومل مهر چند، (1978)، "گلقند (ڀاڱو 1-2)" حيدرآباد.
آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "پهاڪن جي پيڙهه"، حيدرآباد.
آڏواڻي، ڪيولرام سلامت راءِ (1905) "گل شڪر"، ڪراچي.
اصغر، غلام (1956) "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات" حيدرآباد.
بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، (1966)"خليفي نبي بخش جو رسالو" سنڌي ادبي بورڊ.
بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، (1970) "ٻيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.
خان، پروفيسر محرم (1968) " پراڪرتي شاعري ۽ قديم سنڌ" ٽماهي مهراڻ 1-4، سنڌي ادبي بورڊ.
قاضي، علامه آءِ.آءِ، (1961) "شاهه جو رسالو"، سنڌي ادبي بورڊ.
ڪلناڻي، ڪوڙو مل چندن مل (1889) "سنڌي پهاڪا"، ڪراچي.
سنديلو، عبدالڪريم (1966)، "پهاڪن جي ٻاڙ"، لاڙڪاڻو.
نظاماڻي، الله بخش (1975)، "سنڌي لوڪ ادب جي ارتقا"، حيدرآباد.

# معما: سماجياتي تاريخ جي اڀياس لاءِ لوڪ ادب جي هڪ اهم صنف

ڪنهن ملڪ يا قوم جي گم ٿيل يا وسريل تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ ٻين سماجي سائنسي ذريعن کان علاوه هڪ اهم ۽ بنيادي ذريعو آهي ان ملڪ يا قوم جو "لوڪ ادب". جنهن ۾ ان قوم جي عروج ۽ زوال، لاهن ۽ چاڙهن، رسمن ۽ رواجن، هنرن ۽ حرفتن، طبعي ۽ فطري لاڙن جو ڀرپور ذڪر، سچائي ۽ سادگيءَ سان سمايل هوندو آهي. لوڪ ادب جي صحيح سمجهه ۽ تجزيي مان تاريخ جي حقيقتن جي ڀروڙ ٿيوي ٿي، واقعا واقعن سان ملي سلسلو ڳنڍين ٿا ۽ اتان تاريخ جا وساريل ۽ گم ٿيل ورق لڀن ٿا. عظيم ۽ ڀاڳوان آهن اهي قومون جن پنهنجو لوڪ ادب ميڙي چونڊي هٿ ڪري انهن کي ڪتابن ۾ سانڍي ان جي مطالعي مان فائدو حاصل ڪيو آهي. لوڪ ادب تاريخ يا تحقيق جي ٿُلهن ڪتابن ۾ نه پر هر ملڪ جي عوام جي سينن ۾ درياه وانگر مؤجزن هوندو آهي. جهڙي طرح درياه کي بند ڪرڻ مشڪل ۽ اڻ ٿيڻو آهي، تهڙي طرح ئي لوڪ ادب جي درياه کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ يا ميڙي چونڊي گڏ ڪرڻ مشڪل ۽ محنت طلب ڪم آهي، پر اڻ ٿيڻو نه آهي. ڪنهن قوم کي جيڪڏهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترا لوڪ ادب جا پارکو ۽ گڏ ڪرڻ وارا ملي وڃن ته اها قوم به خوشنصيب ۽ تاريخ شناس قومن جي ڳاڻيٽي ۾ اچي وڃي ٿي.

سنڌ جي لوڪ ادب جو ميدان تمام طويل ۽ وسيع آهي، جنهن ۾ گوناگون صنفون ۽ بيشمار عنوان شامل آهن. هر صنف عوام جي رسم رواج، طبعي طور طريقن، فطري لاڙن، رنج راحتن ۽ تهذيبي اهڃاڻن جو آئينو آهي. سنڌ جي عوام وٽ ڳجهارتون ۽ ڏور ته خير هر

ڪچهريءَ ۾ عام هلندڙ آهن ۽ ڪڏهن تہ وري هنر ۽ سينگار بہ هلن تا. پر اجا ڪيتريون ئي صنفون بلڪل نظر انداز ٿي چڪيون آهن يا غائب ٿينديون وڃن ٿيون. انڪان علاوه اهي ملوڪڙ سگهڙ، جن اسان لاءِ اهڙا عجيب غريب گفتا گڏ ڪيا ۽ ڇپيا آهن تن جو نالو نشان پڻ آهستي آهستي متجي رهيو آهي. هاڻ تہ ائين گهرجي جو انهن نظر انداز ڪيل صنفن ۽ سگهڙن کي وري ميدان تي آڻي، مشهور عام بڻائجي ۽ عوام کي سندن وساريل ۽ ڪارائتي ورثي کان واقف ۽ روشناس ڪرائجي، جيئن پنهنجي ماضيءَ جي ورثي کي سانڍي ۽سنڀالي رکجي. تاريخ جي پروڙ ۽ ٻولي شناسي ان جي ماضيءَ جي ورثي تي منحصر آهي. ماضيءَ جو ڪڙو ڪڙي سان ملي جڙي راس ٿيو تہ حال ۽ مستقبل جي سڌاري جا رستا پاڻهي کلي پوندا. ماضيءَ جي ورثي تان صدين جي چڙهيل ڪٽ لاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ، هر سنڌيءَ جو قومي ۽ وطني فرض آهي. لوڪ ادب جي ورثي جي وساريل يا نظر انداز ڪيل صنفن مان "معما" هڪ سادي ۽ اهم صنف آهي. معما لفظ جي لغوي معنيٰ آهي "انڌو ڪيل"، جڏهن تہ معما جي اصطلاحي معنيٰ "مخفي راز" يا "ڳجهي رمز" سمجهڻ مناسب ٿيندو. سنڌ ۾ اهو لفظ، "مام" جي عوامي اچار سان ڳجهي اشاري يا ڳجهارت جي معنيٰ ۾ ڪافي وقت کان رائج آهي (1 ). معما مان مراد آهي، اهڙو سوال يا مسئلو جيڪو پهڻ يا پروڙڻ ڏکيو هجي، هي اڪثر ڪري وڏڙا ۽ سياڻا هڪ ٻئي جي عقل، فهم ۽ قابليت جي آزمائش ۽ پرکڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا يا وري لکل پيغام سمائي موڪليندا هئا. جيڪي اڳلي کي گهڻو ڪجهہ سمجهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندا هئا. شاهہ لطيف (1689 - 1752ع) ۽ مين شاهہ عنايت رضوي (1625- 1743ع) کان بہ اڳ پندرهين، سورهين صديءَ عيسوي ۾ سنڌ جي هڪ آڳاٽي، اهم ۽ بزرگ شاعر، شاهہ لطف الله قادريءَ بہ پنهنجي بيتن ۾ اهوئي عوامي نالو (مام) ڪم آندو آهي.

"پري پاٺهي ڏني پانهنجي، ڪا لوڪان ڳجهي مام،
جي پيهي پروڙئو ڳالهڙي، جاڻين طلب موں تمام،
تہ موا ميڙيندڙ پاڻ ۾، اي لا سنڌي لام،
ڪئو امر ڪارڻ عام، نا تہ اي وسيلو وصال "ذات" جو". (2)

مَامَ اصل ۾ هتي ڌارين جي حڪومتن واري دور ۾ عربي ۽ فارسي جي اثر هيٺ اسري آهي. سنڌ جي علمي طبقن ۾ انهيءَ وقت فارسي جي لغز، چيستان ۽ معمان وغيره جو ڪافي چرچو هوندو هو ۽ انهن ۾ سنڌ وارن جا طبع آزمائي ڪئي، سا پڻ تعريف جي قابل آهي. البتہ فارسي ۽ عربي جي لغز، چيستان ۽ معما جي ڀيٽ ۾ سنڌي مام جي سٽاءَ ۾ ڪافي فرق آهي. ڊاڪٽر عبد الڪريم سنديلي جي تحقيق مطابق "عربي ۽ فارسي معماعون" سنڌي مام يا معما کان ٻيءَ طرح آهن. منجهن لفظن جي حرفن جي ترتيب اهڙي نموني بيان ٿيندي آهي جو ظاهر ۾ هڪ معني تہ باطن ۾ وري ٻي معنيٰ هوندي آهي. اهو قسم سنڌي معما کان گهڻو مٿي، اوکو ۽ ڳوڙهو آهي. جيئن هيٺئين معما مان معلوم ٿيندو:

چشم بگشا زلف بسکن جان من،
بهر تسکين دل بريان من.

حل:

چشم مترادف عين ع
زلف تشبيهہ لام ل
بريان حرف متوسط، بي ي

علي رضہ

"...بون بيت معما تي ٻڌل آهي، ليڪن ڪيڏو نہ لڪل آهي، پيجڻ لاءِ ڪافي مهارت درڪار آهي (3). بهرحال انهيءَ وقت کان سنڌ جي دانشورن ۾ فارسي معمائن جو ايڏو تہ چرچو ۽ غوغاءُ اٿيو جو انهن جا پڙلاءَ عام ۽ خاص ماڻهن جي ڪنين پيا. پر هو فقط ايترو سمجهي

سگهيا تہ اهي ڪي فارسيءَ جون پروليون آهن. انهيءَ مفهوم جي مطابق عوامي محاوري ۾ معما ڪي فارسي پڻ سڏڻ لڳا، جنهن جي تصديق خود شاهہ جي رسالي مان بہ ٿئي ٿي تہ:

پڻ ٿا پلاڻين، اوٺي اڄ اپاڪرا،
پہ پاريسون پاڻ ۾، ڏير ڏهاٽي ڏين.
هوت پنهون ٿا نين، پاروچي پولي ڪيو (4).

مطلب تہ مام يعني معما، جڻ تہ هڪ پيچيده پرولي يا ڪنهن ڳوڙهي ڳجهارت جو هڪ اعليٰ ۽ بهترين نمونو آهي. معما جي مطالعي مان اندازو ٿئي ٿو تہ هن جو سرو ڏٺ سان مليل آهي تہ چيڙو وجي ٿو ڏور سان ڳنڍجي. يعني تہ معما ڏور ۽ ڏٺ جي وچ تي بيٺل آهي. سٽاءَ جي لحاظ کان ڏٺ ۽ معما ۾ هي فرق آهي تہ ڏٺ لازمي طرح سان ڪنهن چشم ديد (اکين ڏٺل) واقعي، وٿيل منظر تي مبني هوندي آهي، جڏهن تہ معما ان جي ابتڙ، ڪنهن اڻ ڏٺل شيءِ، سڻل پڏل مذڪور يا مخفي تخيل تي بہ قائم ٿي سگهي ٿي. ٻيو فرق هي آهي تہ ڏٺ پروليءَ ۾، اڪثر ڪري ڪنهن بہ هڪ شيءِ جو بيان هوندو آهي، پر جي ڪٿي وڌيڪ شيون هونديون تہ بہ انهن جو بيان، سادي خيال وارو سڌن سنواٽن ۽ ٿورن لفظن ۾ ادا ٿيل هوندو آهي. جنهن جي جواب لاءِ سگهڙ انهيءَ شيءِ جو سنئون سڌو نالو وٺي ٻڌائيندا آهن. معما ان جي مقابلي ۾ ڪنهن هڪ شيءِ بابت بہ زياده تفصيل ۽ مبهم اشارن تي مبني هوندي آهي، انهيءَ لحاظ سان سولي معما، ڏٺ جهڙي لڳي ٿي ۽ وري ڪا ڏکي ڏٺ معما پئي معلوم ٿيندي آهي. مثال طور، ڇڪيءَ بابت ڇيل سگهڙ اميد علي پٺيءَ جي هيءَ ڏٺ:

پرولي ڏياڻ پٽ جي، نورا! تون نهار،
بہ پڙ ٻگهار جهڙي، نالي چڳي نار،
پيچ پرولي پٺيءَ جي، وهلو ڪري ويچار. (5)

"وڏي ڳالهہ وريا ڪين پڇان تو، آئون تول پڇان ٿو ٿي،
تہ ڪيترا فرض فرقان ۾، ڪيترا ڪلما لکيا ڪي،
ڪيترا نالا نازل نبيءَ تي، جبرئيل انداجي،
سي سلي ثابت ڏي، تہ پوءِ سچي تون شاعر آهين."

ويچاري وربي انهي جي ورندي ڏني تہ:

موٽائي مڱڻي کي، ڪونيا پونيئي ڏي،
تہ تو جو مسئلو موڪليو، ڳجهي ڳالهہ ڳري،
چوڏهن سجدا قرآن ۾، تو فائق فرمائي،
ساڍيون ڇهہ ويهون فرض جون، سيون لوڪ سڃي،
اڪر ٽيهان ۾ ٿو ورازق رکائي،
الف، لام، ميم، اهي تول وڏا هن ٿي،
ٽي سئو سٺ ڪلمي جي، عربيءَ ۾ آهي،

چوويهہ هزار مرتبن، مولي ملڪ موڪليو تي،

سو شفي چام کي، تو سڏيون سٺائي،
توري نالا نبين جا، جبرئيل آندا جي،
تورات، زبور، انجيل، فرقان، صحيح ڪتاب سي،
ظاهر ٿيا زمين تي، سا ڻ امر الله جي،
شرعيت، طريقت، معرفت، حقيقت، ثابت ڪلما سي،
ٻي آهي چوٿين عرش تي، رکي صندوق سڏائي،
عصا انگيشتري، آنوان ۾، موتي مرجاڻ ڪي،
اپ ڳپ، ڪڙهہ، قلم، تنهن جي خبر خالق کي،
سڪونت ساهہ پساهہ جي، ڪنجي قادر کي،

ٻئي جو ناهه وس "وريو" ڇئي ڪو هلي هوند ڏسي،
ادا آهي ڳالهه اتي، ڪي پچان تنهن جو پيچرو."

معما جا اهڙا ڪيترائي مثال آهن، جيڪي هتان جا حڪمت ڏٺي ۽ داناءَ سگهڙ هڪٻئي کي سوکڙي ڪري موڪليندا رهيا ۽ اهي علم ۽ ادب جو تاريخي خزانو بڻجي ويا. جن جو غور سان مطالعو ۽ تجزيو تاريخ جا نوان رستا کوليندو ۽ ڪيترائي وڃايل سلسلا وري نئين سر ملي پوندا. اهو ڪم ڪير پنهنجي مٿي کڻي پورو ڪندو؟ ان جو جواب شايد ايندڙ وقت ئي ڏئي سگهي ٿو.

## حوالا


1. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول" سنڌي ادبي بورڊ 1973ع، ص 1ـ9.
2. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1968ع، ص، 22.
3. سنڌيلو، عبدالڪريم، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، (پي - ايچ - ڊي لاءِ مقالو) سال 1973ع ص، 42ـ43.
4. آڏواڻي ڪلياڻ، ايم -اي "شاهه جو رسالو" ڪراچي 1976ع ص، 172.
5. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1965ع، ص 128.
6. ايضاً ص 162.
7. ايضاً ص، 9
8. Webster's New Twentieth Dictionary of the English Language:- Collins world (1978) 2nd edition U.S.A. P. 1467.


نوٽ. ڪوشش ڪري سمورا مثال مشهور معمائن جا ڏنا ويا آهن. جيڪي سنڌ ۾ هنڌين ماڳين، سگهڙن ۾ مشهور ۽ عام آهن، انهن مان اڪثر معما ۽ واقعا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ناليٰ "پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول" مان کنيا ويا آهن.

# اختلاف راءِ جي اهميت

اختلاف راءِ تاريخ ۽ ادب جي باري ۾ هجي يا زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪنهن ٻئي شعبي يا علم جي باري ۾، صحتمند معاشري جي ارتقا لاءِ، تاريخ ۽ ادب جي صحيح رخ متعين ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي. اختلاف نه رڳو ذهني سوچ ۽ فڪر يا طبيعت جي جولاني ۽ ڪجهه ڪرڻ جي خواهش جو اظهار آهي، پر سچائپ ۽ پرک جي حيثيت ۾ هر صحتمند معاشري جي بقا ۽ سونهن لاءِ به ضروري آهي. اهوئي سبب آهي جو حديث شريف ۾ به اختلاف راءِ کي رحمت جو ڪارڻ سمجهيو ويو آهي، "اختلاف أمتي رحمته". اختلاف راءِ ان معاشري ۾ نپجي ۽ وڌي ويجهي نٿو سگهي، جنهن معاشري جي ذهن ۽ سوچ جو ڌارائون بلوغت کي نه پهتيون هجن يا اڃا ارتقائي منزلن جي ابتدائي مرحلن ۾ هجڻ ڪري جانورن ۽ ڍورن ڍڳن وانگر صرف جبلي ۽ ٻڌتر وارين ڪيفيتن مان گذرنديون هجن ۽ انساني شعور منجهن پيدا ئي ڪو نه ٿيو هجي. اهڙي معاشري ۾ به اختلاف راءِ کي غلط ۽ اجايو سمجهي سگهجي ٿو، جيڪو ظاهر ۾ ته زندگيءَ سان ڀرپور هجي پر اصل ۾ مرده، کوکلو ۽ ڪوڙهيو ٿي ويو هجي، ان مان عمل جي ۽ اڳتي وڌڻ جي قوت ختم ٿي ويئي هجي. زندگيءَ جي حقيقت سان اکيون ملائي هلڻ جي همت نه رهي هجي. نقل، پيروي، پوئلڳي، روايتن ۽ عقيدن ۾ ايترو قائل هجي جو نواڻ، بغاوت، سوچ جي اڏام، مشاهدي جي قوت ۽ تخليقي صلاحيت وڃائي ويٺو هجي ۽ انهن لفظن جي مفهوم ۽ معني کان ئي بي خبر هجي.

انهن حالتن کان سواءِ ٻيو ڪو به سبب ڪونهي جو ڪو باشعور ماڻهو يا طبقو اختلاف راءِ جهڙي شعوري، علمي ۽ پرک جهڙي نعمت

سان مالا مال قوت کان انڪار ڪري سگهجي. تنهن ڪري جنهن به معاشري ۾ جتي به اختلاف راءِ جي ضرورت ۽ ان جي اهميت جا ڪارڻ موجود هجن ته اهو سمجهڻ گهرجي ته اتي انساني ذهن ۽ شعور اجا سجاڳ ۽ ڪمائتو آهي ۽ ماحول ۾ اجا زندگي، تازگي ۽ توانائي اهي. اختلاف راءِ لاءِ اهو ضروري آهي ته اها راءِ ڪوڙ، منافقت، ساز ڪيني ، ڪروڌ، غيب گروهبازي ۽ رياڪاريءَ کان مٿانهين هجي. اختلاف راءِ رکڻ جي قوت سالن جي مطالعي، مشاهدي ۽ ذهني ولوڙ کان پوءِ پيدا ٿيندي آهي. اختلاف راءِ حقيقت ۾ گهٽ چاڻ يا سطحي سوچ ۽ جذباتي ويچار جو نه، پر پرڪيل سوچ، پختي ذهن ۽ گهري لڳاتار مطالعي جو نتيجو آهي. اهو نتيجو جيڪو تحقيق ۽ تنقيد جا سبب ذاڪا ٿيي ظاهر ٿو ٿئي ته ان معاشري جي ڀلائي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه سوچي ئي نٿو سگهجي. اهڙن نتيجن سان انسان جي ذهني قوت ۽ سچائپ، سچائي ۽ عظمت ظاهر ٿئي ٿي ۽ ان وسيلي ئي اسان جي اڳيان نيون نيون راهون کلن ٿيون ۽ احساس ۽ مشاهدي جي قوت کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڏين ٿيون.

ادب جيئن ته زندگيءَ جو آئينو يا عڪس آهي ۽ زندگيون معاشري کي صحتمند يا بيڪار ۽ ڪوڙهيو بڻائين ٿيون. ادب زندگيءَ جي تعمير ۽ تنقيد آهي. ادب ئي زندگيءَ لاءِ راهه متعين ڪري ڪيس تخليقي عمل جي قوت بخشي ٿو. تنهن ڪري ادب ۾ ۾ اختلاف راءِ نه صرف اڻ ٽر آهي، پر ان جي اهميت ۽ ضرورت زندگيءَ جي ٻين شعبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ادبي ٻولي ۽ ان جو اثر ٻين علمن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي ۽ ان اثر کان مختلف آهي. ادب ۾ سائنس ۽ سماجي علمن وانگر، حقيقت، منطق ۽ وضاحت جي ضرورت ڪونه ٿيندي آهي.

ادب جيئن لفظن ذريعي ڏسڻ ۾ اچي ٿو يا محسوس ٿئي ٿو اصل ۾ ائين ناهي. وڌيڪ سمجهڻ لاءِ ادب جي لطيف ۽ نازڪ صنف شاعريءَ

تي بحث ڪري سگهجي ٿو. شعر عام انساني جذبات ۽ قلبي ڪيفيات جي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن ڪري ڪيس انساني فطرت سان مطابقت آهي. شاعريءَ جا ٻه مکيه جزا آهن؛ پهريون شعريت ۽ ٻيو مصنوعيت. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم وملزوم آهن. هڪ کي ٻئي کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. تنهن ڪري روايتي فني لوازم شاعري جي سرزمين ۾ ايترو ئي اهم آهن، جيترو ماحول جي زير اثر دل ۾ ڪي جذبات پيدا ٿين، انهيءَ نموني شاعري معاشري ۾ تعميري ڪم ڪري سگهي ٿي. شعر ناهبو نه آهي، پر نهي ويندو آهي، جڻ ته ڪنهن ماورائي طاقت کان سندس نزول ٿيندو رهي ٿو. تنهن ڪري ڪيترن نقادن پنهنجن تخليقن کي الهامي چاٿايو آهي، اهوئي ڪارڻ آهي جو شاعريءَ ۾ ڪم آندل لفظ جيئن جو تيئن معنيٰ ۾ استعمال ڪونه ٿيندا آهن. جئين ڊڪشنرين جي صفحن ۾ ڏنل هوندا آهن، پر شعر جي تخليقي الهام کي نظر ۾ رکندي انهن جي معنيٰ ڪئي ويندي آهي، هيٺ ڪن اهڙن شعرن کي نقل ڪجي ٿو. جن ۾ ڪم آندل لفظن کي جيڪڏهن لغتي جي معنيٰ مطابق استعمال ڪجي ته جيڪر شعر جو اصلي روح ۽ مفهوم ئي ختم ٿي وڃي. شعر ۾ اهي لفظ علامتي طرح استعمال ڪيا ويا آهن ٿا:

تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين،
اعلان هزارين مان نه رڪو. (اياز)

تو سوا هيءَ زندگي جڻ ته لوهر جو دوڪان (تنوير)

ڏينهن ڏونگر، راتيون روه، جانده جهڙي جنڊڙي،
توري جاڙم جيوم. (سحر امداد)

آڳ اوڳارين راڳ اسان جا، بستي بستي باهه لڳي،

کي بلڪل رد نٿو ڪري، ۽ هڪ ڏيئي مان ٻيو ڏيئو روشن ڪندو سچي ادب کي روشني رسائيندو ۽ نيون واٽون تخليق ڪندو رهي ٿو. هڪڙو ڏيئو ٿوري روشني ۽ ٻيو گهڻي روشني ضرور ڏئي ٿو پر ٻئي کي وسائي اصل ڪو نه ٿو.

ادبي اختلاف راءِ ۾ هئڻ به اهوئي گهرجي، ادب ڪو ميٿس جو حساب ڪو نه آهي، جو ٻه ۽ ٻه جوڙ ڪبا ته چار ٿيندا ۽ ٻه ۽ ٻه ضرب ڪبا ته به چار ئي ٿيندا. جڏهن ادب کي حساب ڪري سمجهيو ويو تڏهن ادب، ادب نه پر ٻيو ڪجهه ٿي ويندو. ان ڪري ادب ۾ اختلاف راءِ سخت ۽ آخري نه پر نرم ۽ بدلجندڙ هئڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو ادبي راءِ کي آخري ٿا سمجهن ۽ پاڻ کي ئي ان علم جو ڄاڻو ۽ عقل ڪل سمجهي پنهنجي راءِ کي آخري ۽ اٽل ٿا سمجهن اهي ادب ۽ اديب جي الف کان به اڻ واقف ۽ ڪورا آهن ۽ اها به پڪ هئڻ گهرجي ته ادب بابت انهن جي اها راءِ ته ڪجهه اثر ڪو نه ڇڏيندي پر پاڻ انهن کي ختم ڪري ڇڏيندي. اهڙا اديب گهڻو وقت ادبي کيتر کي آبيارو ڪري نٿا سگهن ۽ وري پنهنجي لکڻين ۾ڪا نئين سگهه پيدا ڪرڻ جي اهليت نٿا رکن، اهڙي طرح پنهنجو وجود وڃائي ٿا ويهن.

## مددي ڪتاب


1. Pitchley, Joseph, T. (1946), Encyclopedia of Literature, Philosophical Libarary of New York.
2. Kreman, Micheal, (1974), Writings with a Purpose, 5th Edition, Florida State University, U.S.A.
3. خليل، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم، (1974)، "ادب ۽ تنقيد" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد.
4. راز، عبدالرزاق، (1977)، "تنقيد ۽ تجزيو"، سنڌي ادبي سوسائٽي اسلاميه ڪاليج سکر.
5. ٻوهيو، ڊاڪٽر الهداد، (1981)، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو.

# گهڻ ٻولي سنڌ ۾ سماجي لسانيات

هي انٽرويو هفتيوار "ڪاوش مئگزين" پاران اعجاز منگيءَ ڪيو جيڪو 6-12 جولاءِ 1994ع واري پرچي ۾ ڇپيو.

**س: سنڌ يونيورسٽيءَ جي استادن لاءِ مشهور آهي ته اهي ٻاهران پاس ٿيڻ بجاءِ فيل ٿيندا آهن. اوهان جي ڪاميابي توهان ۽ يونيورسٽي لاءِ قابل فخر ناهي؟**

ج: مون کي خبر نه آهي ته اهو ڪٿي مشهور آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا استاد پاس ٿيڻ بدران فيل ٿيندا آهن. سنڌ يونيورسٽي جي استادن (جيڪي ملڪ کان ٻاهر تعليم حاصل ڪرڻ ويا آهن) جو رڪارڊ جاچڻ مان معلوم ٿيندو ته اڪثر استاد ٻاهرين ملڪن جي ادارن مان ڪاميابيءَ سان امتحان پاس ڪري آيا آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان جا اڪثر شعبا ٻاهران تعليم حاصل ڪيل استادن سان ڀريا پيا آهن.

البت اها به حقيقت آهي ته ڪيترن ئي شعبن جا ڪجهه استاد ناڪام ٿي موٽيا آهن، جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جن جي باري ۾ اهي استاد ئي بهتر ڄاڻن ٿا. جيتريقدر منهنجو خيال آهي ته ناڪام ٿيندڙ اڪثر استادن جو تعلق سماجي سائنس جي شعبن سان آهي، هڪ ته اسان جي ملڪ ۾ سماجي سائنس جنهن کي اسين مجموعي طرح آرٽس جا شعبا به چئي سگهون ٿا، تي اسان جون حڪومتون، انتظامي عملدار ۽ شاگرد توڙي استاد ڌيان ڪو نه ٿا ڏين. ڏنو اهو ويو آهي ته اڪثر اهي شاگرد ان پاسي لاڙو ڪندا آهن جن کي سائنس يعني انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل يا وري قدرتي سائنس جي شعبن ۾

عالم يا حڪومتي پاليسيون. اهو ٻڌ اڳتي هلي واضح ٿيندو ته اسان جي تعليمي ادارن ۾ تربيت حاصل ڪري پاس ٿي اچڻ يا ڊوڪٽر ڪمائي ناپاس ٿي اچڻ وارن ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. فرق رڳو اهو آهي ته اوهان جي ڪيتري سفارش آهي. اوهان خوشامد ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ماهر آهيو. اوهان لنگهي ويل نانگ جي ليڪي کي ڪٽڻ يعني اڳ جي پراڻن روايتي تحقيقي طريقن تي ڪيترو عمل ڪيو ٿا. ڪاميابيءَ سان جديد تربيت حاصل ڪيل محققن ۽ ناپاس ٿيلن جي ڪم کي ناپاس ٿيل، اڏوهي کاڌل رجعت پسند نظرين جا حامي ئي پنهنجي مقرر ڪيل ڪسوٽين تي پرکيندا.

**س:** لسانيات ڇا آهي ۽ وري ماهر لسانيات ڇا آهي؟

**ج:** علمي تشريح جي لحاظ کان لسانيات ٻوليءَ جي ترتيب وار علم کي ئي چئجي ٿو. جنهن مطابق ٻوليءَ جو گهاڙيٽو، گرامر، بنياد، آواز، لفظ، معنيٰ ۽ مطلب ڪانسواءِ ٻولي استعمال ڪندڙ يعني ڳالهائيندڙ جا مختلف ٻولين ۽ آباديءَ جي مختلف طبقن سان واسطا ۽ لڳ لاڳاپا ۽ انهن جو ٻوليءَ تي اثر وغيره سڀ ان موضوع هيٺ اچي وڃن ٿا. هن علم جون وري ڪيتريون ئي شاخون آهن ۽ هر شاخ هڪ الڳ ڊسيپلين آهي ۽ انهن شاخن مان وري ٻيا ڪيترائي موضوع نڪرن ٿا. جيڪي سڀ ملي علم لسانيات کي هڪ وسيع علم ٺاهين ٿا. مجموعي طور تي ٻوليءَ جي ڪنهن به شاخ يا سمورين شاخن جي ڄاڻوءَ کي يا انهن تي ڪم ڪندڙ کي ٻوليءَ جي علم جو ڄاڻو يا لسانيات جو ڄاڻو ۽ ماهر چئي سگهجي ٿو.

هن وقت تائين سنڌ جي عوام کي اهو ئي ٻڌايو ويو آهي ته لسانيات اهو علم آهي، جيڪو ڪنهن کي سمجهه ۾ نه اچي ۽ زندگيءَ جي ڏاوت ۽ اوسر ۾ ان جوڪو به ڪردار ناهي. تنهنڪري ان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ئي اجائي آهي. جو ڪا نوڪري به ڪو نه ملندي گهڻو وقت اڳ سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ لسانيات جو چرچو ٿيو ۽ اهو

پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهندو.

اوهان ڪير آهيو؟ اوهان ڪٿان آيا آهيو؟ اوهان جو نالو ڇا آهي؟ اوهان جو ڏاڏو ڪهڙو آهي؟ انهن سڀني سوالن جا جواب ڏين لاءِ اسان کي صرف ڳالهائڻو پوي ٿو ۽ ڳالهائڻ ذريعي ئي پنهنجي ذاتي ۽ سماجي سڃاڻپ ڪرائي سگهون ٿا. تنهنڪري ٻولي رابطي ڪانسواءِ به گهڻو ڪجهه آهي ۽ ان گهڻو ڪجهه تي جڏهن حملو ٿئي ٿو، سڃاڻپ وڃائڻ، معاشي نابرابري ۽ سياسي حقن نه ملڻ جو احساس ٿئي ٿو تڏهن سڃاڻپ وڃائڻ جو احساس به وڌي ٿو ۽ پوءِ ٻولي جو مسئلو ئي بنيادي مسئلو بنجي حساس نوعيت اختيار ڪري ٿو. جنهن جا مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڀريا پيا آهن، جهڙوڪ آئرلينڊ، ڪئناڊا، انڊيا، آمريڪا، اسپين، ترڪي، ملائيشيا ۽ پاڪستان جي سماجي لسانياتي تاريخ جي مطالعي مان ظاهر آهي.

**س:** موهن جي دڙي جي ٻوليءَ بابت اوهانجي ڇا راءِ آهي، ان کي نه سمجهي سگهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ ان سلسلي ۾ سراج هڪ ڪتاب لکي انهيءَ ٻوليءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇا هو ڪامياب ٿيو؟

**ج:** اڄ کان هزارين سال اڳ سنڌ جي ڌرتيءَ تي موهن جي دڙي ۾ رهندڙ ماڻهو سنڌ جا رهواسي سنڌي هئا، اهي جيڪا ٻولي پنهنجي روزمره جي ڪاروبار لاءِ استعمال ڪندا هئا، اها سنڌي هئي. اهڙي طرح انهن جو رهڻ سهڻ، رسم رواج ۽ زندگيءَ جو سمورو ڪاروبار هڪ ثقافت طور اسريو، جنهن کي سنڌي ثقافت ئي چئبو. هاڻي جيئن اها ثقافت جيئن جو تيئن موجوده سنڌ ۾ رائج ڪو نه آهي، پر ان دور جا ڪي ثقافتي اهڃاڻ اڄ به سنڌ جي ثقافت ۾ ڳولي سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جا ڪجهه اهڃاڻ موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ ضرور هوندا. پر جيئن ته موهن جي دڙي واري دور ۾ ڳالهايل سنڌي ٻولي محفوظ ڪونهي ۽ آواز خلا مان حاصل ڪري نٿا سگهجن،

تنهنڪري انهن اوازن کي موجوده سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳولڻ ناممڪن ٿيو پوي. البت جيڪا لکيل ٻولي موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۽ ٺڪرن وغيره تي ملي آهي. اها موجوده سنڌي لکت کان مختلف آهي، هن سلسلي ۾ دنيا جا ڪيترائي عالم جن ۾ فنليند جو اسڪو پارپولا ۽ سندس ٽيم. روسي ماهر ڪارلوسڪي ڪانسواءِ سنڌ ۽ هند جا ڪيترا عالم موهن جي دڙي واري سنڌي ٻوليءَ کي پڙهڻ جون ڪوششون جاري رکيو اچن ۽ منهنجي ڄاڻ مطابق اڃا تائين ڪو به عالم ان کي پڙهڻ ۾ ڪلي طور ڪامياب ڪو نه ٿيو آهي.

جيئن مون اڳ هڪ سوال جي موٽ ۾ عرض ڪيو هو ته علم لسانيات جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. قديم ٻولين جي لکتن کي پڙهڻ پڻ هن علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ هن وقت تائين ڪو به سنڌي عالم ڪواليفائيڊ ڪو نه آهي. پرڏيهي عالمن جهڙوڪ پارپولا ان علم ۾ مهارت رکي ٿو پر هو به پوريءَ طرح ڪامياب ڪونه ٿيو آهي. هي هڪ اهڙو علم آهي جنهن تي پوري مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتريون ئي زندگيون گهرجن، پر ان سلسلي ۾ هڪ ڪوشش اها ڪري سگهجي ٿي ته سڄاڻ نوجوانن جي هڪ ٽيم کي هن علم ۾ ڊگهي مدت واري تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن پرڏيهي ادارن يا يونيورسٽين ۾ موڪليو وڃي ۽ اها ڊگهي ۽ ڊوونٽيڊ تربيت ئي شايد ڪين ان جو اهل بڻائي جو قديم لکتون پڙهي سگهن، باقي هن وقت تائين ڪيل ڪوششون ان سلسلي ۾ ناڪام ٿيون آهن.

**س:** لاڙ ۽ اتر جي ٻوليءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**ج:** لاڙ ۽ اتر جي ڪا الڳ ٻولي ڪو نه آهي، اها سنڌي ئي آهي، جيڪا ٿورڙن آوازن ۽ لفظن جي فرق ۽ ڦير ڦار سان ڳالهائي وڃي ٿي. مثال طور سنڌيءَ جي اها خاصيت ته هن جو هر لفظ متحرڪ آهي، يعني هر لفظ جي آخر ۾ حرف علت (Vowel) ٻيندو آهي، لاڙ ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خاصيت نظر ڪونه ٿي اچي جيئن هيٺين لفظن مان اندازو

گهرجون پوريون ڪو نہ ٿي ڪري، جو سنڌن واسطو اتي گجراتي، مرهٽي، تامل ۽ هندي وغيره جي ڳالهائيندڙن سان آهي. سنڌي جيئن تہ اتي ڪنهن هڪ مخصوص جاگرافيائي علائقي تائين محدود نہ آهن، تنهن ڪري جنهن صوبي ۾ رهن ٿا، ڪين اتي جي مقامي ٻوليءَ ڪان سواءِ سرڪاري ٻوليون هندي ۽ انگريزي سکڻ پڻ لازمي ٿي پيو آهي. وڏي وهيءَ وارا گهر ۾ يا هڪ جيڏن جي سات ۾ تہ سنڌيءَ کي واهپي ۾ رکيو اچن، پر سنڌن اولاد سنڌيءَ جو ڪو بہ مستقبل ۽ عملي استعمال نہ ڏسي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪو نہ ٿو ڪري. اهڙيءَ طرح سنڌي آهستي آهستي ختم ٿي رهي آهي ۽ جتي سنڌي گهڻي تعداد ۾ هڪ علائقي ۾ رهن ٿا اتي جيڪا سنڌي استعمال ۾ اچي رهي آهي، اها وري هڪ نئون روپ اختيار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ هندوستان جي مختلف ٻولين جي اکرن ڪانسواءِ اصلي اچار بہ تبديل ٿي رهيا آهن.

**س:** ...... ۽ پاڪستان ۾؟

**ج:** پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل ڪيترن ئي ٻين مسئلن سان لاڳاپيل آهي، جن مان سياسي ۽ سماجي مسئلا اهم آهن. ٻوليءَ بابت قانون تي عمل اهم مسئلو آهي، سنڌ اسيمبلي بل پاس ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هڪ حيثيت مقرر ڪئي آهي، جنهن تحت سنڌ جي سرڪاري زبان سنڌي هوندي جنهن مطابق سموري سرڪاري لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ هئڻ گهرجي. اسيمبليءَ جي انهيءَ قانون تي عمل ڪو نہ پيو ٿئي، ايتري قدر جو سنڌ يونيورسٽيءَ بہ 1972ع ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري فيصلو ڪيو هو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سموري لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ ٿيندي. ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي ٻين ادارن بہ اهڙي قسم جا ٺهراءُ پاس ڪيا هئا. (سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سيڪنڊري بورڊ وغيره) جيڪي انهن ادارن جي قانون جو حصو آهن ۽ پنهنجن قانونن جي پيچڪڙي ڪري رهيا آهن. هاڻي ائين پيو ٿي رهيو آهي، ڪهڙا سبب آهن، انهن پنيان ڪهڙا ڳجها يا ظاهري هٿ آهن جيڪي اهوڪرڻ نٿا ڏين ۽ وري انهن قانونن

تي عمل نہ ڪرڻ بابت ڪو ڪانتن اهڙي پيا بہ ٿئي ٿي؟

اهڙي قسم جي حالتن ڪري ۽ قانونن تي پوري ءَ ريت عمل نہ ٿيڻ سبب ٻوليءَ بابت غير يقيني حالتون پيدا ٿي رهيون آهن. جو اڄ هڪ سنجيده طبقو سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل بابت پريشان آهي، ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ جي وڏن ليکڪن، جن پنهنجو قد بت سنڌيءَ ۾ لکڻ سبب وڌايو ۽ ناڻ ميڙايو، اڄ ٻين ٻولين ۾ ان ڪري لکي رهيا آهن، جو ٻين ٻولين ۾ کين وڏيڪ مارڪيٽ، شهرت ۽ پئسا ملن ٿا ۽ اهڙي طرح اهي ذهين ليکڪ سنڌي ٻوليءَ کان کسبا وڃن ٿا. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل بابت شڪ شبها پيدا ٿي رهيا آهن. هتي هڪ ڳالهہ واضح ڪندو هلان تہ سنڌي ماڻهن جو ٻين ٻولين جهڙوڪ اردو ۽ انگريزيءَ ڏانهن سئچ اوور (Switch over) ڪرڻ هرو ڀرو بہ ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار ڪو نہ آهي، پر اهڙي طريقي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن ٻولين جا اکر ۽ اصطلاح رائج ٿي ٻوليءَ کي مالا مال بہ ڪري رهيا آهن ۽ اهو ايستائين تمام سٺو رهندو، جيستائين اسانجا ماڻهو سنڌي سان گڏ ٻين ٻولين کي بہ استعمال ڪندا رهندا. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪن اقتصادي مجبورين جي ڪري سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ هڪ اهڙو نسل بہ پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ کان بنهہ پري اردو ۽ انگريزيءَ جي ماحول ۾ پلجي رهيو آهي، جيڪو اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل لاءِ نقصانڪار ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ هر ٻولي ڳالهائيندڙ سان ان ٻوليءَ جو ڪلچر بہ وابستا هوندو آهي. هاڻي جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بدران ڪو ماڻهو ٻي ٻولي ڳالهائيندو تہ يقيني طرح هو ان ٻوليءَ سان وابستہ ڪلچر کان بہ متاثر ٿيندو ۽ سنڌي سماج يقينن ان تبديليءَ کان متاثر ٿيندو.

**س:** ڪميونيڪيشن جي هن طوفاني ترقيءَ ۾ ڇا سنڌي ٻولي پنهنجا پير کوڙي سگهندي؟

**ج:** ها. نہ صرف پير کوڙي سگهندي پر اڳتي هلي وڌي، ويجهي ۽

تمام گهڻي ترقي به ڪري سگهندي، پر ان لاءِ وڏي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سڀ کان اول سنڌين جي هڪ وڏي طبقي يعني وچولي ڪلاس، نوڪري پيشه، واپاري ۽ شهريءَ مان اهو نفسياتي اثر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقي ڪرڻ جي اهليت ڪو نه آهي يا ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به ٻي ٻوليءَ کان گهٽ آهي. ٻيو ته سرڪار تي اخلاقي دٻاءُ وجهڻ ته ٻوليءَ بابت پنهنجي ئاهيل قانونن تي عمل ڪري ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪو به سياسي دٻاءُ قبول نه ڪري. ان کانسواءِ ٻوليءَ جي ترقيءَ بابت جيڪا ادارا آهن، انهن تي اهڙا علم دوست ۽ ٻوليءَ جا خيرخواه ڪارڪن ۽ ٻوليءَ بابت ترقيءَ جو چٽو تصور رکندڙ ڪواليفائيڊ ماڻهو رکيا وڃن، جيڪي رڳو ڦرندڙ گول ڪرسين، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن، وڏين گاڏين، ٽي اي - ڊي اي حاصل ڪرڻ ۽ پبلڪ رليشنگ ۾ دلچسپي وٺندڙ نه پر ٻوليءَ کي صحيح رخ تي ترقي ڏيارڻ جا نه صرف خواهان هجن پر ان لاءِ محنت به ڪن ۽ ان سلسلي ۾ ڪو به دٻاءُ قبول نه ڪن.

جيڪڏهن جلد ئي ائين نه ٿيو ته پوءِ واقعي هن ڪميونيڪشن جي طوفاني ترقيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پير نڪري سگهن ٿا ۽ ان جا جوابدار حڪومتي ڪارندا، ٻوليءَ جي ترقيءَ وارن ادارن جا سربراهه، عالمن ۽ اديبن کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ به هوندا. جو اهي وقت جي آواز کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام ٿي هڪ ٻي ترقي يافته ۽ جديد تقاضائون پوريون ڪرڻ جي اهيلت رکندڙ ٻوليءَ جي دنيا جي نقشي تان غائب ٿيڻ جو ڪارڻ بڻبا.

**س:** حليم بروهي سنڌي ٻوليءَ بابت هڪ ڪتابچو شايع ڪري تجويز ڏني هئي ته سنڌيءَ جي الفابيٽ رومن ڪئي وڃي، توهان جي خيال ۾ اهو ڪيئن آهي؟

**ج:** مون اهو ڪتابچو ڪو نه پڙهيو آهي جو علمي يا تنقيدي راءِ ڏئي سگهان، هاڻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ پڙهي پوءِ ڪتاب

بابت ڪا راءِ ڏئي سگهندس. جيتري قدر رومن الفابيٽ رائج ڪرڻ جو تعلق آهي، تہ سڀ کان اڳ موجوده الفابيٽ جي اوڻاين تي ٻوليءَ جي علم جي ڄاڻن کي ويهي هڪ راءِ ٺيڻ گهرجي تہ موجوده الفابيٽ مان اهي اوڻايون ختم ڪيون وڃن. ڇاڪاڻ جو نئين الفابيٽ ناهي ان کي رائج ڪرڻ ۽ اڳ موجود سڄي علمي ۽ ادبي مواد کي سنڌي ٻوليءَ مان خارج ڪرڻ يا وري ان کي ٻيهر رومن ۾ لکڻ ڪو ديوانئي جو خواب ڪونهي. اسان کي پنهنجن ادارن، عالمن ۽ اديبن جي ڪم جي اڳي ئي ڄاڻ آهي، تنهن ڪري اهو نئون ڪم اسان کي ۽ اسان جي ٻوليءَ کي اڳتي وڌائڻ بدران پوئتي وٺي ويندو. هونئن بہ ڪنهن ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ ۽ موجوده ۽ ايندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري ڪونهي تہ ان جي الفابيٽ ڦيرائي رومن ڪئي وڃي تہ ٻولي بچي ويندي يا ترقي ڪندي، ائين هجي ها تہ سڀ کان اڳ چيني، عربي ۽ جپاني ٻولين کي رومن اسڪرپٽ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها پر رومن اسڪرپٽ ۾ هجڻ ڪانسواءِ انهن ٻولين جي ترقي ڪنهن کان ڳجهي ڪونہ آهي.

**س:** سنڌ ۾ توهان ڪهڙين شخصيتن کي ماهر لسانيات ڪوني سگهو ٿا؟

**ج:** اوهان جيڪڏهن هن سوال جي جواب سان ڪنهن خاص شخصيت يا ڪنهن گروهہ کي ڪاوڙائڻ چاهيو ٿا تہ ٻڌايو؟

**س:** نہ - اهو مقصد بلڪل ناهي پر اوهان پهريان سنڌي اسڪالر ۽ استاد آهيو، جنهن لسانيات ۾ پر ڏيهہ جي هڪ اهڙي ملڪ مان پي ايڇ ڊي جي سند ورتي آهي، جنهن جي لسانيات جي علم سائنسي ۽ جديد تحقيق ڪنهن بہ شڪ شبهي کان بالاتر آهي، ان تربيت ۽ ڇئن سالن جي لسانياتي مطالعي جي آڌار تي اوهان کان راءِ وٺڻ گهرون ٿا.

**س:** دنيا جي هر علم وانگر لسانيات ۾ بہ ماهر هئڻ جي دعوي ڪرڻ تمام ڏکي ڳالهہ آهي، اڄ دنيا اسپيشلائيزيشن جي دور جي آهي، اڳ ۾ اهو هجي تہ هڪڙو ئي ماڻهو ناول نويس هجي تہ تاريخدان بہ تہ وري شاعر بہ، پر هينئر ائين نہ آهي، هڪ ماڻهو جڏهن شاعري ڪندو

هو، تڏهن هو شاعر هو. هاڻي تاريخ تي ڪم ڪري رهيو آهي ته هو ٻاڻ ڪي شاعر نه پر تاريخدان سڏائيندو ۽ ان ۾ ٿي ڪنٽريبيوشن ڪندو ۽ اهو به ٿيسين هوندو جيسين ٻاڻ ڪي ان سان وابسته رکندي لاڳيتي ڪنٽريبيوشن ڪندو رهندو، جنهن وقت ان فيلڊ ۾ ڪنٽريبيوشن بند ڪيائين. ان فيلڊ ۾ ماضيءَ جو داستان بنجي ويندو ته هي تاريخدان هو.

لسانيات ۾ به ائين ٿي آهي. لنڊن يونيورسٽيءَ جو هڪ پروفيسر رچرڊ هڊسن، جنهن سماجي لسانيات تي تعارفي ڪتاب 1980ع ۾ لکي وڏي شهرت حاصل ڪئي ۽ جيڪو ڪئمبرج يونيورسٽيءَ پريس ڇپيو ۽ نصاب ۾ پڻ شامل ڪيو ويو. 1991ع ۾ ۽ ڏهن منهنجي ساڻس ملاقات ٿي ۽ سندس ڪتاب جو ذڪر ڪندي سماجي لسانيات بابت نون نظرين جو ذڪر ڪيم ته چيائين ته آئون هينئر سماجي لسانيات تي ڪم ڪو نه ٿو ڪيان ۽ نون نظرين ۽ ترقيءَ بابت ڪا به ڄاڻ ڪو نه ٿو رکان، جو هينئر گرامر ۽ لينگويج اڪويزيشن (Languae acquisition) تي ڪم ڪري رهيو آهيان. پر اسان وٽ ان جي ابتڙ عمل آهي ته ڪنهن زماني ۾ اسان ڪنهن شوق يا مجبوري يا دوستن جي فرمائش يا ڪنهن علمي بحث ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چند مضمون ڪنهن خاص ڊسيپلين بابت لکيا ته سڄي عمر ٻاڻ ڪي ان جا ماهر پيا چوائيندا سين ۽ اهو به نه سوچيندا سين ته اسان جي لکڻين کان پوءِ دنيا ان سبجيڪٽ ۾ ڪيتري ترقي ڪري چڪي آهي ۽ ڇا اسان ان بابت اپ ڊيٽيڊ آهيون؟

بهرحال پاڪستان جي ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لسانيات تي چڱو خاصو ڪم ٿيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي عالمن جو وڏو حصو آهي، جن ۾ سراج، ڊاڪٽر بلوچ، علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر الانا، محمد حسين پنهور، ابراهيم جويو، ڊاڪٽر داد محمد بروهي ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو شمار ڪري سگهجن ٿا.

ان سلسلي ۾ ٻارت جي سنڌي عالمن، مغربي عالمن ۽ لسانيات جي ڄاڻن جي نظرداريءَ هيٺ نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. جن ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، پرو نهالاڻي، پرسوگدواڻي اهم آهن جڏهن ته

هن اٿارٽي جوڙڻ جو مقصد ڇا آهي؟ هن کان اڳ جي ڪار گذاري اها آهي تہ ڇاليهہ ڪن ڪتاب شايع ڪرايا اٿن. شايد ان خيال سان تہ سنڌ ۾ موجود ٻيا ادارا يعني سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، نيو فيلڊس ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي اهو ڇپائيءَ وارو ڪم صحيح طرح سان ڪو نہ ڪري رهيا هئا. سوال جو ٽيون حصو تہ اٿارٽيءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ يقين ان کي اهو ڪجهہ ڪرڻ گهرجي، جنهن جي ڪري وجود ۾ آئي آهي. جيڪو اٿارٽيءَ کي قائم ڪرڻ واري نوٽيفڪيشن ۾ بہ واضح هوندو، تنهن ڪري آئون ڇا ٿو چئي سگهان تہ اٿارٽي کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ها، اٿارٽيءَ کي اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ڪرڻ گهرجي، ان تي هوم ورڪ ڪرڻ ڪانسواءِ اٿارٽيءَ جي ڪارندن کي ايجوڪيٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي. دنيا ۾ موجود اٿارٽين جي ڪم ڪار کان ڪين واقف ڪرڻ، مواد مهيا ڪري ڏيڻ، سنڌن ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ تصور کي چٽو ڪرڻ وغيره. هاڻي اهو ڇا ڪرڻ گهرجي، ڪان سواءِ هڪ ٻيو اهم سوال آهي تہ ڪير ڪري؟ گهڻا تربيت يافتہ ماڻهو آهن، جيڪي ڪمپيوٽر جي ٽيڪنالاجي کي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم آڻي سگهن ٿا؟ گهڻن ماڻهن کي (COMPUTATIONAL LINGUISTICS) جي ڄاڻ آهي؟ ڪهڙا ماڻهو مختلف موضوعن تي ٽرمينالاجي جوڙڻ جا ماهر آهن؟ گهڻن ماڻهن کي لنگوافون جو استعمال اچي ٿو؟ وغيره. سڀ کان اول تہ ان نقطي تي ويچارڻ کپي تہ جيڪڏهن اهڙا ماهر موجود آهن تہ انهن کان هڪ وڏي گروهہ کي تربيت ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. جيڪڏهن ملڪ ۾ اهڙي تربيت ميسر نہ آهي تہ ڪجهہ نوجوانن کي ملڪ کان ٻاهر اهڙي تربيت ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿيندو، جڏهن وس ڌڻي پاڻ کان ٻاهر نڪري، پنهنجي مفادن کي پاسيرو رکي، ٻوليءَ جي ترقي لاءِ ڏکي ۽ گهڻ پاسائين رٿا تي عمل ڪرائيندا. پاڪستان نهڻ جي ٻهرئين ڏينهن کان قانوني طور اردو پاڪستان جي سرڪاري زبان آهي پر ان جي ترقيءَ لاءِ جيڪي ادارا يا اٿارٽيون جوڙيون ويون آهن. اهي تقريبن اڌ صديءَ جي ڪوشش جي باوجود ان کي پاڪستان جي سرڪاري لکپڙهہ جي اهل نہ بڻائي سگهيا

آهن. جڏهن تہ انهن ۾ ڏنل مدو گهڻو اڳ پورو ٿي چڪو آهي. بهرحال لينگويج اٿارٽيءَ کي ڇا ۽ ڪيئن ڪم ڪرڻ گهرجي تي هڪ الڳ ۽ مفصل مضمون لکڻ جي ضرورت آهي.

**س:** توهان سنڌ کي ٻاءِ لنگوئل (Bi-Lingual) يعني ٻن ٻولين وارو صوبو تسليم ڪريو ٿا؟

**ج:** آئون سنڌ کي ٻاءِ لنگئل نہ پر ملٽي لنگئل (Multi-lingual) يعني گهڻين ٻولين وارو صوبو سمجهان ٿو. جنهن ۾ رهندڙ ماڻهو سنڌي، اردو، پنجابي، پشتو، بلوچي، براهوي، سرائڪي، گجراتيءَ ٻيون ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهائين ٿا.

**س:** سنڌ ۾ سڀ کان شديد ترين مسئلي يعني سنڌي - مهاجر ڪشيدگيءَ کي علم لسانيات جي روشنيءَ ۾ ڪيئن ٿا ڏسو؟ ڇا انهن ٻن آبادين کي ويجهي آڻڻ ۾ علم لسانيات پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو؟

**ج:** مون اڳ ڪنهن سوال جي جواب ۾ چيو آهي تہ سماجي لسانيات جوعلم گهڻ ٻولي، گهڻ ثقافتي ۽ گهڻ قومي ملڪ ۾ ڪيترن ئي سماجي ۽ سياسي مسئلن جو حل پيش ڪري سگهي ٿو. اها ساڳي ڳالهہ هن مسئلي ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، ضرورت صرف ان ڳالهہ جي آهي تہ ڌرين يا ڌرين جي عالمن ۽ دانشورن کي هڪ هنڌ ويهي علمي طور هن مسئلي جي اهميت کان واقف ڪرائي ان جي حل لاءِ تجويزون پيش ڪجن. جن ۾ هڪ دفعو وري ٻولين جي حيثيت تي هڪ راءِ ٺهڻ لاءِ بحث مباحثو "حيقت پسندي" جي نظر سان ڪجي. جنهن ۾ نہ رڳو سنڌي - مهاجر ڌرين جا دانشور پر پنجابي، بلوچي، سرائڪي ۽ پشتو ٻولين جا حقيقت پسند دانشور بہ حصو وٺن.

# سنڌي ٻوليءَ تي جديد انداز سان تحقيق جي ضرورت

هي انٽرويو همسفر "" ۽ ذوالفقار شيخ، ماهوار "سنڌ سجاڳ" ڪراچيءَ لاءِ ڪيو، جو نومبر 1994ع واري شماري ۾ ڇپيو.

**س: لنگئسٽڪس ڇا آهي؟ ان جي پس منظر بابت ڪجهه ٻڌائيندا؟**

**ج:** علم لسانيات يا Linguistics جي معنيٰ آهي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مختلف علمن جو ترتيب وار سائنسي مطالعو. ٻوليءَ سان لاڳاپيل مراد آهي ته، ٻوليءَ سان ماڻهو لاڳاپيل آهي ۽ آواز وري ماڻهوءَ سان لاڳاپيل آهن. ان ڪري ان ڪي آوازن، جملن جي جوڙجڪ، لفظن جي معنائن جو ترتيب وار مطالعو چئي سگهجي ٿو. ٻولي جيئن ته سماج جو اهم جزو آهي، تنهن ڪري ٻوليءَ جي سماج ۾ حيثيت ۽ سماج تي ان جا اثر ۽ سماج جا ٻوليءَ تي اثر، مختلف حوالن سان ڏين ٿا، جن ڪي طبقي، ذات، ڌنڌي ۽ تعليم جي خانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جيئن ته اهي سڀ شيون پڻ سماج جو حصو آهن، ان ڪري انهن سمورن سماجي ماپن تحت ٻوليءَ جي مطالعي کي لسانيات چئبو ته وڌاءُ نه ٿيندو. اڻون ائين ٿو سمجهان ته لسانيات جو علم تمام وسيع آهي، انڪري مختصر طور ڪنهن خاص حوالي سان وضاحت نٿي ڪري سگهجي، ان سلسلي ۾ الڳ مضمون لکي سولائي سان وضاحت ڪري سگهجي ٿي ته Sociolinguistics, Language Planning & Philology وغيره ڇا آهي؟ مطلب ته ٻوليءَ جي گهڻن ئي پاسن جي چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. سادن لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته ٻوليءَ جي مختلف جزن جو ترتيبوار اڀياس ئي لسانيات آهي. ٻولي هميشه کان ئي دلچسپي

ڪتبيبر ڪوجنا جو موضوع رهي آهي. پر گهڻو ڪري اهي ڪوجنائون ۽ مشاهدا حادثاتي ۽ پنهنجي من پسند نظرين جي پرچار تي ٻڌل رهيا آهن. ٻوليءَ جي مذهبي ۽ فلاسافيڪل چاڻ ڪيترين ئي قديم تهذيبي ورثن ۾ ملي ٿي.

يوناني فيلسوف سقراط ۽ ارسطو پهريان ڏاها آهن، جن جي بحثن ۾ علم لسانيات جو ذڪر ملي ٿو، جنهن ۾ ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ ٻين موضوعن بابت ڳالهايو ويو آهي. اڳاٽي دؤر ۾ ئي ٻوليءَ جي علم ڏانهن حقيقي ۽ غير جانبدار (Objective) رويو اختيار ڪندي گرامر جي مختلف شاخن، لفظن جي ذخيري ۽ اُچارن جا تفصيلي مطالعا ڪيا ويا.

ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ هن علم ڪيترن ماهرن جو ڌيان ڇڪايو ۽ اهڙي طرح هي علم هڪ نئين سائنسي علم جي حيثيت ۾ ابري آيو ۽ مختلف علمن جي سري هيٺ ڪم ٿيو. فلالاجي (Philology) جي سري هيٺ ٻوليءَ جي تاريخي اوسر بابت ڪم ٿيو ۽ پوءِ تقابلي لسانيات (Comparative Linguistics) تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي علمن جا بنياد پيا ۽ ان تي وڏو ڪم ٿيو.

موجوده صديءَ ۾ هن علم ۾ تمام گهڻا اضافا ٿيا آهن ۽ ڪيترائي نوان علم وجود ۾ آيا آهن، جن ٻوليءَ جي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو آهي، جن ۾ سماجي لسانيات ۽ ان جون مختلف شاخون عام آهن، جيڪي تيزيءَ سان علمي دنيا ۾ مقبول ٿي رهيون آهن.

**س: سنڌي لسانيات تي هن وقت تائين سنڌ ۽ پرڏيهه ۾ ڪيترو ڪم ٿيو آهي؟ ۽ ڇا ٿيل ڪم مان اوهان مطمئن آهيو؟**

**ج:** اُدا سنڌي لسانيات مان مطلب ٿو نڪري سنڌي ٻوليءَ جي مختلف جزن جو ترتيبوار مطالعو. 1903-1928ع ۾ جارج گريئرسن Linguistic Survey of India نالي ڪتاب جا جلد ترتيب ڏنا، جن ۾ هندستان جي مک ٻولين جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. اها سروي

جي بورڊي اهم ڪم ڪيو آهي. هن "ڊسڪرپٽو فونولاجي آف سنڌي" تي ڊزرٽيشن لکي آهي. اسان جا ماڻهو ٿيسز ۽ ڊزرٽيشن ۾ فرق نه سمجهندا آهن. آئون واضح ڪندو هلان ته اها ڊزرٽيشن آهي ٿيسز ناهي. هونئن به امريڪا ۾ جيڪا پي ايڇ ڊي ڪئي ويندي آهي، ان کي ڊزرٽيشن چئبو آهي ۽ ڊزرٽيشن مڪمل نه هوندي آهي، ان سان گڏ ٻيا ڪورسز به هوندا آهن. جڏهن ته ٿيسز مڪمل پي ايڇ ڊي هوندي آهي. جان جي بورڊي فونولاجيءَ تي ڪم ڪندي سنڌ جي ٻن ماڻهن محترم محمد ابراهيم جوئي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جا آواز رڪارڊ ڪيا ۽ انهن آوازن جي بنياد تي ئي هن 1958ع ۾ يونيورسٽي آف ٽيڪساس مان پي ايڇ ڊي ڪئي. 1961 ۽ 1963ع ۾ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندانيءَ جي ايم اي ۽ پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل ڪم به سامهون آيو، آئون سنڌس پي ايڇ ڊيءَ کي تمام وڏي اهميت ڏيان ٿو. ڇو ته ان وقت دنيا جو وڏو ماهر لسانيات وليم لابوف به ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ تي ڪم ڪري رهيو هو. سنڌس اسٽڊي دنيا جي اهم مطالعن مان هڪ آهي ۽ هن دنيا جي سيني ٻولين جي تحقيق تي ڇاپ ڇڏي آهي. هي دنيا جو پهرين ماڻهو هو، جنهن ٻڌايو ته ٻولي تبديل ته ٿئي ٿي، پر ڪٿي تبديل ٿئي ٿي اهي جايون هن ڳولي لڌيون ۽ ان جو سماجي پس منظر ۾ مطالعو ڪيو، هن پهريون ڀيرو linguistics کي سماج سان ڳنڍيائين ۽ اهم نتيجا ڪڍيا ۽ اڄ اها دنيا جي ڪامياب فلاسافي آهي.

لڇمڻ خوبچندانيءَ به ساڳئي دور ۾ ساڳي پينسلوانيا يونيورسٽي ۾ هن سان گڏ ڪم پئي ڪيو. ان وقت ڪيل انهيءَ ڪم کي اعليٰ معيار جو چئي سگهجي ٿو. 1953ع ۾ جرمن لسانيات جي ماهر Weinrieech هڪ ڪتاب Languages in Contact لکيو جيڪو لسانيات تي تمام اهم ڪتاب آهي. خوبچندانيءَ جي ڪم جو بنيادي محرڪ به اهوئي ڪتاب بڻيو ۽ ڪيس ان ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ

۾ سنڌ اندر سنڌ جي حوالي سان پهريون ڪم ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيو، جنهن لنڊن يونيورسٽي مان Linguistics ۾ ايم اي ڪئي ۽ مونو گراف بہ سنڌي ٻوليءَ تي لکيو. سندس مونو گراف جو عنوان آهي، Arabic element in Sindhi هن پنهنجي مونوگراف ۾ ان ڳالهہ جو چيد ڪيو آهي تہ عربيءَ جا ڪهڙا جزا سنڌيءَ ۾ موجود آهن. الانا صاحب کان اڳ پروفيسر علي نواز جتوئي بہ لسانيات جي سلسلي ۾ پڙهيہ ويل هو، هن جو سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپو هو، هو ٻاهر هڪ سال رهي واپس موٽي آيو ۽ ڄيائين تہ سندس ايترا وسيلا ڪو نہ هئا جو هو اتي امتحان ڏئي پاس ٿي سگهي ها. پڙهيہ مان واپسي کان پوءِ هن "علم لسان ۽ سنڌي زبان" نالي تعارفي ڪتاب لکيو. الانا صاحب سنَد وٺڻ واري عرصي کان وٺي لاڳيتو مختلف حوالن سان سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي. الانا صاحب جي نگرانيءَ ۾ حيدر ٻرڙي بہ سنڌي ٻوليءَ تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي. هندستان مان پرو نهالاڻي بہ سنڌي ٻوليءَ تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي ۽ ساڳئي وقت ٻيا بہ ڪيترائي عالم انهي جاکوڙ ۾ رڌل آهن. ڊگري کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ تي سنڌ توڙي هند ۾ ڪم ٿئي پيو. سنڌ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ سٺو ڪم ڪيو آهي. Philology لسانيات جو اهڙو علم آهي، جنهن ذريعي ٻولين جي تاريخي اوسر جو مطالعو ڪري انهن بابت ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. ان تي ڊاڪٽر بلوچ بہ ڪم ڪيو آهي تہ سراج الحق ميمڻ بہ. سراج الحق ميمڻ جو ڪتاب "سنڌي ٻولي" ان ڪڙيءَ جي شاندار ڪوشش آهي. انهن کان اڳ مرزا قليچ بيگ ۽ ڀيرو مل کان علاوه ڊاڪٽر گربخشاڻي پڻ لسانيات تي اهم ڪم ڪيو آهي. تازو ڪو سنڌي لسانيات تي اهم ڪتاب نہ آيو آهي، باقي ڪافي نوان ماڻهو بہ مضمون لکي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ contribute ڪري رهيا آهن.

**س: دنيا ۾ لسانيات جو اسڪوپ ڇا آهي؟ اوهان اهو ٻڌايو تہ ڇا سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ان اسڪوپ کي سمجهي کي**

قدم کنيا آهن يا نه؟

ج: لسانيات جو تمام وڏو اسڪوپ آهي، خاص ڪري Applied Sociolinguistics ۽ Applied Linguistics جيڪي سماج ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. Applied Linguistics کي استعمال ڪري مختلف ڌيهي ۽ پرڏيهي ٻولين سکڻ جا طريقا اختيار ڪري انهن مان مثبت نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. جڏهن ته Applied Sociolinguistics کي استعمال ڪندي ڪيترن ئي گهڻ ٻوليائي ملڪن ۾ ٻوليءَ جا مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. انهن علمن تي سڄي دنيا نه سهي، پر يورپ، آمريڪا ۽ عرب دنيا ۾، خاص طور سعودي عرب، لبيا ۽ مراڪش جا دانشور وڏو ڪم ڪن پيا. هونئن به عربي، دنيا جي انهن اهم زبانن مان آهي، جنهن ۾ لسانيات جا تمام گهڻا ماهر آهن، پر سنڌ يا پاڪستان ۾ اسان کي اجا تائين لسانيات جي صحيح معنيٰ ۽ اهميت ئي ڪونه پڌائي وئي آهي. جنهن سان اسان لسانيات کي سماج ۾ استعمال ڪري سگهون. مونکي اهو ٻڌائيندي ڏک ٿو ٿئي ته وارڊ هاگ پنهنجي ڪتاب Languages in Competition ۾ پاڪستان کي به انهن ملڪن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪي ٻوليءَ تي ڳالهائڻ ۽ ٻوليءَ جو علم حاصل ڪرڻ کي ڏوهه سمجهندا آهن ۽ سرڪار ماڻهن کي ٻولين تي ڳالهائڻ يا ڪم ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندي آهي ۽ ٻوليءَ کي حساس مسئلو ڪري ورتو ويندو آهي. جڏهن حڪمرانن جي ئي لسانيات بابت اهڙي نفسيات هوندي ته پوءِ هي علم آخر ڪيئن ترقي ڪندو؟ آئون وري به اهو چوندس ته اسان جي لسانيات جي ماهرن (هڪ اڌ کان سواءِ) لسانيات جي اهميت کي پوري ريت سمجهيوئي ڪونهي، يا وري ڄاڻي ٻجهي ان جي اهميت کان لنوائي رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هڪ اڌ يونيورسٽي کان سواءِ ٻين يونيورسٽين ۾ لسانيات جو مڪمل شعبو ڪونه آهي.

**س: هن وقت سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي اوهان ٻوليءَ جي سڌريل شڪل ٿا سمجهو يا بگڙيل؟**

ج: ادا اهو سوال ئي منهنجي ڪم سان لاڳاپيل آهي. جڏهن مان هتان انگلينڊ ويو هئس تڏهن منهنجي ذهن ۾ به اهو هو ته اسان جون اخبارون ٻوليءَ کي تباهه پيون ڪن. اسان جا ماڻهو ٻوليءَ کي بگاڙين پيا. ان سلسلي ۾ منهنجي خواهش هئي ته ڪجهه ڪجي. ان ڏس ۾ آئون ڏاڍو سنجيده هئس پروفيسر سان ٻهرين گڏجاڻيءَ ۾ مون purist هئڻ جو اظهار ڪندي چيو ته آئون پنهنجي ٻوليءَ کي معياري، نج ۽ تز رکڻ جو قائل آهيان. پر جڏهن دنيا جي ٻولين تي ڪافي ڪتاب اٿلايا سين تڏهن اهي سڀ بيوقوفي ۽ جون ڳالهيون محسوس ٿيون. سماج ۾ شيون تبديل ٿين ٿيون. پار چمي ٿو، وڏو ٿو ٿئي. جوانيءَ کي ٿو پهچي، پوڙهو ٿئي ٿو ۽ مري ٿو وڃي. فصلن، زمينن، روڊن، رستن ۽ پاڻيءَ ۾ به تبديلي اچي ٿي. شيون ڪڏهن ننڍيون ته ڪڏهن وڏيون ٿين ٿيون يا ڪيون وڃن ٿيون. اهي سڀ سماجي حالتون ٻوليءَ تي به اثر انداز ٿين ٿيون ۽ ٻولي به سماجي ۽ سياسي حالتن جي حوالي سان تبديل ٿيندي رهي ٿي. تنهن ڪري اسان کي فراخدل ٿي ٻوليءَ جي تبديليءَ واري حالت قبول ڪرڻ گهرجي ۽ ان تبديليءَ اڳيان بند نه ٻڌڻ گهرجن. مثال طور پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ ايڏو وڏو واقعو آهي، جنهن جو سڌو سنئون اثر اسان جي ٻوليءَ تي پيو آهي. جو ته ان سان سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آبادي جو وڏو حصو لڏ پلاڻ ڪري هند هليو ويو ۽ انهن جي جاءِ تي اردو - هنديءَ جا مختلف لهجا ڳالهائيندڙ ماڻهو اسان وٽ آيا. انهن ماڻهن جي ٻولي اسانجي قومي ٻولي بڻائي وئي، ميڊيا، اخبارون، ملازمتون سڀ انهيءَ حوالي سان استعمال ٿيا ۽ اسان جا بازيسري به ٻي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا. ان جا اثر به اسانجي ٻوليءَ تي پيا آهن. ان ڪري هينئر جيڪا ٻولي اسان جا ٻار ڳالهائين ٿا ان تي اردو ۽ انگريزي جو گهڻو اثر آهي ۽ ان کي روڪي نٿو سگهجي. اهو اثر اوس

انگريزيءَ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ انگريزي ائين وڌندي پئي وڃي. جيڪڏهن انگريزي رڳو لٽڻن تي بيٺي هجي ها ته پوءِ ايترو عروج به نه ماڻي سگهي ها. جيئن بازار عربي ۽ ڪاٽ هندي لفظ آهن پر انهيءَ کي انگريزيءَ ۾ به ساڳي ريت پنهنجو ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو.

**س: ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اوهان سنڌ جي دانشورن جي ان راءِ کي رد ٿا ڪريو ته سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ميڊيا ٻوليءَ کي ڪو نه پيا بگاڙين؟**

ج: آئون اها ڳالهه واضح نموني چوان ٿو ته سنڌ جا دانشور ان سلسلي ۾ صحيح نه پيا چون. هڪڙا دانشور چون ٿا ته ٻوليءَ جو بگاڙو ٿو ٿئي. ان تي سوچيو وڃي ته اهي ٻين ٻولين جي سنڌي ۾آيل لفظن کي ٻوليءَ جو بگاڙو ٿا سمجهن يا بگاڙ مان سندن ڪو ٻيو مقصد آهي؟ اخبارن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي سبب هر پرو ٻوليءَ جو بگاڙو ڪو نه ٿو ٿئي. سنڌي ٻوليءَ جو مزاج آهي ته ڦهريائين فاعل، مفعول ۽ پوءِ فعل ايندو. انگريزي سوڌو ٻين گهڻين ٻولين جو مزاج ائين ناهي، هاڻ اسان جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ جو مزاج ڇڏي فاعل، فعل ۽ مفعول جملي ۾ انگريزيءَ وانگر ٿا لکون يا ڪتب آڻيون ته پوءِ اهو ٻوليءَ کي هٿ سان بگاڙڻ ٿيندو. قدرتي طرح ٻين ٻولين جي آيل لفظن ۽ پوندڙ اثرن کي اسان قبول ٿا ڪريون، باقي هترادو پيدا ڪيل بگاڙي کي آئون قبول نٿو ڪريان ڇوته ان کي عام ماڻهو قبول نه ٿو ڪري.

**س: توهان سنڌي اخبارن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي ٻوليءَ جو بگاڙ ٿا سمجهو يا سڌارو؟**

ج: اخبارون اسان جي سماج جو اظهار آهن. اخبارون پنهنجا لفظ گهڙين ڪو نه ٿيون، پر انهن ۾ اهي ئي ماڻهو لکن ٿا، جيڪي سماج تي پوندڙ مختلف اثرن بابت پلي پت پروڙ رکن ٿا. اهي ماڻهو پنهنجي شعور ۽ سمجهه موجب لفظن جو استعمال ڪن ٿا ۽ اهي لفظ روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال هجڻ ڪري انهن جو اخبار تي اثر ضرور پوي

ٿو. اتفاق سان جيڪڏهن ائين ٿي پوي ته سنڌ ۾ ٻيون ٻوليون نه هجن ۽ سنڌي ٻولي ٻي ڪنهن ٻوليءَ سان رابطي ۾ نه هجي ته پوءِ نج سنڌي ٻولي استعمال هيٺ اچي سگهي ٿي. پر اهو ممڪن نظر نٿو اچي، ڇوته سنڌيءَ سان اردو، پنجابي، بلوچي، پشتو ۽ انگريزي ڳالهائيندڙ لاڳاپي ۾ آهن. انگريزي سنڌي جيڪا ٻولي لکندو، ان تي سڀني ٻولين جا اثر هوندا ۽ هئڻ به کپن. اهو قدرتي عمل آهي ۽ فطرت آڏو بند ٻڌڻ نه رڳو ٻوليءَ جي خلاف آهي، پر ان کي موت ڏانهن وٺي ويندو. اها ٻوليءَ جي ترقي آهي، ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جا لفظ اچڻ، ان جي ترقي آهي. توهان رڳو عربيءَ جو ڪٿي مثال وٺو ته قرآن شريف ۾ لکيل عربي ۽ اڄوڪي استعمال ٿيندڙ عربيءَ ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي، اها عربي ڪلاسڪ عربي ليکجي ٿي، اسان جا دانشور به جيڪڏهن اهو ٿا چاهين ته هينئر شاهه صاحب واري سنڌي استعمال ڪئي وڃي ته اهي يقينن ٻوليءَ کي پوئتي ڌڪڻ ٿا گهرن. اهو ائين آهي جيئن موهن جي دڙي مان پنج هزار سال اڳ مليل ڏاند گاڏيءَ کي استعمال ڪندي اڄ به اسان پاڻ لاءِ وڏي فخر جي ڳالهه سمجهون، حالانڪه اها ڪا فخر جي ڳالهه ڪانهي. اڄ ڪلهه انگريز شيڪسپيئر واري ٻولي ڪو نه ٿا ڳالهائين، پر انکي ٻي يعني اڄ ڪلهه واپرائجندڙ ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري ماڻهن کي پڙهايو ٿو وڃي. انگريزي ڪلاسيڪل انگريزي، عربي ۽ سنڌي هڪ شيءِ آهي ۽ ماڊرن انگريزي، عربي ۽ سنڌي ٻي شيءِ ٿيندي.

**س: دنيا ۾ Language communication جي حوالي سان تمام گهڻو ڪم پيو ٿئي، اوهان وٽ اهڙيون ڪي رٿائون آهن جن ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي دنيا سان تکڙي رابطي جو ذريعو بڻائجي؟**

ج: اسان جيڪڏهن اهو ٿا چاهيون ته سنڌي ڳالهائي، دنيا سان رابطي ۾ اچون ته ان جا به ڪجهه طريقا رائج ٿيا آهن. مثال طور آءِ بي ايم آهي. آئون جيڪڏهن آءِ بي ايم ۾ ڪا شيءِ لکان ٿو ته ان صورتخطي يا

الفابيٽ کي سمجهندڙ ماڻهو سولائيءَ سان پڙهي ويندو، پر سڀ ماڻهو نہ ان کي نہ سمجهي سگهندا. - International Phonetic Alphabet (I.P.A) عالمي صوتي آئيوٽا آهي، جنهن ۾ سنڌي بہ لکي سگهجي ٿي، تہ انگريزي بہ. پر اها آوازن تي ٻڌل آهي. آءِ پي اي استعمال ڪرڻ کان اڳ اسان کي آواز ٻڌائڻا پوندا، جيڪو سائنسي ۽ ڏکيو ڪم آهي. مان جڏهن انگلينڊ ۾ هئس تڏهن مونکي اتي خبر پئي تہ يورپ وارن ان حوالي سان هڪ نئون طريقو ايجاد ڪيو آهي. اولهہ يورپ ۾ سڀ ملڪ انگريزي ڪو نہ ڳالهائين. اوهان جرمني، بيلجيم يا اسپين وڃو، اتي عام ماڻهن کي انگريزيءَ جي خبر ئي ڪانهي. هاڻ هنن ٽيليفونڪ سسٽم شروع ڪيو آهي، جنهن ۾ توهان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو، ٻئي پاسي ماڻهو پنهنجي ٻولي ڳالهائيندو هجي، پر اهو آواز توهان تائين انگريزي ۾ ترجمو ٿي پهچندو، ان جا جواب انگريزي ۾ ئي هوندا. انهيءَ ٽيڪنيڪل سرشتي کي Linguistic Computational ذريعي اپنائي سگهجي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي ڪمپيوٽرائيزڊ لسانيات. انهيءَ منزل تائين پهچڻ لاءِ اسان کي ترقي ڪرڻي آهي. اسان وٽ تہ صورتحال اها آهي جو اسان ٻولي پڙهڻ ۽ لسانيات سمجهڻ لاءِ تيار ناهيون. Essex يونيورسٽي انگلينڊ ۾ Computational Linguistics تي عربي، فرينچ ۽ جرمن ٻولين جا ماڻهو تعليم وٺي رهيا آهن. پر مون پاڻ ۾ اهو ست نہ سمجهيو جو ٻي ڊگري انهيءَ علم ۾ ڪيان. پر جيڪر هينئر اسان جا نوجوان ان طرف ڌيان ڏين تہ آرام سان ايم اي لسانيات ۾ ڪري سگهن ٿا ۽ اها سنڌي زبان لاءِ ڪارائتي سند ثابت ٿيندي. اسان جيستائين انگريزيءَ سان پهچون تيستائين پاڪستان ۽ هندستان جي علائقائي ٻولين سان اهڙي قسم جو رابطو ڪري سگهجي ٿو. اهڙو طريقو برطانيا ۽ فرانس کي ملائيندڙ سرنگهہ (Tunnel) لاءِ استعمال ڪيو ويندو. جيڪو سسٽم هن سال جي آخر تائين فرانس ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ شروع ٿي ويندو، ان ۾ فرينچ واري کي فرينچ ۾ جواب

ملندو ۽ انگريزيءَ واري کي انگريزيءَ ۾.

**س: ڊاڪٽر صاحب لسانيات ۾ اهڙي تيز Communica-tion واري مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ نوجوان ڪيئن اڳتي وڌي سگهن ٿا. تعليمي ڪيريئر جي حوالي سان ڪجهه ٻڌايو؟**

ج: ادا، بلڪل آئون ته چاهيندس ته نوجوانن جي ڪا رهنمائي ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ ٽيهن سالن کان گهٽ عمر وارا اهڙا نوجوان جن بي اي (B.A) سٺين مارڪن ۾ پاس ڪئي هجي ۽ انگريزيءَ ۾ ڀڙ هجن. جي انگريزيءَ ۾ ڀڙ نه هجن ته انگريزيءَ جا ڪورس ڪن ۽ سنڌ سرڪار کي کپي ته اها پنهنجي قائدن قانونن تي عمل ڪندي هر سال پنجن کان ڏهن نوجوانن کي انهيءَ ڪم لاءِ اماڻي ته اهي Computational Linguistics, Sciolinguistics, Language Planning, Linguistics & Philology ۾ ٽريننگ حاصل ڪن ۽ اهو سلسلو جيڪڏهن هلي پوي ۽ اسانکي فقط اهڙا ٽيهه ماڻهو به تيار ٿيل ملي پون ته اسان سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل نهراءَ موجب سنڌي زبان کي دفتري ٻولي طور رائج ڪري سگهون ٿا. انهيءَ نهراءَ تي عمل ڪرائڻ لاءِ ئي سنڌ سرڪار، سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جو قيام عمل ۾ آندو آهي. پر Positive Attitude ۽ اڳتي جي ترقيءَ کي نظر ۾ رکي اسان اهي قدم نه پيا کڻون. ان لاءِ سرڪار هر سال پنج ماڻهو موڪلي سگهي ٿي. جوته انهن تي ٽيهه لک به خرچ ڪو نه ٿو اچي. اهي ماڻهو جڏهن سکيا وٺي موٽي ايندا ته اسان نئين ٽيڪنالاجي Implement ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هونداسين. حڪومتون هميشه قانون ناهينديون آهن ۽ واسطيدار ماڻهو ان تي عمل ڪرائيندا آهن. سنڌ سرڪار اهو قانون پاس ڪيو ته سنڌي ٻولي صوبي جي سرڪاري زبان آهي، هاڻ عالمن جو ڪم آهي ته اهي ان کي ان سطح تي پهچائين. هاڻ اهو به سرڪار جو ڪم آهي ته اها اهڙا عالم

پئدا ڪرڻ لاءِ سوچي، سيڙپ ڪري ۽ همت پريا قدم کڻي.

**س: لسانيات جي ماهر جي حيثيت ۾ اوهانجي نظر ۾ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي ڪم جو دائره ڪار ڇا آهي؟ ۽ ڇا اها پنهنجا فرض صحيح نموني اد اڪري رهي آهي؟**

ج: ادا، آئون ان سلسلي ۾ کليل طور ڳالهائيندس، پوءِ ڀلي ڪٿي دوست ناراض ٿين. مان اٿارٽي ۽ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ سنڌ جي نوجوان اديبن کي سلام ٿو ڪريان. جو اهي اهڙن اهم نوعيت جي معاملن تي سنجيدگيءَ سان ويچارڻ سان گڏ، تعميري بحث ڪندا رهن ٿا. ٻوليءَ جو مسئلو نهايت اهم آهي. ٻولي رڳو Communication جو ذريعو ڪونهي. ٻولي سڃاڻپ جو ذريعو به آهي ۽ ان جي ڪري ئي اسان جون اقتصادي حالتون نهن ٿيون. لينگويج اٿارٽيءَ جو ڪم آهي ته اها سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل قانون تي عمل ڪرائي. اٿارٽيءَ کي اهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن جيئن سنڌي ٻولي سرڪاري ٻولي ٿي سگهي ۽ اسيمبلي جو پاس ڪيل قانون عمل ۾ اچي سگهي. 1948ع کان پاڪستان ۾ اردو قومي ٻولي آهي، ان لاءِ هڪ عرصو مقرر ٿيو ته هن وقت کان اها پاڪستان جي لکپڙهه جي ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي. 1956ع ۾ بنگال جي جدوجهد ۽ ٻين حالتن سبب اردو ۽ بنگالي ٻنهي کي قومي ٻولين جي حيثيت ڏني وئي ۽ رٿا بندي اها ڪئي وئي ته ايندڙ ڏهن سالن تائين اردوءَ کي ايترو اڳتي وٺي اچجي جو اها انگريزيءَ جي جاءِ والاري. پر ائين نه ٿي سگهيو ۽ پاڪستان ۾ انگريزي اڃا به استعمال هيٺ آهي. 1973ع جي آئين ۾ وري ٻيا پندرهن سال مقرر ڪيا ويا، جنهن ۾ اردوءَ کي انگريزي جي سطح تائين ترقي ڏيارڻ جو عهد ڪيو ويو، پر پوءِ به انگريزيءَ جي جاءِ نه والاري سگهي. هاڻ اهو ڏوهه قانون پاس ڪرڻ وارن جو ڪونهي. اصل ڳالهه اها آهي ته ان قانون جي روشنيءَ ۾ اٿارٽيون ڪم ڪن. مان ته اهو ٿو سمجهان ته انهن اٿارٽين تي موجود ماڻهن کي اها خبر ئي ڪانهي ته ڪين ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي. اسان

وٽ روبنيو ۽ تعليم ڪاتي جي اڳواڻ ٿي سنڌيءَ ۾ لکپڙهه موجود آهي. پر هاڻ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان سچائيءَ سان ان تي عمل ڪرايون. بيو ته نهيو سنڌ يونيورسٽيءَ جو 1972ع ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيل اهي ته، يونيورسٽيءَ جي سرڪاري ٻولي سنڌي هوندي. ان ڏينهن کان وٺي يونيورسٽي، ۾ لکپڙهه سنڌيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي ها. ان جي شروعات غلام مصطفيٰ شاهه واري زماني ۾ ٿي هئي، پر ٿوري وقت کان پوءِ ان کي وساري ڇڏيائون. هاڻي اهو ڪم لينگويج اٿارٽيءَ جو آهي. اها ڪانئن پڇاڻو ڪري ته ڪهڙي تڪليف آهي، جو اهي لکپڙهه سنڌيءَ ۾ نٿا ڪن جيڪڏهن ڪا تڪيلف هجي ته ان کي اٿارٽي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

سنڌيءَ ۾ ڪمپيوٽر جي استعمال جو تيزيءَ سان رجحان وڌيو آهي. اٿارٽيءَ کي گهرجي ته ڪمپيوٽر ۾ پڙ ماڻهن کي مختلف ادارن ۾ رکرائي، ڪانئن ٻوليءَ جي استعمال جو ڪم وٺي، ان سان ڪم به ٿيندو ۽ وقت به بچندو، باقي ڪتابن جي ڇپائي لاءِ پيا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا به آهن، ان ڪري ڪتاب ڇپائڻ اٿارٽيءَ جو ڪم ڪونهي. سٺا ڪتاب ڇپائڻ گهرجن، پر ان لاءِ جديد تحقيق ۽ نون ماهرن جي گهرج آهي. هن وقت جيڪڏهن سر جارج گريئرسن جي 1919ع ۾ ڪيل سروي کي ڇپائجي ۽ پراڻا ريفرنس ڏجن ته اهي ايترا ڪارائتا نه ٿيندا جو ڪميونيڪيشن تيز آهي، لهجن ۽ محاورن جون حدون مٽجي چڪيون آهن. اڄ به اترادي ۽ لاڙ جي ماڻهوءَ جي لهجي ۾ فرق آهي ته 1919ع ۽ 1994ع جي ماڻهوءَ جي لهجي ۾ ڪيترو فرق هوندو ان ڪري نئين سر سروي ڪرائڻ جي ضرورت آهي. اٿارٽيءَ کي گهرجي ته لهجن ۽ لسانيات جي نئين ترتيب سان سروي ڪرائي. پر مان سمجهان ٿو ته اٿارٽيءَ ۾ موجود ماڻهن کي ان سلسلي جي ڪا خبر ڪانهي.

**س: اوهان وٽ اٿارٽيءَ جي معاملن کي بهتر نموني هلائڻ ۽**

چيئرمين ۽ سيڪريٽري سان ڪچهري بہ ٿي انهن چيو تہ توهان ڪان ڪم وٺندا سين، ان ڪان پوءِ مون وٽ اٿارٽيءَ طرفان صلاحون ڏيڻ لاءِ خط آيو. مون ان سلسلي ۾ ڪين مختصر جواب ڏئي ڇڏيو ۽ ٻڌايو تہ مان لسانيات تي سماجي حوالي سان بنيادي ڪم ڪرڻ ٿو گهران. جيئن سماجي لسانيات تي سنڌيءَ ۾ هڪڙو ڪتاب اچي سگهي. جنهن ۾ ٻولي جي رٿا بندي ۽ ٻين معاملن بابت بحث ٿيل هجي. منهنجو ڪم practical نـاهـي پـر Theoretical آهي تہ هيئن هيئن ڪرڻ گهرجي ۽ هيئن ٿيڻ گهرجي. ان جي جواب ۾ اٿارٽي وارن لکيو تہ اسان کي خوشي ٿي آهي، توهان اهو ڪتاب لکي ڏيو. پهرين اسان قاعدن قانونن موجب ماهرن جي ڪميٽيءَ آڏو رکنداسين، جيڪڏهن انهن منظور ڪيو تہ پوءِ ڇپائينداسين. مونکي اهو جواب مثبت نہ لڳو. منهنجو خيال هو تہ اهي مونکي Assignment ڏين ۽ پنهنجو ذمو ڪري ڪٺن تہ انهن لاءِ ڪم ڪريان.

**س: ٻوليءَ جي ماهر ۽ دانشور سراج صاحب جو خيال آهي تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ماءُ آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ انکي سامي سٽ جي ٻولين ۾ شامل ڪري ٿو، اوهان پنهنجي مطالعي جي روشنيءَ ۾ سنڌي عالمن جي انهن راين جي ڪيئن ڇند ڇاڻ ڪندا؟**

ج: اهو موضوع Philology جو آهي، انهيءَ علم جا بہ ڪورس ٿيندا آهن. ان ۾ پي ايچ ڊي بہ ٿيندي آهي. انهيءَ علم جا ماهر ٻولين جا خاندان مقرر ڪندا آهن. ٻين حوالن ڪانسواءِ اهي جاگرافيءَ جي پاسي کان بہ ڏسندا آهن. حدون مقرر ڪندا آهن تہ ڪهڙي ٻولي ڪٿي ۽ ڪنهن سان لاڳاپي ۾ آهي، پوءِ انهن جا خاندان ٺهندا آهن. انسائيڪلو پيڊيا ۾ سڄي دنيا جي ٻولين جا خاندان طئي ٿيل آهن. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي North Western انڊو آرين ڪري ليکيو ويو آهي. اهو انڪري جو ان وقت هندستان سان اسان گڏ هئاسون. سراج صاحب يا ٻين جون ڳالهيون رڳو اسان تائين محدود آهن، ٻاهر اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي. دنيا جي ٻين ٻولين جا Philologist بہ ان سلسلي ۾ ڪم ڪن پيا پر انهن اجا ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي. آئون

Philology ۾ ڪا دلچسپي نه رکان. منهنجو ڪم اهو آهي ته هينئر سنڌي ٻولي ڇا آهي؟ اڳتي ڇا ٿيندي؟ منهنجو ذاتي خيال آهي ته سنڌي ٻولي ايتري ئي پراڻي آهي، جيترا هتان جا ماڻهو. اڳاٽي زماني ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي سا هاڻي ناهي. هزار سالن کان اڳ واري سنڌي ٻوليءَ کي هينئر محفوظ نه ٿو ڪري سگهجي. ڇو ته اهي آواز محفوظ رهيا ئي ڪونهن. منهنجي Study ماڻهن جي آوازن تي ٻڌل آهي. ماڻهو ڪيئن ٿا ڳالهائين ۽ ڳالهائڻ وقت انهن جو Social Context ڪهڙو آهي؟ چوڻ ڇا ٿو چاهي، ڪري ڇا ٿو؟ منهنجو هن دور ۾ ڳالهائجندڙ ۽ استعمال ۾ ايندڙ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪم آهي. جنهن بابت آئون اهو ٻڌائي سگهان ٿو ته اها ٻولي مستقبل ۾ اسان کي ڪهڙي پاسي وٺي ويندي. منهنجي ويچارن کي في الحال مفروضو به چئي سگهجي ٿو، ڇو ته ان جي ڪٿ اڳتي هلي محقق ڪندا. سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت وڏواڻيءَ جو مضمون Origin of Sindhi يا ٻين ڪجهه مضمونن جو مطالعو ڪيو وڃي ته ان مان به ڳالهه واضح ٿي سگهي ٿي. ان مضمون ۾ سراج، ڀيرو مل، ٽرمپ، ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر الانا، علي نواز جتوئي ۽ ٻين جي ٿيورين کي بحث هيٺ آڻي آخر ۾ پنهنجي راءِ ڏني وئي آهي. ذاتي طرح آئون هن وقت ان علمي حيثيت ۾ نه آهيان، جو ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڪا آخري، علمي ۽ سائنسي راءِ ڏئي سگهان.

**س: موهن جي دڙي جي ٻولي هينئر تائين ڪير به نه پڙهي سگهيو آهي، ان بابت اوهان جو ڇا خيال آهي ته ان کي ڪيئن ٿو پڙهي سگهجي؟**

ج: مونکي انهيءَ سلسلي ۾ گهڻي خبر ڪانهي. جيڪي ڪجهه ڇپيو آهي اهو نظر مان گذريو آهي. ان بابت فنليند ۾ ڪم ٿئي پيو. موهن جي دڙي جي اسڪرپٽ تي اسڪوپرپولا به ڪم ڪري پيو. پرپولا سنڌ جي دانشورن ۾ تمام گهڻو مشهور آهي، جڏهن ته فن ليند ۾ هو ايترو مشهور ڪونهي. هو پاڻ دعويٰ ڪندو آهي ته مون موهن جي دڙي جي ٻولي، جا ڪجهه لفظ پڙهيا آهن. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته ڪو سنڌي ڄاڻندڙ ماڻهو ساڻس ڪجهه سال گڏ ويهي ڪم ڪري ته ٿيءَ شايد

ڪي نتيجا نڪري سگهن. هاڻ علمي ڏڪن جي ضرورت ڪانهي. انڪري ڪو سنڌي ماڻهو ان ڪم لاءِ تيار ٿئي ۽ ٽريننگ وٺي اچي ته ان جا بهتر نتيجا نڪرندا.

**س: اوهان سنڌ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن جي ڪارڪردگي مان مطمئن آهيو؟**

ج: ادا. ادارن ۾ سڀ ماڻهو نوڪرين لاءِ وينا آهن ۽ انهن طئه ڪري ڇڏيو آهي ته ڪين صرف نوڪريون ڪرڻيون آهن. انهن کي علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ ۾ ڪا به دلچسپي ڪانهي. هي فقط پنهنجون نوڪريون بچائڻ لاءِ ڪتاب وغيره ڇپائي اڳتي ٿا ڏيکارين ۽ ٻيا وري انهن کي ڪيرائي پاڻ اچڻ ٿا چاهين. سچا معاملا سفارش ۽ دوست نوازي تي هلي رهيا آهن. آئون ذاتي طرح سان انهن ادارن مان ڏاڍو بدظن ۽ مايوس آهيان. علم جي معاملي ۾ سفارش ۽ دوستيءَ سبب نااهل ماڻهن ۽ غير معياري ڪم تي به پي ايڇ ڊي جي ڊگري سولائيءَ سان مليو ٿي وڃي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ علم ۽ ادب جو معيار نه وڌي سگهيو آهي. انهيءَ حد تائين جو اسان اردوءَ جي ڀيٽ ۾ به گهڻو پوئتي آهيون. اسان وٽ تحقيقي ڪم تمام گهٽ ٿو ٿئي. جنهن جو معيار به سٺو ناهي.

**س: سنڌ جي تعليمي ادارن (پرائمري ۽ سيڪنڊري) ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي معيار الفابيٽ بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟**

ج: جڏهن اسان جي الفابيٽ ناهي پئي وئي، ان وقت انگريز ، سنڌي مسلمان ۽ هندو ان ۾ شامل هئا. سنڌي مسلمان عربيءَ کان گهڻو متاثر هئا ۽ هندو وري سنسڪرت ۽ هنديءَ جي آوازن کان متاثر هئا. جيئن ظ - ذ- ز جا اکر آهن. انهن جو صحيح اچار عربي ڄاڻڻ وارو ماڻهو ئي اچاري سگهي ٿو، ٻيو نٿو اچاري سگهي. عام سنڌي ماڻهوءَ سان به اهائي ويڌن آهي. اهڙو عذاب ث - ص - س جي اُچارن ۾ به آهي. اڄ اهي آواز گڏجي ويا آهن. ماضيءَ ۾ عربيءَ تي دسترس رکڻ سبب انهن کي الڳ الڳ نموني اچاريو ويندو هو، اڄ اهو اثر ختم ٿي چڪو آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته هڪ جهڙن آوازن وارا اکر گهٽايا وڃن. ان سلسلي ۾ اهو به چوندس ته نئين الفابيٽ تشڪيل ڏني وڃي

# ٻوليءَ تعليم بابت عملي رٿابندي

هيءَ گفتگو يا خيالن جي ڏي وٺ روزانه "برسات" ڪراچيءَ جي ايڊيٽر بدر ابڙي سان سنڌس آفيس ۾ ٿي، جيڪا هن ٻاڻ رڪارڊ ڪئي، لکي ۽ 13-فيبروري 1995ع جي روزانه برسات ۾ ڇاپي.

[اڄ ڪلهه سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج تي وڏو بحث هلي رهيو آهي، هر سڄڻ وٽ پنهنجي راءِ ۽ پنهنجي تجويز آهي ته سنڌي ٻولي ۽ قوم کي ڪهڙي طرح اڳتي آڻجي، جو اها ايڪيهين صديءَ ۾ پير پائڻ کان اڳ ڄاڻ جي هر شعبي ۾ ايترو پرائي چڪي هجي، جو ان کي "پوئٽي پيل" نه چئي سگهجي. جيئن ته علم جو بنياد ٻوليءَ تي آهي ۽ سنڌي ٻولي پنهنجي سموري عظمت ۽ قدامت جي باوجود جديد علمي ذخيري کان خالي آهي، تنهن ڪري سنڌي سماج جا ڏاها ان ڳڻتيءَ ۾ آهن ته هاڻي ڇا ڪجي؟

تازو وزير اعظم جي هدايت تي سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه تعليم کاتي کي حڪم ڏنا آهن ته پرائمري سطح کان ئي انگريزيءَ جي تعليم ڏني وڃي، جڏهن ته هن کان اڳ سيڪنڊري سطح کان انگريزي پڙهائڻ جو رواج آهي. حڪومت جو خيال ائين ڏسجي ٿو ته جيڪڏهن هن تعليمي سال کان ٻارن کي پرائمري سطح کان انگريزي پڙهائي وڃي ته ايندڙ پندرهن سالن ۾ هر گريجوئيٽ نوجوان انگريزيءَ ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جي لياقت رکندو، يعني وڏ ۾ وڏ 2010ع تائين سنڌ ۾ انگريزيءَ ۾ جمع ٿيل سمورو علم سنڌ جي گريجوئيٽن لاءِ کليل چڪو هوندو.

ڇا ائين واقعي ممڪن آهي؟ ڇا اها ڪا خوش فهمي آهي؟ ڇا ان

روڪيون، توهان جو سڄو نئون نسل اردوءَ مان ٽڪرو اثر وٺندو. چاڪاڻ تہ سنڌي ٻولي اردو مان ۽ انجي معرفت ٻين ٻولين مان لفظي خزانو حاصل پئي ڪري.

ان اثر اندازيءَ کي شعوري طرح روڪڻ گهرجي يا نہ؟ ڇا ان وهنوار کي ڇڏي ڏجي تہ پلي وڃي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي؟ ڊاڪٽر قاسم جي خيال ۾ "وهندڙ پاڻيءَ تي ڪيستائين بند ٻڌي سگهجي ٿو؟ پاڻي تہ وهندو رهي ٿو، سو هڪ ڏينهن بند بہ پيچي وڃهندو، هن جو جوڙ آهي تہ جيستائين سماجي حالتون تبديل نہ ٿينديون، تيستائين اهو سلسلو هلندو رهندو."

هتي سماجي حالتن مان هن جي مراد سرڪاري پاليسي آهي، هن وقت پاڪستان ٽي ويءَ تان 8- ڪلاڪ اردو ڳالهائي وڃي ٿي ۽ سنڌيءَ کي فقط 25 منٽ ڏنا وڃن ٿا، پر جيڪڏهن اهو چرخو ابتو ڦري تہ اردوءَ جي اثر اندازي گهٽجي ويندي، سنڌي ٻوليءَ جو وڌ ۾ وڌ واهپو ٿيندو، ميڊيا تان ٽيلي ڪاسٽ ۽ نشر ٿيڻ سان ماڻهن جا ڪن سنڌيءَ جا آواز ٻڌندا ۽ ان جو اثر وٺندا، باقي گهٽو لکڻ سان گهٽو فرق نٿو پوي.

سماج ۾ دانشورن جو هڪ اهڙو طبقو ضرور موجود هوندو آهي، جيڪو پيورسٽ (Purist) هوندو آهي ۽ ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦير ڦار جي خلاف ڪم ڪندو رهندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ سنڌيءَ جي هاٿوڪي صورتخطي کي بہ رنڊڪ سمجهيو وڃي ٿو، ڪي حلقا خاص ڪري ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي سان تعلق رکندڙ ماهر سمجهن ٿا تہ سنڌيءَ ۾ فاسٽ سافٽ ويئرن جي تياري ۽ آئوٽ پٽ (Out put) ۾ تيزيءَ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌيءَ کي رومن صورتخطيءَ ۾ آڻجي، ڇاڪاڻ تہ هاٿوڪي صورتخطيءَ ۾ نہ رڳو ور وڪڙ گهڻا آهن، پر هڪ آواز جا بہ بہ ٽي ٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان کان بہ وڌيڪ متبادل آهن.

ان خيال جي ابتڙ پي ڏر سنڌيءَ جي هاٿوڪي صورتخطي کي بہ

# سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ۽ اسان جون ذميواريون

هي ليڪچر 17 مئي 1995ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ سنڌ اسڪول آف سوشل سائنس طرفان منعقد ڪيو ويو. جيڪو ماهوار "سنڌجاڳ" ڪراچي جي جولاءِ 1995ع، روزانه "عوامي آواز" ڪراچي جولاءِ 1995ع ۽ روزانه برسات ڪراچي آڪٽوبر 1995ع ۾ شايع ٿيو. (هي ليڪچر ايڪسٽيمپور ڏنو ويو. جيڪو سمورو سنڌي ٻوليءَ ٻين ٻولين جي ڪتابن جي مطالعي تي آڌاريل آهي. ليڪچر هجڻ ڪري هتي ڪي به حوالا ڪو نه ڏنا ويا آهن.

چين جي هڪ اهم ۽ وڏي فيلسوف ڪنفيوشس جو چوڻ آهي ته انسان ٻار جي روپ ۾ جڏهن هن دنيا ۾ ايندو آهي، تڏهن سندس دماغ وارو پنو بلڪل خالي هوندو آهي. هڪ ڪوري ڪاغذ وانگر گهر کان نڪري جڏهن ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول ويندو آهي تڏهن ان اسڪول جي استاد جي تعليم سندس دماغ جي ڪاغذ جي چوٿين حصي کي ڀريندي آهي. پرائمري تعليم پوري ڪري سيڪنڊري ۾ داخل ٿيندو آهي ته اتي سندس دماغ جي ٽئين حصي کي ڀريو ويندو آهي. سندس دماغ جو ٻيو حصو وري ڪاليج واري دور ۾ لکجي ويندو آهي. جڏهن ته آخري حصو وري ڪاليج ۽ يونيورسٽي تائين پهچڻ واري زماني ۾ سماجي حالتون ۽ سماجي اثر ڀر ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح اهو نوجوان جڏهن يونيورسٽي پهچندو آهي ته يونيورسٽي جي استاد لاءِ سندس دماغ جو ڪو به حصو ميسر ڪو نه هوندو آهي. جو يونيورسٽيءَ جو استاد ڪا نئين شئي. ڪو نئون علم لکي سگهي، يعني هو پنهنجو رستو.

چونڊ ڪرڻ ۾ سنڌن اڳيان سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کان علاوه ميرن جي حڪومت جي ناڪامي ۽ عوام جي سات نہ ڏيڻ جا سبب بہ هئا. جڏهن تہ پنجاب تي قبضي وقت اتي رائج فارسيءَ بدران پنجاب جي مقامي ۽ فطري زبان پنجابي نہ ٻر هندستاني رائج ڪئي ۽ زرو ونرايو.

بهرحال سنڌيءَ کي سرڪاري ۽ علمي زبان جي حيثيت ملڻ ڪانپوءِ هڪ طرف ڪيترن انگريز ۽ مقامي عالمن، ان ۾ مهارت حاصل ڪري نون علمن بابت ڪتاب لکيا ۽ اهم ڪتابن جا ٻين ٻولين جهڙوڪ هندي، انگريزي، فارسي ۽ بنگالي وغيره مان ترجما ڪري رهيا هئا. تہ ٻئي طرف هڪ چڱي گهڻائي ماڻهن جي وري ڪيترن ئي مذهبي، سياسي، سماجي ۽ معاشي سببن ڪري عربي، فارسيءَ کان علاوه انگريزي ۽ هندستانيءَ ۾ لکپڙهہ ۽ تعليم جاري رکندي آئي. توڙي جو انگريزن جي سئو سالہ حڪومتي دور ۾ سنڌي سرڪاري ٻولي ۽ ذريعي تعليم رهي پر تعليم يافتہ ۽ مان مرتبي وارو ان کي سمجهيو ويندو هو، جيڪو انگريزيءَ کان علاوه فارسيءَ ۾ بہ پڙهي، هونئن بہ انگريزن جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ تعليم لازمي ڪو نہ هئي. سنڌي لازمي تہ گهڻو پوءِ بمبئيءَ کان آزاديءَ ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد جي وزارتي (تعليم) دور ۾ ٿي.

اهڙن روين جون شاهديون ان مان بہ ملن ٿيون جو ان دور جي سياستدانن توڙي عالمن جي اڪثريت هڪبئي ڏانهن پنهنجي روزمره جي خط ڪتابت انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ ڪندي هئي. ان موضوع جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ سان معلوم ٿيندو تہ سنڌين جي هڪ خاص طبقي ۾ ڌارين ٻولين لاءِ هميشہ چاهہ پئي رهيو آهي. ان فوقيت ڏيڻ واري رويي ئي هن ڌرتيءَ تي هميشہ ڌارين ٻولين کي مٿانهين ۽ اقتداري، درٻاري ۽ سرڪاري حيثيت ڏياري آهي، جو جڏهن ٻولي ڳالهائيندڙن جو رويو ئي پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن اهميت ڏيڻ وارو نہ هوندو تہ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ آباديون ڪڏهن بہ ان ٻوليءَ ڏانهن پنهنجا رويا ۽ ويچار درست نہ ڪنديون، اهڙن ئي ڪيترن سببن ڪري سماج ۾

ڊڀائن جي ڪري ٿيندي آهي. اهڙي منتقليءَ جي رفتار جو مدار انهن ڊڀائن جي ليول تي آهي. بهرحال ٻوليءَ جي منتقلي ۽ ٻوليءَ جي قتل ڪري ٿي ڪنهن ٻوليءَ جو موت ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جا مڙئي ڳالهائيندڙ انهن ساڳين ۽ هڪ جيتري ليول جي ڊڀائن هيٺ آهن ته انهن جي ٻولي يقيناً موت واري مرحلي ڏانهن وڌي رهي آهي. اهڙي طرح اها ٻولي ڌرتيءَ تان ئي غائب ٿي ويندي. الباني يونان ۽ سنڌي ڀارت ۾ انهن ڊپاءَ وارن مرحلن مان گذري رهيون آهن پر اهو ٻوليءَ جو مڪمل موت نه آهي. جو الباني، البانيا ۽ يوگو سلاويا ۾ نهايت سهڪاري حيثيت ۾ آهي، جڏهن ته سنڌي سنڌ ۾ به ترقيءَ جا مختلف مرحلا طئه ڪري رهي آهي ۽ ڪيس ڪو به تڪڙو خطرو نه ڪو آهي.

سنڌ جي تاريخي سماجي لسانياتي صورتحال اسان اڳ بيان ڪري چڪا آهيون، هاڻي پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جي صورتحال ۽ ٻوليءَ ڏانهن سنڌي ماڻهن جي رويي جو معروضي حالتن سان ڀيٽي جائزو وٺنداسين، پاڪستان ٺهڻ سان جيڪي ابتدائي ڏکيائيون پيش آيون. انهن ۾ آبادي جي لڏ پلاڻ، سياسي ۽ اقتصادي استحڪام کان علاوه ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري لکپڙهه جي ٻوليءَ جو مسئلو به اهم هو. ٻولي جي اهميت کان ناواقف ۽ لسانياتي مسئلن کان بي خبر سياستدان ڪنهن علمي ۽ عملي فيصلي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا. جذباتي ۽ وقتي فيصلا ڪندي ماڻهن جي مقامي ۽ قومي ٻولين جي اهميت کي وساري غير علمي دليل ڏيئي اردوءَ کي قومي ٻولي طور پاڪستان جي عوام تي مڙهيو.

اردوءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ وقت سياستدانن اهو سوچيو ته جيئن ته هي هڪ ملڪ آهي، هڪ ئي مذهب وارن جي اڪثريت آهي، تنهنڪري هڪ ئي قومي ٻولي به هئڻ گهرجي، جنهن سان سياسي استحڪام ۽ قومي ٻڌيءَ جو بنياد پوندو. ان حقيقت کي وساري ويئي ته اردو پاڪستان ۾ شامل مڙني علائقن مان ڪنهن به هڪ جي ماڻهن

جي مادري يا فطري زبان ڪو نہ آهي. جڏهن مقامي ماڻهو ٻوليءَ جي حوالي سان پاڻ سان اقتصادي، سماجي ۽ سياسي نا انصافيون ٿيندي ڏسندا، تڏهن سڀ کان اول اردو ٻوليءَ جي خلاف آواز اٿاريندا ۽ دنيا ڏٺو تہ ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ٻوليءَ جي ناانصافيءَ کان شروع ٿيل تحريڪ جي نتيجي ۾ پاڪستان جو هڪ وڏو حصو پاڪستان کان ڌار ٿي الڳ ملڪ بنگلا ديش جو روپ اختيار ڪري چڪو.

بهرحال ٻوليءَ بابت اهڙي فيصلي مقامي آباديءَ جي هڪ باشعور ۽ اڳتي ڏسندڙن جي هڪ حلقي ۾ بي چينيءَ بي اطمينانيءَ پيدا ڪئي، جنهن جو اظهار انهن مختلف ذريعن يعني ڪتاب لکي ۽ پريس ۾ بيان ڏئي ڪيو. سنڌي سماج ۾ جتي هڪ طرف ان فيصلي بابت آواز اٿيا، اتي هڪ مضبوط ۽ اثر واري طبقي وري روايتي رويي جو مظاهرو ڪندي ڌاري ٻوليءَ لاءِ پنهنجن دلين، سينن ۽ ذهنن جا دروازا کولي ڇڏيا. اقتصادي مفادن جي قطار ۾ بيهڻ ۽ ڪجهہ پلئہ پائڻ خاطر هنن نہ رڳو اهڙن فيصلن جي ڀليڪار ڪري پنهنجي ٻوليءَ جي اڳوڻي يعني انگريزن واري دور ۾ حاصل اهميت کان انڪار ڪيو، پر شهرن مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙڻ ۽ ڌاري ٻولي اردوءَ انگريزيءَ ۾ اهميت حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳا.

ان اثر رکندڙ ۽ خاص ڪري شهري طبقي جي ٻوليءَ ڏانهن رويي سنڌ جي عوام ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪئي ۽ ڌاري ٻولين ۾ پڙ نہ هجڻ کي پنهنجي گهٽتائي ۽ نااهليت سمجهڻ لڳا. نتيجي ۾ وڏن شهرن ڏانهن وڃڻ کان لنوائيندا رهيا، اهڙيءَ طرح مقابلي ۾ اچڻ لاءِ ڌاري ٻولي/ ٻوليون سندن لاءِ رڪاوٽ بڻيل رهيون، جنهن ڪري اقتصادي توڙي اقتداري ۽ سياسي ميدان ۾ بہ پوئتي پوندا رهيا. اهڙن سياسي ۽ سماجي دٻائن ڪري عملي طرح سمورا سنڌي عام طرح ۽ شهري ۽ تعليم يافتہ خاص طرح اردو ۽ سنڌيءَ جا ٻاءِ لنگوئل (Bilingual) ٿي چڪا آهن.

ٻئي طرف ٻوليءَ جي اهميت ۽ ٻوليءَ جي ڪري اقتصادي ۽ سياسي

مفادن تي نظر رکندڙ ماڻهو سنڌي ٻوليءَ کي حقيقي ۽ اصل حيثيت ڏيارڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندا رهيا. ان جدوجهد ۾ڪيترين جانيون بہ ضايع ٿيون ۽ صرف سنڌي هجڻ يا سنڌي ۾ ڳالهائڻ ڪري ڪيترن ماڻهن کي وڏن شهرن جي بازارن ۾ ماريو ويو. ان جدوجهد کي ڪاميابي تڏهن نصيب ٿي جڏهن مشرقي پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي معاملي ۾ ناانصافي ٿيڻ ڪري بنگلاديش جو آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ اچڻ واري معاملي جو جائزو ورتو ويو ۽ جمهوري حڪومت جي وجود ۾ اچڻ ڪري آئين ۾ صوبن کي پنهنجون ٻوليون اختيار ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. جنهن تحت سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان تسليم ڪندي رائج ڪيو ويو.

هن وقت چوڻ خاطر ۽ پارليامينٽ ۾ پاس ڪيل بل مطابق سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌي تہ آهي، پر عملن سنڌ جي ڪنهن بہ سرڪاري کاتي ۾ ان جوعمل دخل نظر ڪو نہ ٿو اچي. سرڪار ۽ سياستدان تہ اهو چئي خاموش ٿي ويا آهن تہ سنڌي سنڌ جي سرڪاري ٻولي آهي ۽ سندن جوابداري ايستائين هئي. اها بہ حقيقت آهي تہ سياستدان يا حڪمران پارليامينٽ يا قانون ذريعي ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪندا آهن. ان حيثيت مطابق عمل، عمل ڪرائڻ وارا ادارا ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ ۾ حيثيت مطابق اهليت نہ هوندي آهي تہ قانون مطابق ادارا جوڙي عالمن کي رٿا بندي ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي. ٻوليءَ جي حيثيت مطابق اهل بنائڻ لاءِ ادارو ٻوليءَ جي بل پاس ٿيڻ کان ويهہ سال پوءِ 1991ع ۾ قائم ٿيو. ان مان سنڌي ماڻهن توڙي عالمن جي بي حسي ۽ بي پرواهيءَ جو ٻيو کهڙو مثال آهي، پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن نا مناسب رويي بابت.

ٻئي طرف سموري پاڪستان لاءِ اردو قومي ۽ سرڪاري زبان آهي. جنهن لاءِ 1973ع جي آئين ۾ 15 سالن جي عرصو رکيل هو تہ ان عرصي اندر اردوءَ کي ان اهل بڻايو وڃي جو پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي ٿي سگهي، هينئر 15 کان ويهہ سال ٿي ويا آهن. اردو انگريزيءَ جي جاءِ نہ والاري سگهي آهي، اهڙيءَ طرح سموري پاڪستان جو عوام عام طرح ۽ سنڌ جو عوام خاص طرح ٻوليءَ بابت

مونجهاري جو شڪار آهي ته ڪيس ڪهڙي ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ پنهنجو ڪاروبار هلائڻ گهرجي، نتيجي طور پاڪستان جوعوام مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي ٻولين کان علاوه پنهنجي فطري ٻولين ۾ به مڪمل مهارت حاصل ڪري نه سگهيو آهي، جو وقت به وقت ٻولين جي اهميت ۽ حيثيت کي تبديل ڪيو ويو آهي.

جيتريقدر سنڌ ۾ سنڌيءَ جو تعلق آهي ته اها گهٽن ٽي خطرن ۾ گهيريل آهي. هڪ طرف عالمي ميڊيا جو تيزيءَ سان انگريزيءَ ۾ معلومات جو مهيا ڪرڻ، جيڪو هڪ طرفو آهي. يعني اسانجو ماڻهو معلومات حاصل (Receive) ته انگريزي ۾ ڪري ٿو پر موٽ (Respond) انگريزيءَ ۾ نٿو ڪري سگهي، جو ميڊيا صرف ڏيڻ جي حد تائين آهي ۽ اسان جو ان ۾ڪو به عمل دخل نه آهي. ٻئي طرف اردوءَ جو اثر، اردو جيڪا پنهنجو سمورو خزانو هندستاني اردوءَ مان حاصل ڪري ٿي ۽ هندستان جي فلمن، ريڊيو ۽ ٽي وي جي ذريعي اسان تائين پهچي ٿي. جنهنڪي اسان صرف حاصل ڪو نه ٿا ڪيون پر موٽ به ڏيون ٿا، جو اردوءَ جي ڳالهائڻ وارن سان اسان جو مضبوط رابطو آهي. جو اردوءَ کان علاوه ٻين ٻولين ڳالهائن وارن سان روزمره جي گفتگو ۾ڪتب آڻيون ٿا ۽ هن وقت سنڌ جو ڪو به اهڙو شهر ڪو نه آهي، جتي روزانه ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ غير ملڪي نه ايندا هجن جن سان رابطي جو واحد ذريعو اردو آهي. جيڪا پاڪستان ۽ هندستان کان علاوه ٻين ڪيترن ملڪن۾ هندستان جي مهاجرن جي ٻولي آهي ۽ انهن کي هن ملڪ۾ ايندي ڪا به ڏکيائي ڪو نه ٿي ٿئي، جو اردو سندن استقبال لاءِ موجود آهي.

مٿين ٻنهي حالتن کان علاوه مايوس ڪندڙ اها صورتحال آهي ته سنڌ جي عام ماڻهوءَ کان وٺي خاص مراعات يافته طبقي تائين ڪنهن جو به پنهنجي فطري ٻوليءَ ڏانهن رويو فخر وارو نه آهي، سنڌي سڏائڻ ۽ سنڌي سڏائي ڪجهه فائدا حاصل ڪرڻ جي حد تائين ته نيڪ، باقي جيڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ کي ٿوري به وڏي نوڪري يا آمدنيءَ ۾ واڌاري ڪرڻ جو ٿورو به موقعو ملي ٿو ته پنهنجن ٻارن جي پڙهائي جو انتظام اردوءِ انگريزي اسڪول ۾ڪري ٿو. پنهنجن قومي

مفادن جي خلاف ڪم ڪندڙ ۽ ۽ لکندڙ اردو ۽ انگريزي اخبارون پڙهي ٿو. اقتصادي مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪي سطح تي اهميت حاصل ڪرڻ ۽ ڪجهه ڪرڻ گهري ٿو. جتي ڪيس سنڌي ساٿ نه ٿي ڏئي سگهي.

سرڪاري پاليسي به ملڪ کي هڪ رکڻ لاءِ، اتحاد کي مضبوط رکڻ لاءِ هڪ ئي ٻولي واري پرچار تي زور ڏئي ٿي، جنهن جو فائدو يقينن سياستدانن ۽ واپارين کي ٿئي ٿو. جو هنن کي گهٽ محنت ۾ هر ٻوليءَ ۽ علائقي جي ماڻهوءَ تائين پنهنجو وکر سولائيءَ سان پهچائڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ۽ ان لاءِ هو اردو کي همٿائڻ واري پاليسي اختيار ڪري رهيا آهن، جيڪا ڪين فيور ڪري ٿي. باقي ملڪي ترقي، ماڻهن جا برابري وارا حق ۽ ٻولين ۽ ثقافتن جي خزاني ۾ واڌ ۽ ترقيءَ سان ڪين پري جو واسطو به نظر ڪو نه ٿو اچي.

مٿي پيش ڪيل سمورين حالتن جي باوجود، جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ٿي سگهي ٿي ۽ سنڌي ٻولي انهيءَ گهيري مان بچي سگهي ٿي ته اهو آهي سنڌي ٻوليءَ بابت قائم ڪيل ادارن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو ڪم، سنڌيءَ تي ۽ سنڌيءَ ۾ اهڙو ڪم جيڪو ڪيس مقابلي ۽ ميڊيا جي هن طوفان ۾ بچائي سگهي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ بابت روين ۾ تبديلي آڻڻ جو شعور پيدا ڪري سگهي.

آئون سمجهان ٿو ته منهنجن هنن ويچارن ڪانپوءِ اسان جي اڳيان اسان جون ذميواريون ۽ انهن ذميوارين کي پوري ڪرڻ جا طريقا ضرور ابري آيا هوندا. جيڪڏهن نه ته، آئون چاهيندس ته سوالن جوابن ذريعي اسان ان تي بحث ڪيون ته جيئن چنا ۽ سگهارا نتيجا ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون.

(هن ليڪچر ڪانپوءِ ٻوليءَ جي ترقي ۽ سنڌي ماڻهن جي ٻوليءَ ڏانهن روين ۽ سياءَ ڪان علاوه، سنڌي عالمن ۽ اديبن جي ڪم بابت اهم سوال اٿاريا ويا جن تي بحث ڪيو ويو. هن بحث ۾ رسول بخش پليجو، اعجاز قريشي، امداد حسيني، حسين بخش ٿيبو، سحر پٽي، جامي چانڊيو ۽ ٻين ڀرپور حصو ورتو. جڏهن ته ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر قاضي خادم، مراد علي مرزا کان علاوه ٻين ڪيترن عالمن ۽ اديبن شرڪت ڪئي ).

# قلم تازو (Post Script)

هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن، مقالن توڙي گفتگو ۽ بحث دوران ظاهر ٿيندڙ يا اخذ ڪيل نتيجا، رايا، فيصلا ۽ ويچار پنهنجي ذاتي مطالعي، مشاهدي ۽ تحقيق تي آڌاريل آهن. جيڪي تحقيق جي بنيادي اصول مطابق ڪنهن به طرح حرف آخر نہ، پر آزمائشي ۽ عارضي آهن، جيئن تحقيق ۽ تنقيد جو دائرو وڌندو، مطالعي ۾ وسعت ۽ مشاهدي جي سگهہ ۽ اهليت ۾ واڌارو ايندو، تيئن پيش ڪيل نتيجن، راين ۽ ويچارن توڙي فيصلن ۾ ترميم ۽ تبديليءَ جي گنجائش پيدا ٿيندي. اها گنجائش ايندڙ محقق ۾ پيدا ٿئي، توڙي موجوده محقق ذريعي ظاهر ٿئي، ٻنهي صورتن ۾ تنقيد ۽ تحقيق جي علم جي سماجي ڀلائيءَ واري تصور کي وڌيڪ سگهارو بڻائيندي.

مختلف مقالن ۾ تحقيق ڪرڻ، حوالي ڏيڻ ۽ ڪنهن ليکڪ جي راءِ يا ويچار پيش ڪرڻ جو طريقو پڙهندڙ کي مختلف لڳندو. اهو ڪنهن حد تائين مناسب ٿئي ها ۽ مونکي ڪا خاص محنت بہ نہ ڪرڻي پوي ها، جيڪڏهن سيني ۾ هڪ ئي طريقو رکيو وڃي ها، پر هتي منهنجي خواهش آهي تہ مختلف وقتن تي ڇپيل مواد جيئن جو تيئن ان وقت رائج طريقي يا مونکي معلوم طريقي ۽ اهليت مطابق پڙهندڙن تائين پهچي، جنهن مان مراد پڙهندڙن کي تحقيقي طريقي جي ارتقائي تبديليءَ سان گڏ ليکڪ جي اهليت، تربيت ۽ مشاهدي جي قوت ۽ ذهني توڙي علمي اوسر ۽ ارتقا جي پروڙ بہ پئجي سگهي.

هن ڪتاب ۾ شامل مختلف مضمونن، مقالن ۽ ٻئي مواد ۾ ڪيترن عالمن، فلاسافرن، اديبن، شاعرن، نقادن ۽ محققن جي ڪاوشن مان ٽڪرا يا ويچار حوالي طور ڪنيا ويا آهن، ڪٿي انهن کي پنهنجي مقصد ۽ ويچارن کي چٽي طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي تہ، ڪٿي سندن ويچارن تي تيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد صرف تنقيد ۽ تحقيق جي علم کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش آهي. آءُ انهن مڙني جو نهايت شڪر گذار آهيان، جن جو ذڪر ڪتاب ۾

مختلف ۽ مناسب جاين تي حوالي طور ڪيو ويو آهي. انهن جي علمي کاوشن مان مواد ۽ ويچارن کي کڻڻ، استعمال ۽ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ کان سواءِ منهنجو هي ڪم ڪڏهن بہ موجوده صورت کي ڪو نہ رسي ها.

هي مواد سهيڙي ڇپائڻ جي خواهش ۽ ضرورت ايم اي پريويس ۽ فائنل کان علاوه منهنجي نظرداريءَ هيٺ تحقيقي ڪم ڪندڙ ادب، ٻولي ۽ سماجيات جي شاگردن جي هئي، جنهن مطابق هن ڪتاب کي ڊسمبر 1996ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيڻ گهرجي ها. پر ڪيترن ئي ذاتي ۽ علمي سببن ڪري ايئن ٿي نہ سگهيو ۽ هاڻي ڪافي دير کان پوءِ اڳ شاگردن طرفان سهيڙيل مواد جو اڌ هن ڪتاب جي صورت ۾ ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. جنهن جو ذميوار آءٌ پاڻ ئي آهيان.

ڪتاب ۾ شامل مواد پهرين نظر ۾ پڙهندڙن کي الڳ الڳ موضوعن تي لکيل مضمون، مقالا، گفتگو ۽ بحث ياسندا پر جيئن انهن جي گهرائيءَ ۾ ويندا ۽ ڪجهہ سنجيدگيءَ سان مطالعي جي ڪوشش ڪري غور و فڪر ڪندا تہ سمورو مواد هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ۽ ڳڙو ڳڙي سان مليل نظر ايندو، جيڪو سڀ ٻولي، ادب، سماج ۽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي اڀياس جي حوالي سان ترتيب ڏنل آهي.

هن ڪتاب لاءِ پيش لفظ ۽ بہ اکر توڙي تعارف لکڻ لاءِ سائين سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ محترم ايم ايچ پنهور جو نهايت ٿورائتو آهيان جن وقت اندر پنهنجو ڪم پورو ڪري ڏنو.

سنڌيڪا اڪيڊميءَ جو سرواڻ پنهنجي ليکي اهم ۽ سنجيده موضوعن تي علمي، ادبي ۽ تاريخي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪندو رهيو آهي، جنهن لاءِ هو نہ صرف جَسَ لهڻي، پر علمي، ادبي ۽ اشاعتي تاريخ ۾ سنڌس ذڪر سنين لفظن ۾ ڪيو ويندو. منهنجي هن ڪتاب ڇپي پڌري ڪرڻ لاءِ مان سنڌس نهايت ئي ٿورائتو آهيان، مهرباني ادا نور احمد.

پڙهندڙن طرفان لکت ۾ علمي صلاح، ويا ڪيا، چنڊ ڇاڻ، تبصري يا تنقيد کي پنهنجي تربيت سمجهندي شڪر گذار ٿيندس.

قاسم ٻگهيو

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

18 - مارچ 1998ع

لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

ڊاڪٽر قاسم ٻگھيو

79

سنڌيڪا اڪيڊمي

مون جيڪي قاسم ٻگهئي جي هن ڪتاب مان پرايو آهي، سو هي آهي ته اڄو ته پٿر جي دور کان ڪمپيوٽر جي دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ايڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريون جو سماجي حوالي سان سنڌي معاشرو، هڪ معاشري طور، ايڪهين صديءَ ۾ داخل ٿي سگهي. نه اسين پنهنجي رهجي وڃون ۽ نه اسان کي کو الزام ڏي ته ٻيلي، سنڌي ٻولي ڇاڪاڻ ته غير موافق حالتن، پنهنجن جي لاپرواهين ۽ ٻين جي عداوتن ۽ دشمنين جو شڪار هئي، ان ڪري سنڌس ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ وارا همت هاري ويٺا ۽ ان ڪري مري وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي ان حيات ۽ جيئري رهڻ جي جبلت جي حوالي سان قاسم ٻگهئي جو هي ڪتاب هڪ اهم دستاويز آهي. ۽ ان کي ڪن غير اهم اوڻاين جي باوجود هڪ اهڙي حيثيت حاصل آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڀل اسانجا ٻيا استاد به هن جهڙي محنت ڪن ۽ سائنسي بنيادن تي سنڌيءَ کي ان لائق بڻائين جون ان لاءِ اها هام هڻي سگهجي ته هائو ٻيلي، هيءَ زبان زنده رهڻ لاءِ ئي وجود ۾ آئي هئي.

سراج

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسُل (پَنَ) ڪا ٻہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو ٻہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄَڱَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٽاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن کري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد کري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ٽاٽڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽُٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)